ABC Certified THE MOST INFLUENTIAL & WIDELY ACCLAIMED SINDHI DAILY OF PAKISTAN
هڪ ئي وقت ڪراچي ۽ حيدرآباد مان شايع ٿيندڙ قديم سنڌي اخبار
THE DAILY IBRAT Hyderabad
روزاني عبرت حيدرآباد
68 Years 1958 - 2025
Regd: NO-2430-B
Hyd: Ph: 2728703-4, 2728571-2, Fax: 2781879, 2784300 - Isld Ph: 2823277
Karachi Ph: 2272030-7 - 4538862-3 - Fax: 2272038-9 - 4543839 - 2639492- Lahore: Ph: 5854047-8
سال (94) جمعو 05 ڊسمبر 2025ع 13 جمادي الثاني 1447هه صفحا 6 - ملهه 30 رپيا شمارو (112)
website: www.dailyibrat.com Email: ibrat@yahoo.com, ibratmarketing@yahoo.com

Daily Ibrat Karachi Friday 5th December 2025
سال (18) جمعو 05 ڊسمبر 2025ع 13 جمادي الثاني 1447هه صفحا 6 - ملهه 30 رپيا شمارو (75)
Daily Ibrat Hyderabad Friday 5th December 2025

شيون بهتري ڏانهن وڃي رهيون آهن، هاڻ پاڪستان اوچي اڏام پريندو: چيف آف ڊفينس فورسز سيد عاصم منير

صدر مملڪت آصف زرداري فيلڊ مارشل عاصم منير کي چيف آف ڊفينس فورسز مقرر ڪرڻ جي منظوري ڏئي ڇڏي

وزيراعظم محمد شهباز شريف فيلڊ مارشل سيد عاصم منير جي چيف آف آرمي اسٽاف ۽ چيف آف ڊفينس فورسز مقرري طور سمري منظوري ڪاڻ ايوان صدر موڪلي هئي

صدر چيف آف آرمي اسٽاف جي چيف آف ڊفينس فورسز طور 5 سالن تائين مقرري جي منظوري ڏئي ڇڏي، فيلڊ مارشل عاصم منير پاڪستان جو پهريون چيف آف ڊفينس فورسز هوندو: پڌرائي

سڀ ٺيڪ آهي ۽ سيني جي سامهون آهي، دشمن پاڪستان کي ميري سان ڏسڻ جي جرئت به نٿو ڪري سگهي، پاڪ فوج دشمن جا ارادا مٽيءَ ۾ ملائڻ لاءِ هر وقت تيار آهي: فيلڊ مارشل

دهشتگردي خلاف جنگ ۾ پاڪ فوج سميت سيڪيورٽي فورسز جي جانين جا نذرانا ۽ شهرين جون قربانيون فراموش نٿيون ڪري سگهن، اسين دشمن جي ارادن کان باخبر آهيون: سيد عاصم منير

اسلام آباد (مانيٽرنگ ڊيسڪ) صدر آصف علي زرداري چيف آف ڊفينس فورسز جي مقرري جي منظوري ڏئي ڇڏي وزيراعظم شهباز شريف فيلڊ مارشل سيد عاصم منير جي چيف آف آرمي اسٽاف ۽ چيف آف ڊفينس فورسز مقرري طور سمري منظوري ڪاڻ ايوان صدر موڪلي هئي

بقايا نمبر 11 ڏسو صفحو 2

پاڪستان ۽ ايران پاران آر ٽي آءِ ريل هن سال بحال ڪرڻ تي اتفاق

اسلام آباد (اي پي پي) پاڪستان ۽ ايران ٻطرفي واپاري ۽ سفارتي لاڳاپن ۾ هڪ نئين باب جو اضافو ڪندي استنبول-

بقايا نمبر 1 ڏسو صفحو 2

افغان حڪومت پاڪستان جي جائز سيڪيورٽي خدشن کي ختم ڪرڻ ۽ دهشتگردن خلاف ٺوس قدم کڻي: پاڪستان/ڪرغستان

پاڪستان ۽ ڪرغزستان پاران گڏيل اقتصادي تعاون، ٻطرفي واپار ۽ سيڙپڪاري کي وڌائڻ تي اتفاق

وزيراعظم شهباز شريف ۽ ڪرغزستان جي صدر صدر صادر زپاروف وچ ۾ وفدن جي سطح تي ملاقات، نائب وزيراعظم اسحاق ڊار، فيلڊ مارشل سيد عاصم منير سميت اهم وفاقي وزير ۽ سينيئر عملدار به شريڪ

اجلاس ۾ اڳواڻن پاڪستان ۽ ڪرغزستان جي لاڳاپن جيڪي تاريخي رابطن، گڏيل تهذيب ۽ قدرن ۽ علائقائي امن ۽ خوشحالي جي گڏيل ويزن تي قائم آهن، جي فروغ ۽ توسيع جي اهميت تي زور ڏنو

تڪرارن کي عالمي قانون خاص طور تي گڏيل قومن جي چارٽر ۽ سلامتي ڪائونسل جي لاڳاپيل قراردادن موجب پرامن طريقي سان حل ڪرڻ گهرجي، افغان حڪومت عالمي برادري سان ڪيل واعدا پورا ڪري: اتفاق

فلسطيني عوام جي خودمختياري جي حق ۽ هڪ خودمختيار، قابل عمل، متحد ۽ آزاد فلسطيني رياست چاهيون ٿا، جيڪا جون 1967ع کان اڳ جي سرحدن ۽ القدس الشريف بطور گادي واري شهر تي ٻڌل هجي

ٻنهي ملڪن ۾ مختلف شعبن بشمول توانائي معدنيات، واپار، تعليم، قانون ۽ انصاف، ثقافت ۽ سياحت ۾ گڏيل دلچسپي جي 15 مفاهمت جي ياداشتن جي مثلسلا ۽ معاهدن تي صحيحن واري تقريب پڻ ٿي

اسلام آباد (اي پي پي) پاڪستان ۽ ڪرغزستان گڏيل اقتصادي تعاون ۾ اضافي جي ضرورت کي اجاگر ڪندي ٻطرفي واپار ۽ سيڙپڪاري کي وڌائڻ تي اتفاق ڪيو آهي جڏهن ته پرامن ۽ مستحڪم افغانستان ۽ افغان عوام جي لاءِ پائيدار مستقبل جي عزم جو ورجاءُ ڪندي ان ڳالهه تي پڻ اتفاق ڪيو آهي ته افغان طالبان حڪومت کي عالمي برادري سان ڪيل

بقايا نمبر 2 ڏسو صفحو 2

اسلام آباد: وزيراعظم شهباز شريف ۽ ڪرغستان جو صدر گڏيل پڌرنامي تي صحيحون ڪرڻ بعد ڪاغذن جي ڏي وٺ ڪري رهيا آهن، ٻئي طرف ٻنهي ملڪن وچ ۾ ڦاهن تي صحيحون ڪيون پيون وڃن

پاڪستان ۽ ڪرغزستان ۾ ٻطرفو واپاري ڪاٽو 200 ملين ڊالر تائين وڌائڻ جو اعلان

ڪرغستان سان لاڳاپا اهم آهن، ڪرغزستان سان لاڳاپن کي تمام گهڻي اهميت ڏي ٿو: وزيراعظم

اسان ڪرغزستان کي پنهنجي بندرگاهن جي ذريعي علائقائي ۽ عالمي منڊين تائين پهچ ڏينداسين

ڪرغزستان جي صدر سان ڳالهه ٻولهه ۾ مختلف شعبن ۾ تعاون، علائقائي ۽ عالمي معاملن تي ڳالهه ٻولهه ٿي آهي

اسلام آباد (اي پي پي) وزيراعظم محمد شهباز شريف پاڪستان ۽ ڪرغزستان جي وچ ۾ ٻطرفو واپاري ڪاٽو 200 ملين ڊالر تائين وڌائڻ جي عزم جو ورجاءُ ڪندي چيو آهي ته پاڪستان ڪرغزستان سان لاڳاپن

بقايا نمبر 12 ڏسو صفحو 2

اسلام آباد: پرڏيهي وزير اسحاق ڊار ڪرغستان جي صدر سان ملاقات ڪري رهيو آهي

سينيٽ انساني حقن بابت قومي ڪميشن (ترميم) بل 2025ع منظور ڪري ورتو

اسلام آباد (اي پي پي) سينيٽ انساني حقن بابت قومي ڪميشن (ترميم) بل

بقايا نمبر 13 ڏسو صفحو 2

وفاقي آئيني عدالت ۾ ايس اين جي پي ايل ۽ اين آءِ آر سي ڪيس اڄ ٻڌڻي لاءِ مقرر

اسلام آباد (اي پي پي) وفاقي آئيني عدالت ۾ سوئي ناردن گئس پائيپ لائينز لميٽيڊ (ايس اين جي پي ايل) طرفان

بقايا نمبر 14 ڏسو صفحو 2

سعودي عرب طرفان پاڪستان جي اقتصادي مدد لاءِ 3 ارب ڊالر ڊپازٽ جي مدي ۾ واڌ

ها رقم حڪومت پاڪستان جي درخواست تي اسٽيٽ بئنڪ آف پاڪستان وٽ جمع ڪرائي وئي هئي

ڊپازٽ جي مدي ۾ توسيع پاڪستان لاءِ سعودي عرب جي مسلسل مالي مدد جو حصو آهي: اختياريون

اسلام آباد (اي پي پي) سعودي فنڊ فار ڊوليپمينٽ سعودي عرب جي حڪومت طرفان 3 ارب ڊالرجي ڊپازٽ جي مدي ۾

بقايا نمبر 15 ڏسو صفحو 2

وزيراعظم شهباز شريف ۽ ڪرغزستان جي صدر ۾ ملاقات

مختلف شعبن ۾ گڏيل تعاون تي خيالن جي ڏي وٺ ڪئي وئي

صدر صادق زپاروف پاڪستان ۾ شاندار استقبال تي وزيراعظم جا ٿورا مڃيا

اسلام آباد (اي پي پي) وزيراعظم محمد شهباز شريف ۽ ڪرغزستان جي صدر صادر زپاروف جي وچ ۾ ٻطرفي ملاقات ٿي جنهن

بقايا نمبر 3 ڏسو صفحو 2

اسلام آباد: الزروني گروپ جو سربراهه سهيل الزروني کي سينيٽ چيئرمين يوسف رضا گيلاني شيلڊ پيش ڪري رهيو آهي

برطانيا کان شهزاد اڪبر ۽ عادل راجا جي حوالگي جي درخواست

وفاقي گهرو وزير محسن نقوي سان برطانوي هاءِ ڪمشنر جين ميرٽ جي ملاقات

گهرو وزير شهزاد اڪبر ۽ عادل راجا جي حوالگي بابت سرڪاري دستاويز حوالي ڪيا

اسلام آباد (مانيٽرنگ ڊيسڪ) حڪومت پاڪستان برطانيا کان شهزاد اڪبر ۽ عادل راجا جي حوالگي جي باضابطا درخواست

بقايا نمبر 4 ڏسو صفحو 2

ڪراچي جي اندر وارن ۽ نڪرندڙ رستن تي سيڪيورٽي سخت، دهشتگردن خلاف آپريشن وڌيڪ تيز

ڊي جي رينجرز سنڌ جي صدارت هيٺ رينجرز هيڊ ڪوارٽر ۾ هڪ سيڪيورٽي ڪانفرنس منعقد

قانون لاڳو ڪندڙ ادارن کي سخت چيڪنگ، سرچ ۽ ڪومبنگ آپريشن وڌائڻ جون هدايتون

ڪراچي (بيورو رپورٽ) ڪراچي جي اينڊ ۽ نڪرڻ وارن رستن تي چيڪنگ جي عمل کي وڌيڪ سخت ڪرڻ جا حڪم جاري

بقايا نمبر 16 ڏسو صفحو 2

پاڪستان ۾ هميشه مذهبي هم آهنگي رهي آهي: کيئل داس ڪوهستاني

سمورن مذهبن جا پيروڪار هڪ ٻئي جا ٿهوار گڏجي ملهائيندا آهن: مملڪتي وزير

سنڌ، بلوچستان، پنجاب ۽ ڪي پي ڪي صوفين جي سرزمين آهي، ناانصافي برداشت نه ڪنداسين

اسلام آباد (اي پي پي) مذهبي معاملن

بقايا نمبر 5 ڏسو صفحو 2

نذير افضل چن جي خيبرپختونخوا جي گورنر سان ملاقات، اهم معاملن تي ڳالهيون

اسلام آباد (م ڊ) پاڪستان پيپلز پارٽي

بقايا نمبر 6 ڏسو صفحو 2

ملڪ ۾ اسٽيبلشمينٽ سان رابطا رکڻ کانسواءِ سياست نٿي ڪري سگهجي: بيرسٽر سيف

پي ٽي آءِ ۾ ڪيئي ماڻهو هوندا جيڪي الزام لڳائيندا ۾ مان جيڪو اندر آهيان اهوئي ٻاهر آهيان

منهنجا اسٽيبلشمينٽ سان لاڳاپا آهن ۾ مان اسرائيل ۽ ڀارت سان لاڳاپن جي ڳالهه نه ڪري رهيو آهيان

پشاور (م ڊ) تحريڪ انصاف جي اڳواڻ بيرسٽر محمد علي سيف چيو آهي ته اسٽيبلشمينٽ سان رابطا رکڻ کان سواءِ هن

بقايا نمبر 7 ڏسو صفحو 2

نيپا چورنگي جي دردناڪ واقعو دردناڪ آهي ڪنهن به اداري پنهنجو ڪم نه ڪيو: ناصر شاهه

ماڻهن سان ڪاميل ميون هولن ۽ گٽرن ۾ ڪري ڦوٽ ٿيندڙ ٻارن جو انگ 22 تي پهچي چڪو آهي

جيڪو ميونسپل ڪاميٽي ۽ يونين ڪائونسل جي انتظامي ناڪاميءَ جو بدترين مثال آهي

ڪراچي (رپورٽ: راهب ڳاهو) مڪاني ادارن واري صوبائي وزير سيد ناصر حسين شاهه سانحي نيپا چورنگي جي دردناڪ

بقايا نمبر 17 ڏسو صفحو 2

آسٽريليا جي هاءِ ڪمشنر جو گورنر سنڌ ڪامران ٽيسوري سان ملاقات

ملاقات ۾ زرعي ٽيڪنالاجي، آئي ٽي ۽ معدني وسيلن ۾ تعاون وڌائڻ تي اتفاق

گورنر انيشيئيٽوز تحت مفت آئي ٽي تعليم فراهمي ساراهه جوڳو قدم آهي: ٽموٿي ڪين

ڪراچي (بيورو رپورٽ) آسٽريليا جي هاءِ

بقايا نمبر 18 ڏسو صفحو 2

پاڪستاني عورتون ڪرڪيٽ ۾ عالمي سطح تي ملڪ جو نالو روشن ڪن پيون: شاهينه شبير

نه صرف بين الاقوامي ۾ روايتي ڪاڌن کي دنيا ۾ متعارف ڪرائي مڃتا حاصل ڪن پيون

ڪراچي (بيورو رپورٽ) سنڌ جي عورتن جي

بقايا نمبر 19 ڏسو صفحو 2

پنجاب ٽريفڪ ۽ ضلعي پوليس جا سخت قدم مڪمل طور ناقابل قبول آهن: ملڪ شهزاد

حد کان وڌيڪ جرمانن سبب ٽرانسپورٽ انڊسٽري مفلوج ٿي چڪي آهي

پوليس اهلڪار مڪمل دستاويز هئڻ باوجود ڊرائيورن کي هراسان ڪري رهيا آهن

ڪراچي (بيورو رپورٽ) آل پاڪستان گڊز ٽرانسپورٽ ايسوسيئيشن جي مرڪزي اڳواڻ ملڪ شهزاد اعوان پنجاب حڪومت جي

بقايا نمبر 8 ڏسو صفحو 2

11 هين اين ايف سي ايوارڊ جي معاملن کي ڪاميابي سان پڄاڻي تائين پهچائينداسين: وفاقي وزير محمد اورنگزيب

وفاقي حڪومت جو واضح عزم هو ته 11 هين اين ايف سي جو افتتاحي اجلاس ڪنهن دير کانسواءِ گهرايو وڃي، وزيراعظم جي ان گهري دلچسپي هئي

پنجاب، خيبرپختونخوا ۽ سنڌ ۾ آيل تباهي آٿيندڙ ٻوڏ سبب اجلاس ملتوي ڪرڻو پيو، اين ايف سي جي حوالي سان خدشن جو بهترين حل مخلصاڻين ۽ شفاف ڳالهين آهن

هن سال ملڪ کي ڀارت طرفان غير معمولي خطرن ۽ شديد ٻوڏن جهڙن چيلينجز کي منهن ڏيڻو پيو، انهن ڏکين حالتن ۾ اسان هڪ مضبوط وفاق جي صورت ۾ متحد بيٺل رهياسين

مڪيٽي جي ڳالهه ٻڌڻ ۽ گڏيل اتحاد، تعاون ۽ گڏيل احترام جي جذبي سان معاملن کي اڳتي وڌائينداسين، اينڊز فنڊز ۽ مهينن ۾ اهي بامقصد ۽ تعميري بحث جاري رهندا: اجلاس ۾ خطاب

اسلام آباد (اي پي پي) ناڻي واري وفاقي وزير سينيٽر محمد اورنگزيب چيو آهي ته قومي ماليات ڪميشن جو ڪردار ملڪ ۾ وسيلن جي منصفاڻي ورهاست، ماليات استحڪام ۽ پائيدار معاشي ترقي لاءِ بنيادي اهميت رکي ٿو 11 هين اين ايف سي ايوارڊ جي معاملن کي ڪاميابي سان

بقايا نمبر 10 ڏسو صفحو 2

سمورا ٽائون چيئرمين پنهنجن علائقن ۾ عوامي ڀلائي وارا ڪم تيز ڪن: سعيد غني

شهرين کي پاڻي، صفائي جون سهولتون فراهم ڪرڻ ٽائونز جي پهرين ترجيح هئڻ گهرجي

مين هولز تي ڍڪڻن جي موجودگي يقيني بڻايو وڃي ۽ چوري روڪڻ لاءِ مؤثر قدم کنيا وڃن

ڪراچي (بيورو رپورٽ) صوبائي وزير محنت

بقايا نمبر 9 ڏسو صفحو 2

Sukkur IBA University
SUKKUR IBA UNIVERSITY
12th Convocation 2025

12th CONVOCATION 2025
SUKKUR IBA UNIVERSITY

CELEBRATING OUR GRADUATES & SHOWCASING OUR ACHIEVEMENTS

Sukkur IBA University celebrates its 12th Convocation held on **Friday, December 05, 2025.** This year, 826 graduates will receive degrees, including 766 undergraduate, 60 postgraduate, and 5 PhD graduates, with 31 medals to be awarded for outstanding academic achievements. Join us as we celebrate the hard work, success, and bright futures of our graduating class.

VICE CHANCELLOR'S MESSAGE - SUKKUR IBA UNIVERSITY

At Sukkur IBA University, we are committed to excellence, innovation, and merit. As we celebrate this convocation, we take pride in our graduates—future leaders prepared to succeed in a rapidly evolving world. Through global partnerships, advanced programs, and technology-driven reforms, we continue to strengthen a diverse and inclusive academic environment. With a focus on transformative education and social impact, we remain dedicated to developing ethical, skilled, and responsible professionals for a brighter future of Pakistan.

Prof. Dr. Asif Ahmed Shaikh

OGDCL National Talent Hunt Program

Sukkur IBA University in collaboration with OGDCL empowers talented youth nationwide through fully-funded scholarships, fostering equitable access to higher education and transformative opportunities.

Complaint Management System Anti-Corruption Establishment

SIBAU developed a digital Complaint Management System for the Anti-Corruption Establishment, Government of Sindh, enabling transparent submission, tracking, and resolution to strengthen accountability.

e-Daftar System for Sindh Secretariat

The e-DAFTAR system digitizes file movement with secure workflows, real-time tracking, digital signatures and dashboards, enhancing efficiency, transparency and citizen-focused service delivery across Sindh Secretariat.

CSS Scholarship Program

Sukkur IBA University awarded 83 CSS scholarships to deserving aspirants, with VC Prof. Dr. Asif Ahmed Shaikh appreciating Chairman Syed Kumail Hyder Shah's support in enabling this initiative.

Digitization of Board of Revenue

SIBAU created a blockchain-based land records system for the Board of Revenue, Government of Sindh, digitizing ownership, ensuring tamper-proof transfers, enabling NADRA-verified e-transfers, and improving governance.

Reko Diq Scholarship

The Reko Diq Scholarship Program offers fully-funded scholarship opportunities for the youth of Chaghai District, including a foundation program at Sukkur IBA University and guidance for admission in other top Pakistani universities.

MDCAT TEST 2025

Sukkur IBA University, through SIBA Testing Services, ensures transparent, secure, merit-based MDCAT admissions, upholding integrity and providing equitable opportunities for aspiring medical and dental professionals across Sindh.

Sukkur IBA University - Ghotki Campus

Sukkur IBA University established its Ghotki Campus in collaboration with the Government of Sindh, ensuring quality education and modern facilities for regional academic advancement.

Peoples Information Technology Program (PITP)

Sukkur IBA University, in partnership with the Government of Sindh, is offering free IT training to thousands of students under Peoples Information Technology Program (PITP).

Sindh Job Portal (SJP)

Sindh Job Portal, developed by Sukkur IBA University, digitally transforms public recruitment with AI-based matching, multilingual access, full automation and transparent, merit-driven hiring for citizens across Sindh.

Pakistan Literature Festival (PLF)

Pakistan Literature Festival 2025 – Sukkur Chapter, hosted by Sukkur IBA University, celebrated arts, culture and literature, fostering dialogue, creativity and collaboration across the region with strong governmental support.

SUKKUR IBA UNIVERSITY-MAIN CAMPUS
NISAR AHMED SIDDIQUI ROAD, SUKKUR.
PH: 071-5644276, 5644218, 5644320
admission@iba-suk.edu.pk
www.iba-suk.edu.pk

ڪراچي ۾ 183 هين انٽر بورڊ ڪوآرڊينيشن ڪميشن اجلاس، ڊجيٽلائيزيشن، اي-مارڪنگ سان لاڳاپيل پروگرام جو افتتاح

اسان سنڌ جي تعليمي بورڊن ۾ اهڙو نظام قائم ڪرڻ چاهيون ٿا جيڪو شفاف، قابل اعتماد ۽ ڊجيٽل پڻ هجي: محمد اسماعيل راهو

اسان جي ترجيح اي-مارڪنگ ۽ ڊجيٽلائيزيشن کي فروغ ڏيڻ، جديد سامان فراهم ڪرڻ ۽ يقيني بڻائڻ آهي ته هر ٻار کي معياري تعليم تائين رسائي حاصل هجي

ڪيمرائي پيپر ڪاميابي سان اي-مارڪ ڪيا ويا آهن ۽ ايندڙ سال اسان ممڪن حد تائين وڌيڪ پيپر اي-مارڪ ڪرڻ جي ڪوشش ڪري رهيا آهيون

ڪراچي (بيورو رپورٽ) سنڌ بورڊز ڪميٽي آف چيئرمين (SBCC) پاران ۽ هائير سيڪنڊري ايجوڪيشن بورڊ ڪراچي جي تعاون سان 183 هين انٽر بورڊز ڪوآرڊينيشن ڪميشن (IBCC) جو ٻن ڏينهن وارو اجلاس هڪ مقامي هوٽل ۾ شروع ٿي ويو آهي. اجلاس ۾ ملڪ جي تعليمي بورڊن جا چيئرمين ڪنٽرولر سيڪريٽري ۽ مختلف اسٽيڪ هولڊر شرڪت ڪري رهيا آهن. تقريب جو خاص مهمان يونيورسٽين ۽ تعليمي بورڊن جو وزير محمد اسماعيل راهو هو. يونيورسٽين جي وزير اسماعيل راهو ملڪ جي امتحاني بورڊن ۾ ڊجيٽلائيزيشن اي-مارڪنگ ۽ جديد امتحاني نظام سان لاڳاپيل هڪ اهم پروگرام جو باضابطه افتتاح ڪيو. ان موقعي تي سيڪريٽري يونيورسٽيز ۽ بورڊز ڊپارٽمينٽ محمد عباس بلوچ ۽ ايگزيڪيوٽو ڊائريڪٽر آءِ بي سي سي غلام علي ملاح پڻ موجود هئا. اجلاس کي خطاب ڪندي يونيورسٽيز ۽ بورڊز جي وزير محمد اسماعيل راهو چيو ته اڄ جو اجلاس پاڪستان جي امتحاني نظام ۾ جدت آڻڻ جي طرف هڪ مضبوط قدم آهي. اسان سنڌ جي تعليمي بورڊن ۾ هڪ اهڙو امتحاني نظام قائم ڪرڻ چاهيون ٿا جيڪو نه صرف جديد گهرجن سان مطابقت رکي پر شفاف، قابل اعتماد ۽ مڪمل طور تي ڊجيٽل پڻ هجي. اسان جي ترجيح سڀني بورڊن ۾ جلد کان جلد اي-مارڪنگ ۽ ڊجيٽلائيزيشن کي فروغ ڏيڻ، جديد سامان فراهم ڪرڻ ۽ يقيني بڻائڻ آهي ته هر ٻار کي معياري تعليم تائين رسائي حاصل هجي. اسماعيل راهو وڌيڪ چيو ته هن سال سنڌ جي تعليمي بورڊن ۾ ڪيمرائي پيپر ڪاميابي سان اي-مارڪ ڪيا ويا آهن ۽ ايندڙ سال اسان ممڪن حد تائين وڌيڪ پيپر اي-مارڪ ڪرڻ جي ڪوشش ڪري رهيا آهيون. اسان امتحاني نتيجن کي شفاف بڻائڻ، پيپر ليڪ جهڙن مسئلن تي ضابطو آڻڻ ۽ نقل کي ختم ڪرڻ لاءِ هر ممڪن قدم کڻي رهيا آهيون. امتحاني نظام کي بهتر بڻائڻ اسان جي گڏيل ذميواري آهي ۽ اهو حوصلا افزائي ڪندڙ آهي ته سڀئي بورڊ ان حوالي سان متحد آهن. اجلاس جي صدر ۽ هائير سيڪنڊري ايجوڪيشن بورڊ ڪراچي جي چيئرمين فقير محمد لاکو مهمان خاص وزير محمد اسماعيل راهو ۽ سيڪريٽري محمد عباس بلوچ جي آمد تي شڪريو ادا ڪيو ۽ چيو ته آءِ بي سي سي جو هي اجلاس ملڪ جي سڀني تعليمي بورڊن کي هڪ پليٽ فارم تي گڏ ڪري ٿو جتي امتحاني نظام کي بهتر بڻائڻ ڊجيٽل سسٽم متعارف ڪرائڻ ۽ اي-مارڪنگ کي فروغ ڏيڻ جهڙن اهم نقطن تي گڏيل فيصلا ڪيا ويندا آهن. جديد امتحاني نظام ڏانهن اسان جو سفر تيزي سان اڳتي وڌي رهيو آهي، ۽ ان حوالي سان سنڌ حڪومت جي تعاون واري پاليسي تمام گهڻي تعريف جوڳي آهي. مون کي اميد آهي ته هي اجلاس اهم فيصلا ڪندو جيڪي ملڪ جي امتحاني ڍانچي کي جديد بڻائيندا. اجلاس دوران امتحاني سڌارن اي-مارڪنگ جي فروغ، ڊجيٽل امتحاني پليٽ فارمز شاگردن جي سهولت سان لاڳاپيل قدمن ۽ صوبن جي وچ ۾ هم آهنگي سان لاڳاپيل اهم ايجنڊا آئٽمز تي غور ڪيو پيو وڃي. جڏهن ته ڪيترن ئي پاليسي فيصلن جي پڻ توقع آهي.

ڪراچي ۾ ٻن الڳ الڳ ٽريفڪ حادثن ۾ ٻه ڄڻا فوت، هڪ زخمي

سپر هاءِ وي جي علائقي ڪاٺوڙ ويجهو نامعلوم گاڏي جي ٽڪر ۾ محمد نديم فوت ٿي ويو

چاڪر هوٽل ويجهو رڪشا اونڌي ٿيڻ سبب 38 سالن جو هڪ شخص فوت ٿي ويو

جڏهن ته حادثي ۾ زخمي محمد بحان ولد علي شير کي عباسي شهيد اسپتال منتقل ڪيو ويو

ڪراچي (بيورو رپورٽ) ڳڏاپ سٽي جي سپر هاءِ وي جي علائقي ڪاٺوڙ ويجهو نامعلوم گاڏي جي ٽڪر ۾ هڪ شخص فوت ٿي ويو. فوتي جي لاش کي ايڌي ايمبولينس ذريعي عباسي شهيد اسپتال منتقل ڪيو ويو. فوتي جي سڃاڻپ 45 سالن جي محمد نديم ولد محمد صادق جي نالي سان ٿي. ٻئي طرف سائيٽ سپر هاءِ وي جي سپر هاءِ وي تي چاڪر هوٽل ويجهو رڪشا اونڌي ٿيڻ سبب 38 سالن جو هڪ شخص فوت ٿي ويو ۽ هڪ شخص زخمي ٿي پيو. فوت ۽ زخمين کي ايڌي ايمبولينس ذريعي عباسي شهيد اسپتال منتقل ڪيو ويو. پوليس موجب فوت ٿيل شخص وٽان ڪجهه به نه مليو جيڪو ان جي فوري طور تي سڃاڻپ ڪري سگهي، جڏهن ته زخمي جي سڃاڻپ 45 سالن جي محمد سبحان ولد علي شير جي نالي سان ٿي.

ڪارادر جنرل اسپتال لياري ۽ ڀرپاسي سئو سالن کان وڌيڪ طبي خدمتون ڏئي رهي آهي: ناصر شاهه

تعليم خصوصاً نرسنگ جي شعبي ۾ افرادي قوت جي سخت ڪوٽ آهي، هن مقدس پيشو سان جڙي انسانن جون قيمتي جانون بچائي سگهجن ٿيون

ڪارادر جنرل اسپتال اسڪول آف نرسنگ جا هزارين گريجوئيٽ صحت جي شعبي ۾ پنهنجو اهم ڪردار ادا ڪري رهيا آهن

صوبائي وزير سيد ناصر حسين شاهه ڪارادر جنرل اسپتال اسڪول آف نرسنگ جي پهرين ڪانووڪيشن تقريب ۾ خطاب

ڪراچي (بيورو رپورٽ) اعليٰ ۽ ارفع مقصدن لاءِ وقف ادارا ۽ شخصيتون قومي سرمايو هوندا آهن تعليم ۽ صحت بنيادي ضرورتون آهن ۽ ڪنهن به سماج جي زندگي ۽ ڪاميابي جي ضمانت به آهن اهڙن خيالن جو اظهار صوبائي وزير سيد ناصر حسين شاهه ڪارادر جنرل اسپتال اسڪول آف نرسنگ جي پهرين ڪانووڪيشن تقريب ۾ خطاب ڪندي ڪيو هن وڌيڪ چيو ته ڪارادر جنرل اسپتال لياري ۽ ڀرپاسي جي ضرورت مند آبادي کي سئو سالن کان وڌيڪ معياري طبي خدمتون فراهم ڪري رهيو آهي جيڪو مستقل مزاجي اخلاص ۽ نيڪ نيتي جو روشن مثال آهي. هن چيو ته تعليم خصوصاً نرسنگ جي شعبي ۾ افرادي قوت جي سخت ڪوٽ آهي ۽ هن باوقار ۽ مقدس پيشو سان جڙي نه رڳو انسانن جون قيمتي جانون بچائي سگهجن ٿيون پر انسانن جي زندگي ۾ آسانيون به آڻي سگهجن ٿيون. ان موقعي تي ڪارادر جنرل اسپتال جي صدر انسان دوست ۽ مشهور صنعتڪار محمد بشير جان محمد چيو ته تعليم ۽ صحت جي شعبي کي هٿي وٺرائڻ اسان جي قومي ذميواري آهي. هن چيو ته ڪارادر جنرل اسپتال هر سال لکين زندگيون بچائڻ ۽ انهن زندگين ۾ بهتري آڻڻ جو اهم فرض سرانجام ڏئي رهيو آهي. ان سان گڏ ڪارادر جنرل اسپتال اسڪول آف نرسنگ جا هزارين گريجوئيٽ صحت جي شعبي ۾ پنهنجو اهم ڪردار ادا ڪري رهيا آهن. هن وڌيڪ چيو ته لياري ۽ ان سان لاڳاپيل ضرورت مند آبادي لاءِ معياري طبي خدمتون انتهائي رعايتي چارجز تي موجود آهن ۽ اها سهولت گذريل سئو سالن کان جاري آهي. ڪارادر جنرل اسپتال جي چيئرمين مشهور ڪميونٽي ڊوليپمينٽ ليڊر ستاره امتياز پروفيسر عبدالغفار بلو چيو ته اڄ جي ڪانووڪيشن جي تقريب خوشي اميد ۽ روشن مستقبل جي نويد آهي. اڄ جا گريجوئيٽ سچائي جا مسيحا هوندا ۽ انسانن جون زندگيون بچائڻ جو فرض نڀائيندا. هن چيو ته صحت جي شعبن ۾ بهتري ۽ صحت جي نظام کي مضبوط ڪرڻ لاءِ معياري افرادي قوت فراهم ڪرڻ بنيادي ضرورت آهي. ڊائو يونيورسٽي آف هيلٿ سائنسز پنهنجي بين الاقوامي معيار مسلسل صلاحيتن ۾ اضافي ۽ طبي چئلينجن سان منهن ڏيڻ لاءِ تحقيق کي هٿي ڏئي اعليٰ پيشورانه مهارت تي ٻڌل افرادي قوت پيدا ڪرڻ ۾ اهم ڪردار ادا ڪري رهي آهي. هن چيو ته ڪارادر جنرل اسپتال اسڪول آف نرسنگ پنهنجي اعليٰ تدريسي معيار ۽ جديد سهولتن سبب ٻين ادارن ۾ نمايان مقام رکي ٿو ۽ اسڪول جا نمايان نتيجا ان جو واضح ثبوت آهن. ان موقعي تي ملائيشيا جي قونصل جنرل هرمين داڻتنا احمد چيو ته ڪارادر جنرل اسپتال اسڪول آف نرسنگ جديد تعليم اعليٰ تربيت ۽ تحقيق جي رجحان کي هٿي ڏئي بهترين پروفيشنل معاشري کي ڏئي رهيو آهي. تقريب ۾ ڪارادر جنرل اسپتال جي چيف ايگزيڪيوٽو آفيسر ڊاڪٽر خالد اقبال چيو ته اڄ جو ڏينهن گريجوئيٽس انهن جي والدين ۽ استادن لاءِ تاريخي ڏينهن آهي. اڄ جو ڏينهن انهيءَ عزم جي تجديد جو ڏينهن آهي ته انسانن جون جانون قيمتي سمجهي انهن ۾ بهتري آڻڻ لاءِ پنهنجي مڪمل پيشورانه مهارت ۽ توانائي وقف ڪنداسين. هن چيو ته اڄ به معاشري ۾ موجود بيمارين جهڙوڪ ڊينگي، مليريا، ٽائيفائيڊ، خسره، هيپاٽائٽس ۽ ٻين بيمارين اسان لاءِ کليل چيلينج آهن ۽ انهن کي منهن ڏيڻ لاءِ صحت جي شعور کي وڌائڻ ۽ صفائيءَ جي اصولن تحت سماج کي منظم ڪرڻ ضروري آهي ته جيئن بيمارين کان بچي سگهجي. تقريب کي خطاب ڪندي ڊائريڪٽر اسڪول آف نرسنگ، ڪارادر جنرل اسپتال طلعت پروين شاهه شاگردن کي مبارڪباد ڏني ۽ چيو ته بنا ڪنهن رنگ، نسل ۽ مذهب جي فرق جي انسانن جون جانون بچائڻ لاءِ پنهنجو پيشورانو ڪردار ادا ڪرڻو آهي. هن چيو ته هڪ نرس اميد، زندگي ۽ صحت جي زنده علامت آهي جيڪا وبائي بيمارين جي حملن ۾ پنهنجي جان خطري ۾ وجهي ڪيترين قيمتي جانن کي بچائڻ ۾ پنهنجو اخلاقي ڪردار ادا ڪري ٿي. ان موقعي تي اسڪول جي پرنسپل محمد شاهد چيو ته جديد رجحان ۽ تحقيق کي اختيار ڪرڻ سان ئي نون چئلينجن کي منهن ڏئي سگهجي ٿو. تقريب جي پڇاڙي تي خاص مهمان گريجوئيٽس کي ڊگريون عطا ڪيون.

PAKISTAN CIVIL AVIATION AUTHORITY (PCAA)

پاڪستان سول ايوي ايشن اٿارٽي

INVITAITON FOR BIDS / TENDER NOTICE

REF. NO. HQPCAA/ADMIN/2025/021

RFP FOR HIRING OF CONSULTANT FOR CARRYING OUT FEASIBILITY STUDY FOR CONSTRUCTION OF PCAA HEADQUARTERS BUILDING AT MAUVE AREA, SECTOR G-9/4, ISLAMABAD

Pakistan Civil Aviation Authority (PCAA) invites bids from well reputed, tax registered companies/firms for Consultancy Services for CARRYING OUT FEASIBILITY STUDY FOR CONSTRUCTION OF PCAA HEADQUARTERS BUILDING AT MAUVE AREA, SECTOR G-9/4, ISLAMABAD.

Title of Work	Last Date & Time for Submission of Bids	Date & Time for Opening of Technical Bids
Consultancy Services for carrying out Feasibility Study for construction of PCAA Headquarters Building at Mauve Area, Sector G-9/4, Islamabad.	On or before 23rd December, 2025 till 11:00 am	23rd December, 2025 at 11:30 am

Tender Notice along with Tender Document containing complete Scope of Work with terms and conditions etc. are available for the registered bidders on **E-Pak Acquisition and Disposal System (EPADS)** at **http://eprocure.gov.pk**. This IFB / Tender Advertisement has also been uploaded on PPRA website **www.ppra.org.pk** and PCAA website **www.pcaa.gov.pk.**

The Bids along with Fixed Bid Security amounting to **PKR 1,500,000/- (Rupees One Million Five Hundred Thousand Only)** in shape of a Pay Order / Bank Guarantee (Scanned copy) in favor of **Pakistan Civil Aviation Authority,** along with required documents must be submitted by using **EPADS** electronically through **PPRA EPADS Portal**. Original Bid Security must be submitted (hard format in a sealed envelope) on or before the submission date and time at the address given below or else bid will be canceled.

All Bids will be opened through **EPADS** in the presence of PCAA Procurement Committee and representatives of the bidders who may wish to attend.

Pakistan Civil Aviation Authority reserves the right to accept / reject any or all bids in accordance with PPRA Rules.

Additional Director Administration
Headquarter, Pakistan Civil Aviation Authority,
B-6, KDA Scheme No. 01, Karsaz, Karachi.

www.pcaa.gov.pk PID K No.1949/25

INVITATION TO E-BID

THROUGH SAP ARIBA DISCOVERY

E-Bids are invited through SAP-ARIBA Discovery for the service/material given below under competitive bidding procedure as per Public Procurement Regulatory Authority (PPRA) rules;

SR #	TENDER NUMBER	DESCRIPTION	CLOSING DATE & TIME
1.	OGDCL-SCM-SERVICES-CB-CnESS-60-3373-305155837-2025	WATER SUPPLY FOR PDEW	22.12.2025 AT 1030 Hrs
2.	OGDCL-SCM-SERVICES-CB-PnP-60-3375-305164335-2025	WELDING & FABRICATION JOBS	23.12.2025 AT 1030 Hrs
3.	OGDCL-SCM-FD-CB-ECMP-305162970-2025	ROTARY SCREW AIR COMPRESSORS	07.01.2026 AT 1100 Hrs
4.	OGDCL-SCM-FA-CB-DS-305085497-2025	PARTIALLY HYDROLYZED POLY ACRYLAMIDE (PHPA)	07.01.2026 AT 1100 Hrs

EXTENSION IN BID CLOSING & OPENING DATE

2. Reference our Tender Notice(s) published in newspapers on **15.11.2025**, it is notified that the bid submission/opening date of the following case is extended as follows:

SR #	TENDER NO.	DESCRIPTION	REVISED CLOSING DATE & TIME
1.	OGDCL-SCM-SERVICES-CB-EXPL-303400461-2025	MAINTENANCE AND SUPPORT SERVICES FOR OMEGA-II HARDWARE	12.12.2025 AT 1030 HRS

3. Bidders who have already submitted/sent their proposals (bids) may take them back and re-submit the same before the revised closing date and time mentioned above.
4. All bids will be opened 30 minutes after the bids closing date & time.
5. Tender Notice/ detailed instructions are available on PPRA website at **www.ppra.org.pk.**
6. Tender documents are available online and bids are also required to be submitted online through e-procurement portal at **https://ogdcl.com/sap-ariba-tenders** or **https://discovery.ariba.com/profile/AN01562899621** for details see "Instruction for Bidders Section" of the tender documents.
7. OGDCL reserves the right to accept or reject any bid and to annul the bidding process and reject all the bids as per Public Procurement Regulatory Authority (PPRA) Rule-33.

General Manager (Supply Chain Management)
Oil & Gas Development Company Limited
OGDCL Headquarters, Plot 03, F-6/G-6, Jinnah Avenue, Blue Area Islamabad-Pakistan
ogdcl.com ogdc the energy No. 319/28

روزاني عبرت

ايڊيٽوريل
سنڌ جي هر ضلعي ۾ اي-چالان متعارف ڪرائڻ جو فيصلو
صفحو 4

محمود شام
ڪليل مين هول: حياتي لاءِ وڏو خطرو!
صفحو 4

جهالت انسانيت جو تباهه ڪندڙ گناهه آهي!
قمر زمان ڪوسو
صفحو 4

مزمل سهروردي
ڪي پي ۾ گورنر راڄ: هڪ جائزو!
صفحو 4

ڪوٽ غلام محمد لڳ پرائمري اسڪول قمر زمان قائمخاني جي عمارت جو تعميراتي ڪم رولڙيءَ جو شڪار

عمارت جو تعميراتي ڪم رولڙي جو شڪار هجڻ سبب شاگرد عارضي ٽينٽن ۾ تعليم حاصل ڪرڻ تي مجبور

تعميراتي ڪم اڌ ۾ ڇڏي وڃڻ سبب اسڪول جو ماحول ۽ صفائي جي لحاظ کان پڻ غير مناسب بڻجي ويو آهي: شهري

اهي ٽينٽ گرمي ۾ سخت گرم ۽ سياري ۾ ڏاڍا سرد ۽ برسات ۾ مڪمل طور پاڻي سان پرجي ويندا آهن: استاد

ڪوٽ غلام محمد (ن ع) گورنمنٽ پرائمري اسڪول قمر زمان قائمخاني جي عمارت جو تعميراتي ڪم رولڙي جو شڪار شاگرد عارضي ٽينٽن ۾ تعليم حاصل ڪرڻ تي مجبور ڪوٽ غلام محمد جي گورنمنٽ پرائمري اسڪول ڳوٺ قمرزمان قائمخاني جي عمارت جو تعميراتي ڪم ۾ مبينا بي ضابطين ناقص ميٽريل جي استعمال ۽ ٺيڪيدار جي بي توجهي سبب اسڪول جي نئين عمارت جو ڪم مهينن کان رولڙي جو شڪار بڻيل آهي، مقامي ماڻهن ...

... نه ئي پاسي اسڪول ۾ بجلي، چوديواري، واش روم ۽ فرنيچر جهڙيون بنيادي سهولتون سالن کان بلڪل به موجود نه آهن جنهن سبب شاگردن ۽ استادن کي شديد تڪليفون پيش اچي رهيون آهن. عمارت جو تعميراتي ڪم اڌ ۾ ڇڏي وڃڻ سبب اسڪول جو ماحول ۽ صفائي جي لحاظ کان پڻ غير مناسب بڻجي ويو آهي. بنيادي سهولتن جي کوٽ ۽ اڻ پورين انتظامن سبب شاگردن کي اين جي اوز پاران قائم ڪيل عارضي ٽينٽ ڪلاس ...

سخت پريشانيون پيش اچن ٿيون. گرمي ۾ ٽينٽن اندر ويهڻ ناممڪن ٿي وڃي ٿو جڏهن ته برسات دوران پڙهائي مڪمل طور معطل ٿي وڃي ٿي. مقامي ماڻهن، والدين ۽ سماجي اڳواڻن پاران مطالبو ڪيو ويو آهي ته تعميراتي ڪم جو ٽيڪنيڪل جائزو ورتو وڃي، مبينا ناقص ميٽريل استعمال ڪندڙن خلاف جاچ ۽ ڪارروائي ڪئي وڃي، اسڪول جي عمارت کي جلد مڪمل ڪري بنيادي سهولتون مهيا ڪيون وڃن ۽ ٻارڙن کي عارضي ٽينٽن بدران محفوظ ...

ڪوٽ غلام محمد: پرائمري اسڪول قمر زمان قائمخاني جي عمارت نه هئڻ سبب ٻارڙا پٽ تي ويهي تعليم پرائيندي

ٻلاڙي جي قديمي ڳوٺ جهنگ ڪاتيار جي واٽر سپلاءِ اسڪيم 36 سالن کان رولڙي جو شڪار

ڳوٺ جهنگ ڪاتيار جي 15 هزار آبادي لاءِ واٽر سپلاءِ اسڪيم جي ڪم جو بنياد 1990ع ۾ رکيو ويو

واٽر سپلاءِ اسڪيم اڄا تائين مڪمل نه ٿي سگهي، ٽلاءُ ۽ چارديواري پڻ تباهه ٿي ويا، ڳوٺاڻا مٺي پاڻيءَ جي سهولت کان محروم

واٽر سپلاءِ اسڪيم ۾ ڪرپشن جي جاچ ڪرائي ناڪار بڻائڻ وارن کان پڇاڻو ڪري ڪم مڪمل ڪرائي سهولت ڏني وڃي: رهواسي

ملاڪاتيار (رپورٽ: عطا مگريو) تعلقي ٻلاڙي شاهه ڪريم جي قديمي ڳوٺ جهنگ ڪاتيار جي واٽر سپلاءِ اسڪيم 36 سالن کان رولڙي جو شڪار سرڪار جا ڪروڙين روپيا لوڙهي ويا 15 هزار آبادي واري ڳوٺ جهنگ ڪاتيار جي واٽر سپلاءِ اسڪيم جو ڪم جو بنياد 1990ع ۾ رکيو ويو ٽلاءُ ۽ چارديواري پڻ تباهه ٿي ويا آهن ٽلائن ۾ هن وقت برسات جو پاڻي بيٺل آهي هي واٽر سپلاءِ اسڪيم اڄا تائين مڪمل نه ٿي ...

سگهي آهي ڳوٺاڻا مٺي پاڻيءَ جي سهولت کان محروم بڻيل آهن تنڊو محمد خان انتظاميه اکيون ٻوٽي ڇڏيون آهن ڳوٺ جهنگ ڪاتيار جي سياسي سماجي اڳواڻ منور علي ڪاتيار عبدالرحيم ڪاتيار علي محمد ڪاتيار عبداللطيف ڪاتيار حاجي محمد هارون ڪاتيار صحافين سان ڳالهائيندي چيو ته ڳوٺ جهنگ ڪاتيار جي زمين جو پاڻي ڪارو ٿي ويو آهي جنهن جي واپرائڻ سبب ڳوٺ ۾ هيپاٽائٽس ...

معدي ۽ ٻين پيٽ جون جان ليوا بيماريون پيدا ٿي رهيون آهن ڳوٺاڻا پري پري کان مٺو پاڻي پري اچڻ تي مجبور آهن هنن ڊي سي ٽنڊو محمد خان کي اپيل ڪندي چيو ته هن واٽر سپلاءِ اسڪيم ۾ ڪرپشن جي جاچ ڪرائي ناڪار بڻائڻ وارن کان پڇاڻو ڪري هن واٽر سپلاءِ اسڪيم کي فعال ڪري ڳوٺاڻن کي پيئڻ لاءِ مٺو پاڻي ڏئي جيئڻ جو حق ڏنو وڃي

شهدادپور ويجهو قديمي ڳوٺ بهادر ڪلوئي ۾ فلٽر پلانٽ نه هجڻ خلاف عدالت ۾ درخواست

سجاد ڪلوئي پنهنجي وڪيل ايڊووڪيٽ صدام ڪوسو معرفت انتظاميا خلاف درخواست داخل ڪرائي ڇڏي

ڳوٺ بهادر ڪلوئي ۾ هزارين ماڻهو رهن ٿا، خراب ۽ زهريلو پاڻي واپرائڻ سبب مختلف خطرناڪ بيمارين ۾ ورتجي ويا آهن: درخواستگذار

عدالت طرفان 8 ڊسمبر تي ڊي سي سانگهڙ، اي سي شهدادپور، اسسٽنٽ ايگزيڪيوٽو انجنيئر ايس ڊي او پبلڪ هيلٿ ۽ ٻين کان جواب

شهدادپور (ن ع) شهدادپور ويجهو قديمي ڳوٺ بهادر ڪلوئي ۾ فلٽر پلانٽ نه هجڻ ۽ خراب پاڻي واپرائڻ سبب مختلف خطرناڪ بيمارين جي وڪڙ سبب انساني جانيون ضايع ۽ بيمارين ڦهلجڻ جي ڪري ڳوٺ بهادر ڪلوئي جي نوجوان وڪيل ايڊووڪيٽ سجاد ڪلوئي پنهنجي وڪيل ايڊووڪيٽ صدام ڪوسو معرفت انتظاميا خلاف درخواست سول جج اينڊ جوڊيشل ...

ميجسٽريٽ مسٽر آصف علي سيال جي عدالت ۾ جمع ڪرائي ڇڏي آهي. ڪورٽ ۾ ڏنل درخواست ۾ ڄاڻايو ويو آهي ته ڳوٺ بهادر ڪلوئي ۾ هزارين ماڻهو رهن ٿا، خراب ۽ زهريلو پاڻي واپرائڻ سبب مختلف خطرناڪ بيمارين ۾ ماڻهو ورتجي ويا آهن. اهڙي درخواست عدالت ۾ جمع ڪرڻ بعد عدالت سگهوري 8 ڊسمبر تي ڊي سي سانگهڙ، اي سي شهدادپور، اسسٽنٽ ايگزيڪيوٽو انجنيئر PHD سانگهڙ ايس ڊي او ڊوليپمينٽ پبلڪ هيلٿ ۽ ٻين کان جواب طلب ڪري ورتو آهي.

سگهيون پرسان حضرت داڻود شاهه رحمت الله جو عرس مبارڪ پڄاڻي تي پهتو

سگهيون (ن ع) سگهيون پرسان مشهور صوفي بزرگ حضرت داڻود شاهه رحمت الله جو ٽن ڏينهن وارو ساليانو عرس مبارڪ پنهنجي پڄاڻي تي پهتو ميلي جي پڄاڻي تي درگاهه جي مريدن عقيدتمندن فقيرن سيد حسن شاهه، فقير محرم مري، فقير حاڪم علي مري، استاد مير محمد دربان، ڪاشف حسين سنڌرڪا، حسين پتي، ارشاد علي دايو ۽ ٻين طرفان سائين جو ويس مبارڪ نهايت ئي عقيدت احترام سان صوفياڻا ڪلام ڳائي جهمريون هڻندي ڳوٺ علي داد قاضي کان درگاهه شريف تي آندو ويو جتي مريدن کي سائين جي ويس مبارڪ جو ديدار ڪرايو ويو جيڪو درگاهه جي پرسان ڳوٺ علي داد قاضي تي رکيل آهي ويس اتان کڻي ...

... جاگرين ڏينهن پنهنجي عقيدتمندن جي وچ ۾ گذاريا ۽ اتي ئي هن فاني دنيا مان پنهنجي اصل منزل ڏانهن راهي ٿيا سندس مريدن ڳوٺ پرسان هڪ وڏو روضو تعمير ڪرايو جتي هر سال هزارين پانڌيئڙا حاضري ڀري فيض حاصل ڪندا آهن سائين جو ويس ڪڍي دهل شرنائن تي صوفياڻا ڪلام ڳائي ميلي جون آخري رسمون ادا ڪري دعائون گهريون ويون

وڳڻ شهر سئي گئس جي بنيادي سهولت کان محروم

شهيد بينظير ڀٽو طرفان گئس جي منظور ڏيڻ باوجود سهولت نه ملي سگهي

وڳڻ واسي چيڙهن ۽ ڪاٺين تي رڌ پچاءُ ڪرڻ تي مجبور، سهولت ڏيڻ جو مطالبو

وڳڻ (ن ع) قدرتي تيل ۽ گيس جي ذخيرن سان مالامال ضلعي قمبر شهدادڪوٽ جي سڀ کان وڏي تعلقي وارهه جو تاريخي وڳڻ شهر سئي گئس جي بنيادي سهولت کان محروم آهي ملڪ جي پهرين عورت وزيراعظم شهيد محترمه شهيد بينظير ڀٽو جي وقت ۾ وڳڻ شهر لاءِ گئس منظور ٿي پر افسوس وڳڻ شهر واسين کي گئس جي فراهمي نه ملي سگهي وڳڻ شهر 75 هزار کان مٿي آبادي تي مشتمل آهي پر هن ...

شهرين سياسي سماجي تنظيمن جي اڳواڻن لا لا عبدالحفيظ پٺاڻ احسان علي ڪوڪائي ڪامران پنهور حبيب خاصخيلي ڳالهائيندي چيو ته وقت به وقت اسان احتجاج ڪيا چونڊيل نمائندا نظر نه ڏهن اڻندا آهن جڏهن هنن جو ڪم هجي اليڪشن وقت ان کان پوءِ هو نظر ڪون ايندا آهن وڳڻ شهر کان گئس چند فاصلي تي آهي تعلقي وارهه ۾ سان نڪرڻ گئس آن جي ڳوٺن کي سهولت ناهي وڳڻ شهر کان 6 ڪلو ميٽر تي جاتي بند ڳوٺ علي اصحابير قمبر 10 ڪلو ميٽر تي گئس موجود آهي وڳڻ شهر پاڪستان جو سينٽر پلس سٽي آهي اسان هاڻي اپيل ڪئون ڪنداسين مطالبو ڪنداسين اين اين اي مير عامر خان مگسي کان نه اليڪشن وقت جيڪا قول ڪيا اوهان انهن کي جلد پورو ڪيو نه ته بي صورت احتجاجي مظاهرا ڪيا ويندا ...

وڳڻ: سئي گئس جي لوڊشيڊنگ سبب ڪاٺين جي وڪري ۾ واڌ

پيٽروليم مصنوعات جي وڪري ۾ جاري مالي سال جي شروعاتي 5 مهينن ۾ اضافو رڪارڊ

اسلام آباد (اي پي پي) پيٽروليم مصنوعات جي وڪري ۾ جاري مالي سال جي شروعاتي 5 مهينن ۾ ساليانو بنيادن تي اضافو رڪارڊ ٿيو آهي. انڊسٽري جي انگن اکرن مطابق مالي سال جي شروعاتي 5 مهينن ۾ پيٽروليم مصنوعات جي وڪري جو گڏيل 6.81 ملين ٽن رڪارڊ ڪيو ويو جيڪو گذريل مالي سال جي ساڳي مدي جي 6.75 ملين ٽن جي ڀيٽ ۾ هڪ سيڪڙو وڌيڪ آهي. انگن اکرن مطابق مالي سال جي شروعاتي 5 مهينن ۾ پيٽرول جي وڪري جو گڏيل 3.24 ملين ٽن رڪارڊ ڪيو ويو جيڪو گذريل مالي سال جي ساڳي مدي جي 3.18 ٽن جي ڀيٽ ۾ 2 سيڪڙو وڌيڪ آهي ... مطابق مالي سال جي وڪري جو گڏيل 0.10 ملين ٽن رڪارڊ ڪيو ويو جيڪو گذريل مالي سال جي ساڳي مدي جي 0.31 ملين ٽن جي ڀيٽ ۾ 67 سيڪڙو گهٽ آهي

ڊيپلو جي رهواسي پرائمري ماسٽر محمد جمن لنگهو آپگهات ڪري ڇڏيو

مٺي (ڊ-ر) ڊيپلو جي رهواسي پرائمري ماسٽر محمد جمن لنگهو گهريلو پريشانين سبب ڊيپلو بائي پاس تي وڻ ۾ رسو ٻڌي خودڪشي ڪري ڇڏي سندس عمر 52 سال کن هئي ۽ هو حاضر سروس ماسٽر هو. اهو واقعو پيش اچڻ سبب ڊيپلو شهر ۾ سوڳ جي لهر پکڙجي وئي ۽ وارثن پوسٽ مارٽم ڪرائڻ بنا لاش جي تدفين ڪري ڇڏي

سوڀوديرو: راڻيپور ٽائون انتظاميه جي نااهلي سبب گٽرن جا مين هول کليل نظر اچي رهيا آهن

ڪوٽڙي جي برائيٽ فائونڊيشن پبلڪ هاءِ اسڪول ۾ تقريب

نئين نسل کي پنهنجي سڃاڻپ سان ڳنڍڻ انتهائي اهم آهي: پرنسپال

ثقافتي ٽيبلوز ۾ سنڌي روايتن لباس مهمان نوازي ۽ ڌرتيءَ سان محبت کي اجاگر ڪيو ويو

ڪوٽڙي (رپورٽ: نعيم اختر سومرو) ڪوٽڙي ڪلچر سينٽر ڪوٽڙي ۾ برائيٽ فائونڊيشن پبلڪ هاءِ اسڪول جي انتظام هيٺ "سنڌ ۽ ڊايا ناسنڌي" ...

تقريبون پيش ڪيون ويون جيڪي نه صرف حاضرين کي داد ڏيڻ تي مجبور ڪري ڇڏيو ... شاگردن جي صلاحيتن ...

... استادن ۽ شاگردن وڏي انگ ۾ ... دلچسپي سان پليڪار ڪيو تقريب جي ميزباني ماسٽر مجيد انتهائي اعتماد ۽ سٺي انداز سان سرانجام ڏني محفل کي پرنور نمونو اڳتي وڌايو تقريب جي شروعات تلاوت ڪلام پاڪ ۽ نعت رسول مقبول صه سان ڪئي وئي جنهن کان پوءِ اسڪول جي پرنسپل پنهنجي خطاب ۾ چيو ته سنڌ جي زبان ثقافت تاريخ ۽ امن پسنديءَ کي اجاگر ڪرڻ لاءِ اهڙيون تقريبون وقت جي ضرورت آهن جو نئين نسل کي پنهنجي سڃاڻپ سان ڳنڍڻ انتهائي اهم آهي پروگرام دوران شاگردن پاران تعليمي ثقافتي ۽ سماجي موضوعن تي تيار ڪيل ٽيبلوز ڊراما قومي گيت ۽ ...

... خوبصورت انداز ۾ پيش ڪيو ويو جنهن محفل جو ماحول وڌيڪ رنگين بڻائي ڇڏيو والدين پاران پڻ شاگردن جي محنت، استادن جي ڪوشش ۽ اسڪول جي انتظاميا جي رهنمائيءَ کي ساراهيو ويو مهمانن پنهنجي خطاب ۾ چيو ته نوجوان نسل کي تعليمي شعور ۽ ثقافتي سڃاڻپ سان مضبوط ڪرڻ لاءِ اهڙا پروگرام اهم ڪردار ادا ڪن ٿا تقريب جي پڄاڻي تي شاگردن ۾ سرٽيفڪيٽ ۽ انعام پڻ ورهايا ويا جڏهن ته اسڪول انتظاميا شرڪت ڪندڙ مهمانن جو ٿورا مڃيا سڄي تقريب جو ماحول علم ادب محبت ۽ سنڌي ثقافت جي خوشبوءِ سان ڀرپور رهيو جنهن حاضرين جي دلين تي گهرو تاثر ڇڏيو

راڻيپور ٽائون انتظاميه جي نااهلي سبب گٽرن جا مين هول کليل

چيئرمين ٽائون ڪاميٽي سمورا اختيار ڪلارڪ جي حوالي ڪري ڇڏيا

ڪلارڪ مجاهد منگي اڇي ڪاري جو مالڪ بڻيل، شهرين عذاب ۾ مبتلا

سوڀوديرو (ن ع) سوڀوديرو تعلقي جي شهر راڻيپور وچ شهر جي بازار ۾ هي گٽر ٽائون ڪميٽي راڻيپور انتظاميه جي وڏي نااهلي آهي، اسان جي ٽائون ڪاميٽي چيئرمين ٽائون ڪاميٽي انتظاميه کي عرض ڪري لکجي پيا آهيون ڪرپشن ۾ ريبو فقير ڪي به نه ٿا ڇڏين پر راڻيپور وچ شهر ۾ شاهي بازار ۾ گٽر جو کليل ڪڏو ڏينهون ڏينهن وڌندو پيو وڃي، اسان جي ٽائون ڪاميٽي راڻيپور جي چيئرمين پنهنجا سڀ اختيارات ٽائون ڪميٽي راڻيپور جي ملازم ڪلارڪ مجاهد منگي کي ڏئي ڇڏيا آهن پوءِ ان جي مرضي آهي جيڪو ...

ڪم ڪرائي جيڪو پنهنجي اڪائونٽ ۾ رکي، پر چيئرمين کي راڻيپور جي نه ڪائي خبر ناهي پر اڪائونٽ ۾ پئسا پورا اچڻ گهرجن. انهن جو عوام سان ڇا، اگر خدانخواسته ان ۾ ڪنهن معصوم جي جان کي نقصان پهچي ٿو اڙ جو ذميوار ٽائون ڪميٽي راڻيپور جي چيئرمين ۽ ڪرپٽ ملازمن سان گڏ وائيٽ ڪالر به هوندا. راڻيپور ٽائون ڪميٽي انتظاميه جي نااهل ملازمن جي اثاثن جا انويسٽيگيشن ٿيڻ گهرجي. ڪراچي سانحو نه وساريو پنهنجي شهر سان ڪرپشن جو ظلم بند ڪيو. توهان جي ايمانداري کان سڄو شهر واقف آهي.

خيرپور: زين ايجوڪيشن اڪيڊمي اسڪول ۾ ثقافتي ڏهاڙي جي حوالي سان تقريب جو ڪيڪ

خيرپور جي زين ايجوڪيشنل اڪيڊمي اسڪول ۾ ثقافتي تقريب

شاگردن ۽ شاگردياڻين سنڌي لوڪ ۽ ثقافتي گيتن تي رقص ۽ ٽيبلوز پيش ڪيا

سنڌي ٻولي، لباس، ٽوپي ۽ اجرڪ سنڌين جي سڃاڻپ آهي: مقررين جو خطاب

خيرپور (ڊ ر) زين ايجوڪيشنل اڪيڊمي اسڪول خيرپور ۾ ثقافتي رنگن سان ڀرپور ثقافتي ڏينهن ملهايو ويو. هڪ پروقار تقريب منعقد ڪئي وئي. هن موقعي تي ٻارڙن ۽ استادن سنڌي ثقافتي لباس پاتو هو ۽ ڳوٺاڻي زندگي، اوطاق، کاڌا پيئڻ ...

قلپوٽو سميت ٻيا به شامل هئا. هن موقعي تي اڪيڊمي جي پرنسپال محمد اقبال لاشاري ۽ زين لاشاري مهمانن کي سنڌي اجرڪ ۽ ٽوپيون پارائي استقبال ڪيو. اسڪول جي شاگردن ۽ شاگردياڻين سنڌي لوڪ ۽ ثقافتي گيتن تي رقص ۽ ...

... استادن وڏي انگ ۾ شرڪت ڪئي. جن ۾ خاص مهمانن ۾ ڏٿي بخش شاهنواز ڪلهوڙو، ميڊم ريحانه نياز علي شر، عبدالمالڪ لاشاري، گل مير قلپوٽو، ماجد علي ڪناسرو ۽ تيمور ... آهي. اسان کي پنهنجي ثقافت تي فخر آهي ۽ هن کي اجاگر ڪرڻ لاءِ اهڙا پروگرام ڪرڻ گهرجن. ثقافت سان گڏ تعليمي سڌاري ۽ ترقي لاءِ به محنت جو عزم ڪرڻ گهرجي.

اوڏيرولال لڳ طاهر هنگورو جي هاءِ اسڪول ۾ ثقافتي تقريب

شاگردن طرفان رنگين ٽيبلوز سنڌي لباس جي پريڊ، موسيقي ۽ اسٽيج ڊرامو پيش

سنڌي ثقافت امن، محبت، رواداري ۽ برابري جو پيغام ڏئي ٿي: مقررين جو خطاب

اوڏيرولال (ن ع) هائي اسڪول طاهر هنگورو جي سهڪار سان ڳوٺ طاهر هنگورو جي هاءِ اسڪول ۾ هڪ رنگارنگ ثقافتي پروگرام جو اهتمام ڪيو ويو جنهن ۾ شاگردن استادن والدين ۽ علائقي جي معزز مهمانن وڏي انگ ۾ شرڪت ڪئي تقريب جو بنيادي مقصد سنڌي ثقافت جي ترويج، ٻارن ۾ سڃاڻپ پيدا ڪرڻ ۽ خاص طور عورت جي آزادي، سماجي برابري ۽ سنڌ جي خوشحالي بابت شعور کي اجاگر ڪرڻ هو. پروگرام جي شروعات سنڌي روايتي راڳ سان ڪئي وئي، جنهن بعد شاگردن طرفان رنگين ٽيبلوز سنڌي لباس جي پريڊ، موسيقي ۽ اسٽيج ڊرامي پيش ڪيا ويا. هن تقريب ۾ هٿ جي هنر جي نمائش پڻ رکي وئي، جنهن ۾ مقامي عورتن ۽ شاگردياڻين پاران تيار ڪيل رلي، ٽوپي، ڪڙهائي ...

بين ثقافتي شين کي وڏي دلچسپي ساڻ ڏٺو ويو تقريب کي خطاب ڪندي استاد ۽ شاگرد طيب هنگورو پرتاب ڪمار ڪبيل سهڪاڙ عمران هنگورو هاشم هنگورو قاشف هنگورو ۽ ٻين ميڊيا ساڻ ڳالهائيندي چيو ته اهڙن ثقافتي پروگرامن جو باقاعدي انتظام ٿيڻ گهرجي، چوڻ آهي ٻارن ۾ اعتماد، سڃاڻپ پنهنجي سڃاڻپ ۽ ثقافتي قدرن لاءِ محبت پيدا ڪن ٿا. شرڪت ڪندڙن جو چوڻ هو ته سنڌي ثقافت امن، محبت، رواداري ۽ برابري جو پيغام ڏئي ٿي ۽ تعليمي ادارن ۾ اهڙيون سرگرميون نوجوان نسل کي مثبت رخ ڏيڻ ۾ اهم ڪردار ادا ڪن ٿيون. تقريب جي پڄاڻي دعائيه ڪلمات سان ڪئي وئي جڏهن ته مهمانن طرفان شاگردن کي شاباسيون پڻ ڏنيون ويون

اوڏيرولال: طاهر هنگورو جي هاءِ اسڪول ۾ ثقافتي تقريب ۾ شاگرد ٽيبلوز پيش ڪندي

گولاڙچي جي گورنمينٽ بوائيز هائير سيڪنڊري اسڪول ۾ ثقافتي تقريب

سنڌ جي خوشحال مستقبل لاءِ عورت جو بااختيار بڻجڻ بنيادي شرط آهي: مقررين

ٻارن جي محنت، تياري ۽ ثقافتي لباس جي سجاوٽ پروگرام ۾ نئون رنگ ڀري ڇڏيو

گولاڙچي (ن ع) گولاڙچي جي گورنمينٽ بوائيز هائير سيڪنڊري اسڪول حاجي جوڻيجو ۾ "عورت جي آزادي سنڌ جي خوشحالي" جي عنوان هيٺ هڪ شاندار ثقافتي پروگرام منعقد ڪيو ويو جنهن ۾ شاگردن شاگردياڻين استادن ۽ علائقي واسين وڏي جوش جذبي سان شرڪت ڪئي. تقريب جي شروعات سنڌي روايتن موجب اوطاق ناهي عوامي ڪچهري سان ڪئي وئي جتي عورت جي تعليم، سماجي آزادي، گهريلو ذميوارين ۾ سندس ڪردار ۽ معاشري جي ترقي ۾ عورت جي اهميت تي تفصيلي تقريرون ڪيون ويون. مقررين زور ڏنو ته سنڌ جي خوشحال مستقبل لاءِ عورت جو بااختيار بڻجڻ بنيادي شرط آهي ۽ اسڪولن ۾ اهڙي شعوري سرگرمين جو بنيادي مقصد ئي نوجوان نسل کي مثبت سوچ ڏيڻ آهي. تقريب دوران اسڪولي ٻارن پاران ثقافتي ٽيبلو قومي گيتن تي رقص ۽ "سنڌو رهندو رهندو" سميت قومي گيتن جون شاندار پيشڪشون ڪيون ويون. ٻارن جي محنت، تياري ۽ ثقافتي لباس جي سجاوٽ پروگرام ۾ نئون رنگ ڀري ڇڏيو جڏهن ته والدين ۽ مهمانن پاران شاگردن کي ڀرپور داد ڏنو ويو. هن پيري پروگرام ۾ روايتي راندين کي پڻ خاص نمونو شامل ڪيو ...

ويو گهوڙي سواري، چيڪلو راند ۽ ننڍڙن ٻارن جا ملهه مقابلا تقريب جو مرڪز بڻيا. راندين دوران شاگردن جي ڀرپور شرڪت ۽ والدين جي واڪاڻ ماحول کي وڌيڪ جاذب نظر بڻائي ڇڏيو. تقريب جا خاص مهمان ٽي اي او سيڪنڊري يونس راهمون ۽ ٽي اي او پرائمري نياز ميمڻ هئا، جن پنهنجي خطاب ۾ چيو ته عورت جي عزت، تعليم ۽ آزادي سماجي خوشحاليءَ جو بنياد آهي ۽ اسڪولن ۾ اهڙيون سرگرميون نوجوانن جي تربيت لاءِ اهم ڪردار ادا ڪن ٿيون. ان موقعي تي اسڪول جي انتظاميا ماڙ پرنسيپال عمران شاهه، منور ميمڻ وقمائنو انتظام سنڀالي جڏهن ته استادن غلام مرتضيٰ جتوئي آزاد سومرو جميل ميمڻ ۽ ٻين استادن گڏجي پروگرام جي مڪمل نگراني ڪئي. پروگرام جي پڄاڻي تي ٻارن ۽ شرڪت ڪندڙن پاران سنڌي ثقافتي لباس پائي عيد جهڙي خوشيءَ سان ثقافتي ڏينهن ملهائي وئي، جنهن گولاڙچي ۾ ثقافت، تعليم شعور ۽ عورت جي سماجي اهميت بابت مثبت مثال قائم ڪيو. مجموعي طور حاجي جوڻيجو اسڪول جو هي شاندار پروگرام نه صرف سنڌي تهذيب جو جشن ثابت ٿيو پر عورت جي حقن، آزادي ۽ خوشحال سنڌ جي تصور کي به نئين قوت سان اجاگر ڪيو.

گولاڙچي: ثقافتي ڏهاڙي جي حوالي سان ٻارڙا ٽيبلوز پيش ڪندي

ڪنري جي سرڪاري زمينن تي قبضن جون ڪوششون

سيلاڻي فيز ون جي پلاٽ تي غير قانوني طريقي سان دڪانن جي اڏاوت جو ڪم هلندڙ

ٽائون ڪميٽي انتظاميه پاران مقامي ماڻهن کان اجازت وٺي اهي دڪانون ٺهرائڻ جي دعوي

عمرڪوٽ (ن ع) ڪنري جي سرڪاري زمينن تي قبضن جون ڪوششون واٽر سيلاڻي فيز ون جي پلاٽ تي غير قانوني طريقي سان دڪانن جي اڏاوت جو ڪم هلندڙ سڄاڻ حلقن پاران نوٽس وٺڻ جي اپيل خبر موجب ڪنري جي سرڪاري زمينن تي قبضا ڪرڻ جون ڪوششون تيز ٿي رهيون آهن هن حوالي سان پبلڪ پارڪ وٽ مين روڊ تي واٽر سيلاڻي فيز ون جي پلاٽ تي سپيشل طور قبضو ڪري غير قانوني طريقي سان دڪانن جي اڏاوت جو ...

وڃي آهي جو هو سرڪاري واٽر سيلاڻي جي پلاٽ تي بنا ڪنهن ٽينڊر ۽ لکپڙهه جي دڪانون تعمير ڪرائي پنهنجي من ماني ڪري سگهي قانوني ڪهڙجون پورين ڪرڻ ڪانسواءِ ٽينڊر هر اهڙو ڪم غيرقانوني هوندو هوڏانهن علائقي جي سڄاڻ حلقن پاران به انهي اڏاوتي ڪم تي اعتراض ڪندي سرڪاري پلاٽن جي باقاعده قبضن جي شروعات جي سازش قرار ڏيندي چيو ته چونڊيل نمائندن جي دور سرڪاري زمينن تي قبضا ڪري اڏاوتن ڪرڻ انتهائي افسوسناڪ ... تعميراتي ڪم کان اڳ ڪو ٽينڊر وغيره نه ڪيو ويو نه ئي ٻيون ڪي قانوني گهرجون پوريون ڪيون ويون آهن بڌايو پيو وڃي ته ٽائون عملدارن جي ملي ڀڳت سان واٽر سيلاڻي جي انهي زمين تي قبضو ڪري ٽائون ڪميٽي جي هڪ ملازم جي پاءِ کي فلٽر پلانٽ ڪولي ڏنو پيو وڃي اهو فلٽر پلانٽ هن وقت پاسي ۾ مسواڙ جي دڪان ۾ کليل آهي هتي شفٽ ٿيڻ بعد بجلي پاڻي وغيره جون سهولتون به سرڪاري طور ڏنيون وينديون جڏهن ته بلديات کاتي جي ڪجهه سٽيئر عملدارن کان مليل ڄاڻ موجب ٽائون ڪميٽي کي اهڙي ڪا اجازت نه ڏني ...

... ۽ انهي ڪم جو خرچ ٽائون ۾ ڪير پيو ۽ انهي قبضي ۾ ٽائون وارا مليل آهن اهو سلسلو اڳين هلندو ته سپاٽي هر سرڪاري پلاٽ تي قبضا ٿي ويندا هنن چيف جسٽس، صدر آصف علي زرداري، پي پي چيئرمين بلاول ڀٽو زرداري، ميڊم فريال ٽالپر وڏي وزير سيد مراد علي شاهه وزير بلديات، پبلڪ هيلٿ ۽ ٻين کان پرزور مطالبو ڪيو آهي ته انهي غير قانوني قبضا خورن خلاف سخت ڪارروائي ڪري وڌيڪ قبضن کان بچايو وڃي ٻي صورت ۾ قانوني لائحه عمل سان گڏ احتجاج ڪيو ويندو

ڪوٽڙي ۾ ڊپٽي اسپيڪر پاران چرچ جي مرمتي ڪم جو افتتاح

سنڌ جا ماڻهو پنهنجي ڌرتي سان بي پناهه محبت رکن ٿا: نويد اينٿوني

آئين ۾ تجويز ڪيل ترميمن بابت پيپلزپارٽي جو مڪمل ۽ واضح مؤقف آهي

ڪوٽڙي (ن ع) ڪوٽڙي ۾ ڊپٽي اسپيڪر سنڌ اسيمبلي نويد اينٿوني ڪوٽڙي چرچ جي مرمتي ڪم جي افتتاح بعد ميڊيا سان ڳالهائيندي چيو آهي ته سنڌ جا ماڻهو پنهنجي ڌرتي سان بي پناهه محبت رکن ٿا ۽ ڪوٽڙي جو هي چرچ سنڌ جي تاريخي ورثي مان هڪ آهي جنهن جي تعمير 22 ڊسمبر 1846ع تي ٿي هئي 180 ورهين کان پوءِ پهرين پيرو ان جي ...

وڃي" هن چيو نويد اينٿوني چيو ته آئين ۾ تجويز ڪيل ترميمن بابت پيپلزپارٽي جو مڪمل ۽ واضح مؤقف آهي. سنڌ جي مفاد، اين ايف سي ايوارڊ ۽ ٻين اهم معاملن تي پارٽي اڳ به مخالفت ڪئي آهي ۽ اڳتي قدمن تي به پختو موقف رکندي. 28هين آئيني ترميم بابت حتمي فيصلو پارٽي جي سينٽرل ايگزيڪيوٽو ڪميٽي ڪندي. هن چيو ته پيپلزپارٽي ۽ ...

قومي اسيمبلي جي ڊپٽي اسپيڪر سيد غلام مصطفيٰ شاهه جي ننڍي ڀاءُ جو وليمو ٿي گذريو

سڪرنڊ (ن ع) قومي اسيمبلي جي ڊپٽي اسپيڪر سيد غلام مصطفيٰ شاهه جي ننڍي ڀاءُ اڳوڻي تعلقه ناظم سيد غلام علي شاهه جن جي وليمي جي دعوت جي موقعي دوستن يارن سميت راڄ ڀاڳ ۽ علائقي جي معززين ڪانسواءِ سياسي شخصيتن جي مان ۾ آر ٽي رائل ڪراچي ۾ شاندار ڊنر جو اهتمام ڪيو ويو جنهن ۾ ملڪ جي ڪيترن ئي وزيرن مشيرن چونڊيل نمائندن گادي نشينن سرڪاري ڪامورن وڏي انگ ۾ شرڪت ڪئي جن ۾ وزير اعليٰ سيد مراد علي شاهه ايم پي اي فريال ٽالپر سيد ناصر شاهه ذوالفقار علي شاهه قادر پٽيل سردار مشتاق راهو نظير احمد راهو علي حسن زرداري علي گوهر خان مهر خالد حسين لنڊ ذوالفقار ٻهڻ منير احمد مگسي سيد ڪاظم شاهه حاجي علي نواز چانڊيو نور احمد ...

سڪرنڊ: وزير اعليٰ سيد مراد علي شاهه ۽ فريال ٽالپر سيد غلام علي شاهه جي خوشيءَ ۾ شريڪ آهن

ماتلي: ڳوٺ محب علي لغاري احتجاج ڪندي

ماتلي ۾ ڳوٺ محب علي لغاري جي پوڙهيت جو احتجاج

ٽنڊو غلام علي گلاب لغاري روڊ تي ٻڙ اسٽاپ وٽ پلاٽ آهي: نبي بخش

جوابدارن پاران زبردستي قبضو ڪري اڏاوت ڪئي پئي وڃي، انصاف ڪيو وڃي

ماتلي (ن ع) گلاب لغاري ٿاڻي جي حد ڳوٺ محب علي لغاري جي پوڙهيت 45 ورهين جي نبي بخش لغاري ماتلي پريس ڪلب پهچي جوابدارن پاران ڪيس مبينا طور تي تشدد جو نشانو بڻائڻ ۽ پلاٽ تي قبضو ڪندڙ جوابدارن جي گرفتاري ۽ ڪاٺين پلاٽ ڏيارڻ لاءِ احتجاج ڪيو. ڳوٺائي جو چوڻ هو ته ٽنڊو غلام علي گلاب لغاري روڊ تي ٻڙ اسٽاپ وٽ سندس پلاٽ آهي جنهن تي جوابدارن ...

پيئي وڃي. هن چيو ته مزاحمت ڪرڻ تي جوابدارن مٽس حملو ڪري سندس ٻئي ٻانهون ڀڃي ڇڏيون آهن ۽ اڃان به مارڻ جون ڌمڪيون پيا ڏين. هن چيو ته ٽنڊو غلام علي ٿاڻي تي رپورٽ درج ڪرائي آهي ۽ ڪمپلين سينٽر ۾ به شڪايتون ڪيون آهن پر جوابدار اڃان تائين پوليس جي گرفت کان آجا آهن هن جوابدارن جي گرفتاري، پاڻ کان تحفظ فراهم ڪرڻ ۽ پلاٽ تان قبضو ختم ڪرائڻ جي گهر ...

شهدادڪوٽ: تعلقه ايجوڪيشن آفيسر استادن سان ڳالهائي ڪندي

استاد معاشري ۾ بهتر ڪردار رکندڙ شخصيت آهي: عبدالقيوم سومرو

استادن کي پنهنجون خوبيون مستقبل جي معمارن ڏانهن منتقل ڪرڻ گهرجن

اسان جو ايندڙ مستقبل ۾ اهي شاگرد سائنسدان، سياستدان، ڊاڪٽر ۽ انجنيئر هوندا

شهدادڪوٽ (ن ع) تعلقه ايجوڪيشن آفيسر سيڪنڊري ميل عبدالقيوم سومرو چيو آهي ته استاد رول ماڊل ۽ معاشري ۾ بهتر ڪردار رکندڙ شخصيت آهي استادن کي اهي خوبيون مستقبل جي معمارن شاگردن ڏانهن منتقل ڪرڻ گهرجن ته جيئن اسان جو ايندڙ مستقبل شاگرد رول ماڊل هجن گورنمينٽ سنگل سيڪشن بوائز هاءِ اسڪول شهدادڪوٽ ۾ استادن سان ڪچهري دوران ڳالهائيندي ٽي اي او ميل سيڪنڊري عبدالقيوم سومرو وڌيڪ چيو ته اسان جو ايندڙ مستقبل ۾ اهي شاگرد ذميوار ...

سيٽن تي هئڻ سان گڏوگڏ اهي سائنسدان سياستدان ڊاڪٽر ۽ انجنيئر هوندا ... معاشري جي تعمير بهتر سگهي ٿي. ان موقعي تي هيڊ ماسٽر غلام نبي قريشي گسٽا تعلقه صدر شڪيل ستار پٺي ضلع اڳواڻ وحيد مراد پٺي پڻ ۽ ٻيا استاد پڻ موجود هئا

خيرپور ۾ 17 سالا نينگري جي اغوا خلاف وارثن جو احتجاج

باڇر برادري جا ماڻهون نينگري کي اغوا ڪري ويا آهن: وارث

ايس ايڇ او سهولتڪار بڻيل آهي، نينگري کي بازياب ڪرايو وڃي

خيرپور (ڊ ر) خيرپور پيرڳوٺ لڳ صدرجي پٽيون واسي محمد ميهنل ۽ نذير احمد ملاح خيرپور ۾ صحافين آڏو احتجاج ڪندي چيو ته اڄ ڏينهن اڳ برادري جا باڇر صغير ملاح حفيظ ملاح لياقت ملاح بن نامعلوم ماڻهن سان گڏجي اسان جي گهر مان اسان جي 17 سالا نياڻي اقصا ملاح کي اغوا ڪري ويا آهن جنهن جي ايف آءِ آر حد جي ٿاڻي تي داخل ٿيل آهي پر ايس ايڇ او سندس سهولتڪار بڻجي بغير ماڻهن گرفتار ڪرڻ جي ڪيس تا ...

هٿ ڪٺن جون ڌمڪيون ڏئي ٿو ڪيس تا نه کڻڻ جي صورت ۾ ايس ايڇ او ڪرڙن ڪيسن ۾ چالان ڪرڻ ٽوڙي ڌوهاڙي جاٺائي مارڻ جون ڌمڪيون ڏئي ٿو مخالف اسان جي اغوا ٿيل نياڻي جي بازيابي عيوض بليڪ ميل ڪري پئسن جي گهر ڪري رهيا آهن هنن وڌيڪ چيو ته علائقي جو باڇر وڪيل سندس سهولتڪار بڻيل آهي ڊي آءِ جي سکر آءِ جي سکر ايس ايس پي خيرپور ۽ ٻيا وس وارا نوٽيس وٺي اغوا ٿيل نياڻي بازياب ڪرائي ڏين

نصيرآباد: رورل هيلٿ سينٽر ۾ سهولتن جي اڻاٺ خلاف ڳالهائي ڪٺي پئي وڃي

نصيرآباد رورل هيلٿ سينٽر ۾ سهولتن جي اڻاٺ خلاف 15هين به احتجاج، ڪامورا ننڊ سجاڳ

پي پي ايڇ آءِ جي ڊي ايم اسد الله چانگ پاڻ احتجاجي ڪئمپ تي پهچي شهري اتحاد نصيرآباد جي اڳواڻن سان ڳالهيون

ضلعي مئنيجر کي رورل هيلٿ سينٽر ۾ ڊاڪٽرن، دوائن، آڪسيجن، ايمرجنسي سروسز ۽ ٻين بنيادي سهولتن جي کوٽ بابت آگاهي

شهري اتحاد سان مسلسل رابطي ۾ رهي، گڏيل ڪوشش سان هر ممڪن بهتري آندي ويندي: اسد الله چانگ جي خاطري

نصيرآباد (ن ع) پي پي ايڇ آءِ جي ڊي ايم اسد الله چانگ احتجاجي ڪئمپ تي پهچي شهري اتحاد نصيرآباد جي اڳواڻن سان ڳالهيون ڪيون اڳواڻن پي پي ايڇ آءِ جي ضلعي مئنيجر کي رورل هيلٿ سينٽر ۾ ڊاڪٽرن، دوائن، آڪسيجن، ايمرجنسي سروسز ۽ ٻين بنيادي سهولتن جي شديد کوٽ کان آگاهه ڪيو هن سلسلي ۾ ڊسٽرڪٽ مينيجر پاران هڪ ڊاڪٽر سجاد لاشاري جي واڌاري ۽ ٻئي ڊاڪٽر جي جلد ...

مقرريءَ جو اعلان ڪيو ويو ان سان گڏ هڪ اسٽاف نرس، اسٽور اسسٽنٽ ۽ رورل هيلٿ سينٽر لاءِ آڪسيجن ڪنسينٽريٽر فراهم ڪرڻ جو به اعلان ڪيو ويو جڏهن ته بنيادي سهولتن جي کوٽ وڏ ۾ وڏ هڪ مهيني اندر ختم ڪرڻ جي خاطري ڪرائي وئي. شهري اتحاد نصيرآباد جا اڳواڻ - سينگار نوناري، خدا بخش سانگهڙي زاهد حسين ٿيٻو ياسين قلپوٽو اعجاز شيخ بخش علي مغيري ۽ ٻين پي پي ايڇ آءِ ...

جي وفد سان ڳالهائيندي چيو ته نصيرآباد ۽ آس پاس جي 4 کان 5 لک آبادي رورل هيلٿ سينٽر تي دارومدار رکي ٿي، جتي ڊاڪٽرن جي گهٽتائي سبب مريض تڪليف جو شڪار آهن اڳواڻن وڌيڪ ٻن ڊاڪٽرن جي مقرري جو مطالبو به رکيو ڊاڪٽر اسد الله چانگ اڳواڻن کي خاطري ڪرائيندي چيو ته شهري اتحاد سان مسلسل رابطي ۾ رهي، گڏيل ڪوشش سان هر ممڪن بهتري آندي ويندي

شهدادپور ۾ 40 ورهين جي نوجوان سوئيپر آپگهات ڪري ڇڏيو

شهدادپور (ن ع) شهدادپور ۾ 40 ورهين جي نوجوان سوئيپر وجي ڪمار پاران گهر اندر ڦاهو کائي خودڪشي جي ڪوشش سمس اسپتال آندو ويو جتان سيرس حالت ۾ حيدرآباد ريفر خودڪشي جو ڪارڻ معلوم نه ٿي سگهيو وجي ڪمار جي پاءِ جيش ڪنار صحافين سان ڳالهائيندي چيو ته اطلاع مليو ته پاءِ گهر اندر ڦاهو کائي خودڪشي جي ڪوشش ڪئي جنهن جو ڪارڻ معلوم ناهي ٿي سگهيو

ڪڪڙ گرلس مڊل اسڪول جي عمارت تيار هجڻ باوجود تدريسي عمل شروع نه ٿي سگهيو

شهر ۽ آسپاس جي علائقن جي نياڻين جي تعليم تباهه، تعليم کاتي جون اعليٰ اختياريون خاموش

ڪڪڙ گرلس مڊل اسڪول جي عمارت گذريل 2 سالن کان تيار هوندي به بلڪل ويران پئي آهي: شهري

ٻن سالن کان اسڪول جا ڪلاس شروع نه ٿي سگهيا آهن جنهن سبب نياڻين جي تعليم تباهه ٿي رهي آهي

ڪڪڙ (ن ع) گرلس مڊل اسڪول جي عمارت تيار هوندي به سالن کان ويران پئي آهي، شروع نه ٿيڻ سبب ڪڪڙ شهر ۽ آسپاس جي علائقن جي نياڻين جي تعليم تباهه، تعليم کاتي جون اعليٰ اختياريون خاموش ان موقعي تي سياسي سماجي اڳواڻ ۽ شهري محمد رمضان ببر، برڪت علي جويو نثار احمد مرزا خان برفاني مولاداد جوڻيجو ممتاز علي ملاح ارباب علي ۽ ٻين ٻڌايو ته ڪڪڙ گرلس مڊل اسڪول جي عمارت گذريل 2 ...

سالن کان تيار هوندي به سالن کان ڪلاس اسڪول جي مالڪي ڪرڻ لاءِ ڪير به تيار ناهي جنهن سبب ٻن سالن کان اسڪول جا ڪلاس شروع نه ٿي سگهيا آهن جنهن سبب نياڻين جي تعليم تباهه ٿي رهي آهي جڏهن ته اهي افواهه گردش ڪري رهيا آهن ته اسڪول جي عمارت جو ڪم غير معياري هجڻ ڪري ٺيڪيدار کان عمارت وٺڻ لاءِ ڪو به راضي ناهي ۽ اهيو به ٻڌڻ ۾ اچي رهيو آهي ته عمارت جي ڊي پي سي 2 کان 3 ...

فوٽ هيٺائين ۽ تعمير ڪئي وئي آهي جنهن سبب تعليم کاتي جو ڪوبه اعليٰ عملدار عمارت وٺڻ لاءِ تيار ناهي شهرين وزير تعليم سيد سردار علي شاهه ڊي سي دادو ۽ اعليٰ اختيارين کان مطالبو ڪيو آهي اسڪول جي تعميراتي ڪم جي انڪوائري ڪرائي بند پيل اسڪول کولي فرنيچر،فيميل ٽيچر ۽ ٻيو عملو مقرر ڪري جلد ڪلاس شروع ڪرايا وڃن ۽ گرلس مڊل اسڪول کي اپگريڊ ڪري گرلس هاءِ اسڪول بڻايو وڃي

ملڪ ۾ يوريا ڀاڻ جي وڪري ۾ نومبر ملڪ ۾ يوريا ڀاڻ جي وڪري ۾ نومبر

اسلام آباد (اي پي پي) ملڪ ۾ يوريا جي وڪري ۾ نومبر مهيني دوران ساليانو بنيادن تي اضافو جڏهن ته ڊي اي پي جي وڪري ۾ گهٽتائي رڪارڊ ٿي آهي. لاڳاپيل صنعت جي انگن اکرن مطابق هلندڙ سال نومبر مهيني ۾ ملڪ ۾ 817000 ٽن يوريا ڀاڻ جو وڪرو رڪارڊ ٿيو جيڪو آڪٽوبر جي 350000 ٽن جي ڀيٽ ۾ 133 سيڪڙو ۽ گذريل سال نومبر جي 654000 ٽن جي ڀيٽ ۾ 25 سيڪڙو وڌيڪ آهي هلندڙ سال نومبر ۾ ملڪ ۾ 216000 ٽن ڊي اي پي جو وڪرو ٿيو جيڪو آڪٽوبر جي 219000 ٽن جي ڀيٽ ۾ هڪ سيڪڙو گهٽ ۽ گذريل سال نومبر جي 250000 ٽن جي ڀيٽ ۾ 14 سيڪڙو گهٽ آهي

سوڀوديرو لڳ ڳوٺ ٽنڊو مير ڪرم خان ٽالپر جي رهواسين جو احتجاج

بدامني خلاف سوڀوديرو ٿاڻي جي گيٽ اڳيان ٽنگن کي ٻاهيون ڏئي ڌرڻو هنيو ويو

سوڀوديرو ٿاڻو ڪرپشن جو گڙهه بڻجي چڪو آهي، بدامني وڌي وئي آهي: مظاهرين

سوڀوديرو (ن ع) سوڀوديرو لڳ ڳوٺ ٽنڊو مير ڪرم خان ٽالپر جي رهواسين ياسر چنو،ساجد چنو،جواد چنو،زمان چنو،سخي عباس ملاح،راشد سامتيو،علي زين ڪوڪر،علي زيب چنا،اسد سامتيو،عامر چنا،ماجد منگي،سانول مرڪند،ثاقب ميمڻ،يونس ميمڻ،شفيع محمد چنو ۽ ٻين بدامني خلاف سوڀوديرو ٿاڻي جي گيٽ اڳيان ٽنگن کي ٻاهيون ڏئي ڌرڻو هنيو جنهن سبب سوڀوديرو رانيپور روڊ بند ٿي ويو ٽريفڪ بيهجي وئي ...

ڏي زيرو ميٽر موٽرسائيڪل آءِ فون اليون ۽ پنج هزار روڪ ڦر ڪري فرار ٿي ويا متاثرن چيو ته اسان سوڀوديرو شهر ۾ ڪاروبار ڪندا آهيون وڌندڙ بدامني سبب سخت پريشان آهيون ايس ايڇ او سوڀوديرو پيار علي جتوئي جي مقرري کانپوءِ چوريون ڦرون ۽ منشيات ۾ اضافو اچي ويو آهي سوڀوديرو ٿاڻو ڪرپشن جو گڙهه بڻجي چڪو آهي ڏوهاري سري عام ديده دليري سان شهر مان ڦرون ڪري رهيا آهن سوڀوديرو پوليس خاموش تماشائي بڻيل ...

سوڀوديرو: ڳوٺ ٽنڊو مير ڪرم خان ٽالپر جي رهواسي احتجاجي مظاهرو ڪندي

واپڊا پاران درياهن ۾ آبي ذخيرن ۾ پاڻي جي آمد ۽ ڇوڙ جا انگن اکر جاري

اسلام آباد (اي پي پي) واپڊا جي مختلف درياهن ۽ آبي ذخيرن ۾ پاڻي جي آمد ۽ ڇوڙ جي گذريل ڏينهن جاري ڪيل انگن اکرن مطابق سنڌو درياهه ۾ تربيلا وٽ پاڻي جي آمد 21 هزار 300 ڪيوسڪ ۽ ڇوڙ 33 هزار ڪيوسڪ آهي. ڪابل درياهه ۾ نوشهره وٽ پاڻي جي آمد 7 هزار 300 ڪيوسڪ ۽ ڇوڙ 7 هزار 300 ڪيوسڪ آهي. خيرآباد پل تي پاڻي جي آمد 15 هزار 300 ڪيوسڪ ۽ ڇوڙ 15 هزار 300 ڪيوسڪ جهلم درياهه ۾ منگلا وٽ پاڻي جي آمد 4 هزار 900 ڪيوسڪ ۽ ڇوڙ 33 هزار ڪيوسڪ آهي جڏهن ته چناب درياهه ۾ مرالا وٽ پاڻي جي آمد 7 هزار 500 ڪيوسڪ ۽ ڇوڙ هڪ هزار 500 ڪيوسڪ رڪارڊ ڪيو ويو آهي آبي ذخيرن جي انگن اکرن مطابق تربيلا ڊيم جو گهٽ ۾ گهٽ آپريٽنگ ليول 1402 فوٽ، پاڻي جي موجوده سطح 1491.77 فوٽ پاڻي ذخيرو ڪرڻ جي انتهائي سطح 1550 فوٽ ۽ استعمال جوڳي پاڻي جو ذخيرو 2.737 ملين ايڪڙ فوٽ. منگلا ڊيم جو گهٽ ۾ گهٽ آپريٽنگ ليول 1050 فوٽ، پاڻي جي موجوده سطح 1215.55 فوٽ، پاڻي ذخيرو ڪرڻ جي انتهائي سطح 1242 فوٽ ۽ استعمال جوڳو پاڻي جو ذخيرو 5.291 ملين ايڪڙ فوٽ جڏهن ته چشمه ڊيم جو گهٽ ۾ گهٽ آپريٽنگ ليول 638.15 فوٽ، پاڻي جي موجوده سطح 647.90 فوٽ ڊيم ۾ پاڻي ذخيرو ڪرڻ جي انتهائي سطح 649 فوٽ ۽ استعمال جوڳو پاڻي جو ذخيرو 0.253 ملين ايڪڙ فوٽ رڪارڊ ڪيو ويو

The largest circulated amongst regional dailies of Pakistan
ABC CERTIFIED
متحده عرب امارات ۾ قيمت 2 درهم - سعودي عرب ۾ 2 ريال
ايڊيٽر انچيف ۽ پبلشر: قاضي اسد عابد
روزاني عبرت
Hyd. Ph: 2728703-4, 2728571-2 Fax: 2781879, 2784300 Isld. Ph: 2823277
Khi. Ph: 4538862-3, 2639617 Fax: 4543839-2639492, Lhr. Ph: 7236191
Reach us at www.dailyibrat.com, E-mail: ibratg@yahoo.com, ibrat@hydwol.com.pk

جمع 05 ڊسمبر 2025ع

سنڌ جي هر ضلعي ۾ اي- چالان متعارف ڪرائڻ جو فيصلو

سنڌ پوليس هڪ جديد ۽ عوام دوست قدم کڻي رهي آهي جنهن تحت ڪراچيءَ ۾ ڪامياب ثابت ٿيل اي-چالان سسٽم کي صوبي جي ٻين ضلعن تائين وڌايو پيو وڃي. آءِ جي سنڌ غلام نبي ميمڻ جي صدارت ۾ منعقد اجلاس ۾ طئي ٿيو آهي ته صوبي جي هر ضلعي ۾ هي جديد ٽيڪنالاجي تحت ٽريفڪ انتظام جو نظام متعارف ڪرايو ويندو، جنهن سان نه رڳو ٽريفڪ ضابطن تي عملدرآمد کي بهتر بڻايو ويندو پر شهرين جي روزمره جي سفر ۾ دير ۽ غير ضروري مشڪلاتن کي به گهٽايو ويندو. ڪراچيءَ ۾ شروع ٿيندڙ فيس ليس اي-ٽڪيٽنگ سسٽم کي عوام پاران تمام گهڻي موٽ ملي آهي، جيڪا سنڌ پوليس لاءِ هڪ حوصلہ افزائي آهي ته اهڙي جديد ٽيڪنالاجيءَ کي صوبي جي ٻين شهرن تائين پهچايو وڃي. ڪيمرائون لڳائڻ ۽ جديد ٽريفڪ سسٽم ذريعي نه رڳو ٽريفڪ خلاف ورزين تي موثر نظر رکڻ ممڪن ٿي آهي، پر شهرين کي ٽريفڪ جي دوران پيش ايندڙ غير ضروري دير کان پڻ بچايو ويو آهي. آءِ جي سنڌ غلام نبي ميمڻ جي مطابق اي-ٽڪيٽنگ جو مقصد صرف ٽريفڪ جي خلاف ورزين تي ڪنٽرول نه آهي پر هڪ اهڙو شفاف ۽ تيز سسٽم فراهم ڪرڻ آهي، جنهن سان شهرين کي ٽريفڪ ڏوهن ۽ چالان وصول ڪرڻ ۾ آساني رهي، هر ضلعي ۾ سهولت مرڪز قائم ڪيا ويندا، جتي شهري پنهنجون شڪايتون رڪارڊ ڪرائي سگهندا ۽ پنهنجي معاملي جو حل آسان طريقي سان حاصل ڪري سگهندا.

هي سسٽم ٽيڪنالاجي جي جديد معيارن تي ٻڌل آهي. ڊي آءِ جي (آءِ ٽي) هر ضلعي ۾ نصب ڪيل ڪيمرائن جي معيار، رڪارڊنگ، اسٽوريج ۽ انٽرنيٽ سهولتن جو جائزو وٺي رپورٽ پيش ڪندو، جنهن سان هر مرڪز ۾ ڪم ڪرڻ واري عملي کي بهترين تربيت ۽ فوري سهولت فراهم ڪئي ويندي. اهڙي تربيت ۽ سهولت سان، شهرين کي شڪايتن جو حل جلدي ۽ شفاف طريقي سان ملندو ۽ ٽريفڪ خلاف ورزين جي رپورٽنگ ۾ پڻ تيزي ايندي. ڊي آءِ جي ٽريفڪ ڪراچي مرڪزي ٽريفڪ ريگيوليشن اينڊ سائيٽيشن سسٽم (ٽريڪس) کي ضلعي سطح تائين وڌائڻ جو ذميوار هوندو. هر ضلعي مان ٽريفڪ خلاف ورزين جون تصويرون مرڪزي سسٽم ڏانهن موڪليون وينديون، جتان اي-ٽڪيٽ جاري ڪئي ويندي ۽ شهرين تائين پهچائي ويندي. اهڙي ترتيب سان نه صرف ضابطن تي عملدرآمد ۾ شفافيت اچي ٿي، پر ضلعي ۽ صوبي جي سطح تي ٽريفڪ انتظامن ۾ به بهترين هم آهنگي پيدا ٿئي ٿي. اهو به طئي ڪيو ويو آهي ته ڊي آءِ جيز هر ضلع ۾ سهولت مرڪزن ۾ لاڳاپيل عملي کي مقرر ڪندا، جيڪي شهرين جي سهولت لاءِ موجود هوندا ۽ هر شڪايت جو بروقت حل فراهم ڪندا. تيارين جو جائزو وٺڻ ڪانپوءِ اي-ٽڪيٽنگ کي ٻين شهرن ۾ مڪمل طور شروع ڪيو ويندو جنهن سان شهرين جي روزمره جي زندگيءَ ۾ آساني ۽ ٽريفڪ انتظام ۾ بهتري ايندي.

ٽريفڪ کي رياست جو لباس سمجهيو ويندو آهي. ٽريفڪ جي نظام مان ئي پتو پوندو آهي ته اُن قوم ۾ ڪيترو سُڌارو آهي. سنڌ پوليس جو هي قدم موجوده دور جي ٽيڪنالاجي ۽ شهري سهولت جي ضرورتن کي نظر ۾ رکندي هڪ اهم قدم آهي. اهو واضح آهي ته جديد ٽيڪنالاجي جو استعمال صرف ڊيوائسز ۽ سسٽمز تائين محدود نه آهي، پر اهو شهري سهولت، شفافيت ۽ ٽريفڪ انتظام جي بهترين ڪارڪردگي ۾ مددگار ثابت ٿئي ٿو. ڪراچي ۾ ڪامياب تجربو ثابت ڪري ٿو ته اهڙو نظام شهرين لاءِ آسان ۽ شفاف آهي ۽ صوبي جي ٻين ضلعن ۾ ان کي متعارف ڪرائڻ سان ٽريفڪ انتظام ۾ نئون معيار قائم ٿي سگهندو. سنڌ پوليس پاران اي- ٽڪيٽنگ سسٽم جي متعارف ڪرائڻ سان شهرين کي جديد ۽ موثر ٽريفڪ انتظام جي سهولت دستياب ٿيندي ۽ صوبي ۾ ٽريفڪ خلاف ورزين جي رپورٽنگ ۽ چالان جاري ڪرڻ جو عمل وڌيڪ منظم ۽ شفاف بڻجي ويندو. اهو يقين ڪرڻ ضروري آهي ته ٽيڪنالاجي جو استعمال صرف انتظامي سهولت تائين محدود نه رهي پر اهو شهرين جي روزمره جي زندگيءَ ۾ بهتري آڻڻ جو ذريعو به بڻجي. سنڌ پوليس جو هي جديد قدم صرف ٽريفڪ انتظام لاءِ نه پر شهري سهولت، شفافيت ۽ ٽيڪنالاجي جي صحيح استعمال لاءِ هڪ روشن مثال آهي. جنهن کي باقي ضلعن ۾ متعارف ڪرائڻ سان صوبي ۾ جديد ٽريفڪ انتظام جو هڪ نئون دور شروع ٿيندو.

ڀارت تُرڪيہ کان ڇو ڊنل آهي؟



ڊاڪٽر فرقان حميد

دنيا جي بدلجندڙ حڪمتِ عمليءَ واري صورتحال ۾ ڪجهه ملڪ اهڙا آهن، جن مختصر عرصي ۾ غير معمولي فوجي ۽ ٽيڪنالاجيءَ جي ترقي ڪري عالمي طاقتن لاءِ نوان سوال پيدا ڪري ڇڏيا آهن. انهن ملڪن ۾ ترڪيہ سڀ کان اڳيان آهي. گذريل ڏهاڪي ۾ رجب طيب اردگان جي قيادت هيٺ ترڪيہ نه رڳو سياسي سطح تي هڪ دلير عالمي ڪردار طور سامهون آيو، پر دفاعي صنعت ۾ به اهڙي انقلابي ترقي ڪئي آهي جو آمريڪا کان روس ۽ اسرائيل کان ڀارت تائين هر فوجي تجزيہ نگار ترڪيہ جي وڌندڙ عسڪري قوت کي ويجهو ڏسي رهيو آهي. ترڪيہ پنهنجي بري، بحري ۽ فضائي فوج کي تيز رفتاريءَ سان جديد بڻائي ورتو آهي، جنهن جا اثر صرف وچ اوڀر يا يورپ تائين محدود نہ رهيا آهن پر ڏکڻ ايشيا تائين اچي پهتا آهن. ڀارت جنهن کي اڳ چين ۽ پاڪستان جي فوجي ساٿ سبب ڳڻتي هئي، هاڻي ان جي حڪومت، ڪجهه ادارا ۽ ٿنڪ ٽينڪس، سڀ گڏجي ترڪيہ کان پريشاني محسوس ڪري رهيا آهن. ڀارت جي پاليسي سازن جو بنيادي مقصد هاڻي اهو آهي ته ترڪيہ کي پاڪستان کان پري ڪجي ۽ ترڪيہ جي فوجي ٽيڪنالاجيءَ جي رستي ۾ رڪاوٽون وڌيون وڃن.

ترڪ فوجي ترقيءَ مان ڀارت جي حقيقي پريشاني: ڀارت لاءِ ترڪيہ جو خطرو فقط ٽيڪنالاجي يا هٿيارن تائين محدود ناهي، اهو هڪ همہ طرفي اسٽرٽيجڪ دٻاءُ آهي، جيڪو ڀارت کي ڪيترن ئي محاذن تي گهيري چڪو آهي: جنگي جهازن جو مقابلي، جديد ڊرون ٽيڪنالاجي، هندي سمنڊ ۾ اثر رسوخ ۽ پاڪستان، بنگلاديش، مالديپ ۽ سري لنڪا جهڙن ملڪن سان ترڪيہ جي وڌندڙ قربت. ڀارت ڄڳي ريت ڄاڻي ٿو ته جيڪڏهن پاڪستان ۽ ترڪيہ هڪ ٻئي جي وڌيڪ ويجهو ٿيا، گڏيل بحري ۽ فضائي تعاون وڌيو ۽ عربي سمنڊ ۾ ٻنهي ملڪن جي گڏيل حڪمت عمليءَ واري موجودگي مضبوط ٿي وئي ته ڀارت جو علائقائي بالادستيءَ وارو خواب ختم ٿي سگهي ٿو. ڪي اي اي اين- ڀارتي دفاع لاءِ وڏو خطرو: ترڪيہ جو جديد جنگي طيارو KAANڀارتي دفاعي حلقن لاءِ وڏي تشويش جو سبب بڻيل آهي. هن جهاز ۾ اسٽيلٿ خاصيتون، سپر ڪروز صلاحيت، AESAريڊار، نيٽ ورڪ سينٽرڪ وار فيئر ۽ ڊرون انٽيگريشن جهڙيون خصوصيتون موجود آهن. جيڪي آمريڪا، چين ۽ يورپ جي جديد ترين جهازن سان مقابلي لائق بڻجن ٿيون. ڀارت کي سڀ کان وڏو خطرو اهو آهي ته ترڪيہ هي جهاز پاڪستان کي فراهم ڪري سگهي ٿو.

ساڳي وقت، ترڪيہ جو بايراڪتار قزل ايلما: دنيا جو پهريون بغير پائيليٽ جنگي جهاز آهي، جنهن هوا ۾ هوا تي حملو ڪاميابيءَ سان ڪري ڏيکاريو ۽ عالمي فوجي توازن کي هتائي ڇڏيو آهي. هن ڊرون نہ فقط هدف کي ريڊار سان ٽريڪ ڪري لاڪ ڪيو پر ان کي نشانو به بڻايو. F-16جهڙي جنگي جهاز کي لاڪ ڪرڻ جي صلاحيت ڀارتي فضائيہ لاءِ وڏو ڌڪو بڻجي چڪي آهي. ڀارت کي خبر آهي ته جيڪڏهن ترڪيہ اها ٽيڪنالاجي پاڪستان منتقل ڪري ڇڏي ته ان جا دفاعي منصوبا ۽ اربين ڊالرن جا هٿيار بي معنيٰ ٿي سگهن ٿا. ترڪيءَ جي بحري قوت - ڀارت جي 'بادشاهيءَ' لاءِ چيلينج: ڀارت پاڻ کي هميشہ هندستاني سمنڊ جو "بادشاهہ" سڏائيندو رهيو آهي پر ترڪ بحريہ جي تيز رفتار ترقي هن سوچ کي ڏيان کان هٽائي ڇڏيو آهي. TCG Anadolu- دنيا جو پهريون ڊرون ڪيريئر ڀارتي بحري قيادت لاءِ وڏي پريشاني بڻيل آهي. مستقبل جي جنگ انسان نہ پر ڊرون وڙهندا ۽ ترڪيہ ان ميدان ۾ اڳواڻ بڻجي چڪو آهي.

ترڪ فريگيٽس دنيا جي جديد ترين فريگيٽس ۾ شمار ٿين ٿا ۽ ترڪيہ اهي فريگيٽس فخر سان پاڪستان کي ڏئي رهيو آهي. اها ڳالهہ ڀارت لاءِ انتهائي تڪليف ڏيندڙ آهي، جنهن ڪري ڀارتي ميڊيا مسلسل ترڪيہ خلاف پروپيگنڊا ۾ مصروف آهي. ترڪ سفارتڪاريءَ جو وڌندڙ دائرو: ڀارت جي اصل پريشاني ترڪيہ جو خطي ۾ وڌندڙ سياسي اثر رسوخ آهي. خاص طور تي بنگلاديش ۾ شيخ حسينہ واجد جي وڃڻ کان پوءِ عبوري حڪومت سان ترڪيہ جا تيز رفتاريءَ سان بهتر ٿيندڙ لاڳاپا ڀارت لاءِ وڏو ڌڪ ثابت ٿي رهيا آهن. بنگلاديش اڳ ۾ ئي ترڪيہ سان دفاعي معاهدا ڪري چڪو آهي، جنهن سبب ڀارت کي خطرو محسوس ٿي رهيو آهي ته خطي ۾ سياسي توازن تبديل ٿي رهيو آهي. ڀارت ان جو جواب يونان، قبرص ۽ آرمينيا سان گڏجي فوجي مشقون ڪري ڏيڻ جي ڪوشش ڪئي آهي پر اها حڪمت عملي موثر ثابت نہ ٿي آهي.

ترڪيہ عالمي قوت ۽ ڀارت جو وکري ويل خواب: ڀارت ڏسي رهيو آهي ته ترڪيہ اها عالمي پوزيشن حاصل ڪري ورتي آهي، جنهن جو خواب ڀارت 70 سالن کان ڏسي رهيو هو پر ڪڏهن به حقيقت ۾ تبديل نہ ڪري سگهيو. جڏهن ته ترڪيہ ڪجهه سالن ۾ پنهنجي عالمي حيثيت ثابت ڪري ڇڏي آهي.

ڀارتي تجزيہ نگارن خبردار ڪيو آهيہ 'ترڪيہ هاڻي ڏکڻ ايشيا ۾ تماشائي نہ هڪ فعال طاقت بڻجي چڪو آهي ۽ ڀارت جو حقيقي خوف اهو ئي آهي.' ايترو چوڻ ڪافي آهي ته ترڪيہ عالمي سياست، سفارتڪاري، جنگي ٽيڪنالاجي ۽ دفاعي پيداوار ۾ جنهن تيزيءَ سان اڳتي وڌي رهيو آهي، اهو سڀ ڪجهه ڀارت جي 'علائقائي سپر پاور' بڻجڻ واري دعويٰ کي ختم ڪري رهيو آهي. ترڪيہ اڄ اهو ڪري پيو ڏيکاري، جنهن جو ڀارت تصور به نہ ڪري سگهيو هو ۽ اها ئي وجهہ آهي جو ڀارت ترڪيہ کان خوفزده بڻيل آهي.

ڪليل مين هول: حياتي لاءِ وڏو خطرو!



محمود شام

قومي سياسي پارٽيون ته پوري طرح ناڪام ٿي ويون آهن. جيڪي اڳ ڪڏهن آسمان کي ڇُهندڙ ليڊرشپون هونديون هيون، اهي به هاڻي زمين تي اچي رهيون آهن. بلدياتي ادارا به ويچارا ناامید ۽ بي وس ڪري ڇڏيا ويا آهن. ڪين کو اختيار ئي ڪونہ ڏنو ويو آهي. تنهنڪري هاڻي پنهنجي ڪم ڪار ۾ ڪوتاهي ڪرڻ لاءِ انهن وٽ اهو سولو بهانو آهي ته 'اسان وٽ ته اختيار ئي ڪونہ آهن' وڏن وڏن شاندار شاپنگ سينٽرن جي ٻاهران موت جڻ اوهان جو انتظار ڪري بيٺل هجي. هن هفتي ته نيپا چورنگي ته بلڪل مقتل جي صورت اختيار ڪري وئي. نيپا اهو هنڌ آهي، جتي ڪراچي سميت سڄي ملڪ جا وفاقي، صوبائي ۽ بلدياتي آفيسر انسان جي خدمت، انسان کي الله جو نائب سمجهي سندس عزت ۽ وقار برقرار رکڻ بابت مهينن جا مهينن تربيت وٺن ٿا. پر افسوس جو نيپا کان صرف ڪي چند قدم پري، اهو وڏو شاپنگ مال جيڪو روزانو ڪروڙين رپيا ڪمائي ٿو، اهو پنهنجي معزز گراهڪن ۽ سندن ٻارن جي حفاظت لاءِ هڪ ڪليل مين هول تي ڍڪ رکڻ جهڙو سادو ڪم به نہ ڪري سگهيو. جنهن ڪائونسلر جي ذميواري هئي، اهو جڻ خواب پيو پڪڙي، بي خبر لاتعلق. جيڪو يوسي چيئرمين هو، اهو به بي حس بڻيل رهيو. ٽائون چيئرمين پڻ پنهنجو فرض ادا ڪرڻ ۾ ناڪام رهيو. شهر جي ميئر تائين به هيءَ زندگيءَ لاءِ خطرو بڻيل معاملو نہ پهتو. حيران ڪندڙ ڳالهہ ته ميئر جو اسٽاف ته سندس اکيون، ڪن ۽ زبان سمجهيو ويندو آهي. ڇا انهن به هن ڏکئي صورتحال بابت ڪجهہ نہ ٻڌايو؟ ڇا هاڻي اهڙي معمولي شيءِ لاءِ به 1973ع جي آئين ۾ ترميم ڪرڻي پوندي؟ ڇا هن لاءِ به ڪنهن کي هميشہ لاءِ استثنيٰ ڏيڻو پوندو؟ نيپا جا در ۽ پٿيون روئي رهيون آهن. نيپا چوڪ مٿو پٽي رهيو آهي. نيپا پل تي ماتم جو ماحول آهي. هڪ ننڍڙو گل ته اڃا مڪمل کِليو به ڪونہ هو سو مرجهائي ويو. هاڻي ڇا نيپا کي سرڪاري آفيسرن سان گڏ سيٺن، وڏيرن، مالڪن، سي اي اوز ۽ واپاري ماڻهن کي به تربيت ڏيڻي پوندي؟ ڇا شاپنگ سينٽرن جي مئنيجمينٽ کي اهو به سيکارڻو پوندو ته جيڪو به گراهڪ اوهان وٽ خريداري ڪرڻ اچي ٿو ان لاءِ مناسب ماحول مهيا ڪرڻ سان گڏوگڏ سينٽر جي چوڌاري ڪيترن قدمن تائين حفاظت جو بندوبست پڻ شاپنگ سينٽر جي ذميواري هوندي آهي؟ اهي پراڻيون پاڙي واريون دڪانون ياد اچن ٿيون، جتي مالڪ پاڻ تجوريءَ (هاڻي ڪائونٽر) تي ويهي ڪم ڪندو هو، اهو ئي سيٺ هوندو هو، اهو ئي سيلز پرسن ۽ ساڳئي وقت پاڙي جو غمخوار به. هو ابراهيم کي به سڃاڻيندو هو، تنوير کي به. ٻارن کي چونگا ڏيندو هو، ڏاڏو، ڏاڏي، نانو ناني کي ادب سان سلام ڪندو هو، جيڪڏهن سامان وڌيڪ ٿئي، ته گهر تائين پاڻ ڪڻي ويندو هو. ڪڏهن لفافي يا بيگ جا الڳ پئسا نہ وٺندو هو ۽ نہ ئي سامان گهر تائين پهچائڻ جو بل ڏاهيندو هو. هاڻي اهڙا ڪرياني اسٽور آهستي آهستي بند ٿي رهيا آهن. شهرن ۾ 'سيڪيورٽي' جي نالي تي ڪروڙين رپيا لڳي رهيا آهن. شارٽ سرڪٽ سي سي ٽي وي ڪيمرا لڳائي شهرن کي محفوظ بڻائڻ جون دعوائون ڪيون پيون وڃن. رينجرز کي به سالن کان شهرن ۾ ڊيوٽيون ڏنيون ويون آهن. پر سوال اهو آهي ته ڇا اهي سي سي ٽي وي ڪيمرا هڪ ڪليل مين هول به نٿا ڏسي سگهن؟ شهر آهستي آهستي بيهوده نمونو ڪمرشل بڻجندا پيا وڃن. گلشن اقبال جو جيڪو بلاڪ آهي، جتي اسين رهون ٿا، اتي اڳ ساريون عمارتون رهائشي هيون. پُرسڪون پُرامن. نہ گٽر اُتلندا هئا، نہ روڊ تمام گهٽا شريف هئا، فٽ پاٿ تمام گهٽا سادا. پر پوءِ هڪدم اهڙي غضب ڪمرشلائيزيشن شروع ٿي، جو گهر ڊهڻ لڳا، دڪانون وڌنديون وڃون ۽ سڄو ماحول ئي بدلجي ويو.

ڪنهن به ڪاٽي اسان پاڙي وارن کان ڪڏهن به نہ پڇيو ته اسين ڇا ٿا چاهيون. هاڻي هتي هر قسم جا برانڊ اچي چڪا آهن. ملڪي به، غير ملڪي به. روڊن ۽ گهٽين ۾ هر طرح جي گاڏيون. ترڪون اچن ٿيون، وڏيون ڪمپنيون پنهنجو نئون مال ڪٽي وڏا وڏا ٽرالر هتي لاهي رهيون آهن. لڪين نہ پر ڪروڙين رپين جو واپار ٿي رهيو آهي. گٽر روزاني ٿا اٿلن. روڊ ٽٽي پون ٿا. مٿي ڊوڙ اڏامي ٿي. اقتصاديات جون سموريون عالمي اصطلاحون هتي موجود آهن. فئڪٽري آئوٽ لٽ.

فرنچائز عالمي ڪاڏن پيتن جي برانڊن جا وڏا نالا پر گٽر جو ڍڪر ئي نٿو روڪيو وڃي، فٽ پاٿن تي موٽر سائيڪلن جون قطارون لڳل آهن. گاڏيون پارڪ ٿيل آهن. شاپنگ لاءِ ايندڙ نياڻيون، مائرون، پينرون گپ سان ڀريل رستن تان گذرڻ تي مجبور آهن. ٻارن کي به انهن ئي ڍڪين. ڪنڊيدار رستن تان هلڻو پوي ٿو ٽريفڪ جو ڪو به سپاهي ٽريفڪ جام کولڻ لاءِ نٿو اچي. جو ته انهن جو پتو ته سڌو ٿاڻي ڏانهن وڃي ٿو ڪڏهن هٽ ٿي. ڪڏهن آن لائن. سڀ سياسي پارٽيون ۽ انتظاميا پنهنجي پنهنجي حصي جو هفتيوار يا ماهوار حصو دڪانن، برانڊن، ريڙهين ۽ خوانچن کان وٺي رهيون آهن. جڏهن گٽر جو پاڻي وڌيڪ تيزيءَ سان وهي ٿو ۽ دڪانن جي ڏاڪڻ تائين پهچي ٿو ته ماڻهو سرون، پٿر يا ڪاٺيون رکي رستو ناهين ٿا. اهي لکين ڪمائيندڙ ۽ هزارين رپيا خرچ ڪندڙ مالڪ به ڪنهن تڪليف ۾ پوندا ئي ڪونهن. شاپنگ جو جنون ايترو غالب آهي جو ڪچري، گدلاڻ ۽ گٽر جي بدبوءِ جو به اثر نٿو پوي. شايد اوهان کي به پنهنجن شهرن، ڳوٺن ۾ اهڙين ئي تبديلين کي منهن ڏيڻو پوندو هوندو. هر شهر ۾ اڄڪلهہ چوڪ تي ناڪا لڳن ٿا. شهرين کان هٽ مٿي ڪرائي جاچ ڪئي وڃي ٿي. بي عزتي به. جاچ به. سڀ ڪجهہ ٿيندو رهي ٿو بلدياتي آفيسن ۾ عملو ڀريو پيو آهي. ڪائونسلر يوسي چيئرمين، ٽائون چيئرمين، سڀ موجود آهن. پورو ڍانچو بيٺو آهي. پارڪن ۾ جيڪي يادگار تختيون اڳ ۾ ناهيندڙن جون لڳل هونديون هيون، اهي به هنر سان لاهي پنهنجون نيون تختيون لڳائي ڇڏين ٿا.

سوشل ميڊيا تي هر طرف پنهنجي ڪارڪردگي جون تصويرون ۽ وڊيوز لڳائڻ جي ڊوڙ لڳي پئي آهي. هر ڪاتي وٽ پنهنجا يوٽيوب وارا به آهن، ويب سائيٽ ٺاهيندڙ به، وڊيو ڪلپ ايڊٽ ڪندڙ به، ريل ٺاهيندڙ به. سڀ انسان آهن. پاڻ ۾ مائٽ به آهن. پاڙي وارا به. ڪنهن نہ ڪنهن پارٽي جا به. ڪي ته احتساب وارن ادارن جا سربراهہ آهن. وري ڪن جو فرض گشت ڪرڻ ۽ خيال ڪرڻ جو آهي ته متان ڪٿي ڪا غفلت ڪنهن انسان جي جان نہ وٺي وڃي. اهي ماڻهو جنهن جا ذميوار آهن. انهن جو ڪم آهي ڏسڻ ته ڪٿي موت ڪنهن ٻار، ڪنهن ماءُ يا ڪنهن پيءُ جي انتظار ۾ نہ هٽ وسيع ڪري بيٺي ناهي. شهر ۾ لڳايل ڪيمرا رڳو اي-چالان جاري ڪن ٿا. پر اهي ڪيمرا ڪڏهن ڪنهن ڪليل مين هول يا ڪنهن خطرناڪ کڏي کي کُليل ڏسي به لاڳاپيل آفيسر جي گهر چالان نٿا موڪلين ته: 'توهان پنهنجي ذميواري چو نڀائي نہ آهي؟' اهو اهي ڪري به ڪيئن ٿا سگهن، ڪيمرا به 'آفيسر دوست' آهن. پورو سسٽم پراڻو هجي يا نئون، سڀ 'سرڪار فرينڊلي' آهي. سيٺي جي ترجيح صرف ڪمرشل ڪم آهن، هفتيوار حصو، ماهوار پتو، پنهنجي فائدي واري فيس. انسان جي تذليل ٿي رهي آهي، اڪثريت جي تڪليفن مان، ماڻهن جي مجبوريءَ مان پيسا ڪمائڻ جو سلسلو گڏيل طور هلائي رهيا آهن. جيڪو ڪو ماڻهو ضابطي ۽ قانون موجب ڪم ڪرڻ چاهي ٿو هن کي به ساڳئي وقت پنهنجا گهر وارا، آفيس وارا ۽ پاڙي وارا چون ٿا: 'ادا! تون پاڻ لاءِ مصيبت چو سڏي رهيو آهين؟ ڪجهہ به ڪونہ ٿيندو.' مان پاڻ به اهو سڀ ڪجهہ چو لکي رهيو آهيان؟ منهنجو اندر به بار بار چوي ٿو ته 'ڇڏي ڏي، ڪير پڙهندو؟' هاڻي ته ڪنهن آفيس ۾ اخبار پڙهڻ جو رواج ئي ناهي رهيو. ڪو به ڪلارڪ پنهنجي آفيسر کي فائل اهڙي سنجيدگي سان نہ ٿو ڏي، جيئن خبرن ۾ اهم شيءِ کي نشان لڳائي موڪليو ويندو هو. هاڻي ته سڀ ڪجهہ وڪامڻ لڳو آهي، جيئرو به، مئو به، غوطا خور به، ڪرين به. انسان وڪامي رهيا آهن. قومون به وڪرو ٿي رهيون آهن. پر ڪيترو به سرمايو هجي، بينڪ بيلنس هجي، ماءُ جي ممتا نہ خريد ٿئي ڪري سگهجي. ابراهيم جهڙو معصوم ٻار، جنهن جي مرڪ هزارين دلين کي روشن ڪري ڇڏيندي، اهڙي مسڪراهٽ اربين رپين ۾ به نٿي ملي.

اقبال اڳ ئي فرمايو هو:

''یہ دور اپنے براہیم کی تلاش میں ہے''

ڪي پي ۾ گورنر راڄ: هڪ جائزو!



مزمل سهروردي

خيبر پختون خواهہ ۾ گورنر راڄ لاڳو ٿيڻ جون ڳالهيون زور وٺي رهيون آهن. حڪومت به تصديق ڪري رهي آهي ته اها سنجيدگيءَ سان ڪي پي ۾ گورنر راڄ لڳائڻ تي غور ڪري رهي آهي. ڪجهہ نالا به سامهون آيا آهن پر منهنجي نظر ۾ نالن ۾ ڇا رکيل آهي؟ اصل سوال اهو آهي ته گورنر راڄ واقعي لڳايو پيو وڃي يا نہ. ڇا هي رڳو هڪ ڌمڪي آهي يا سنجيدگيءَ سان ڪو وڏو قدم کڻڻ جي تياري ٿي رهي آهي؟ پي ٽي آءِ بانيءَ جي ڀينرن پاران ڀارتي ميڊيا کي ڏنل تڪراري انٽرويوءَ ماحول کي وڌيڪ خراب ڪري ڇڏيو آهي. جيڪڏهن تحريڪ انصاف جي قيادت ڀارت جي ڪلهن تي چڙهي واپس اچڻ چاهي ٿي ته پوءِ اهو ساڳي راند تي بيهڻ وارو معاملو ٿي وڃي ٿو ۽ پوءِ انهن کي ڀارت جي نظر سان ئي ڏٺو ويندو. هڪ راءِ اها به آهي ته ڪي پي ڪي جي نئين وزيراعليٰ سان ڪم ڪرڻ لاءِ ڪافي ڪوششون ڪيون ويون. ڀهريان وزيراعظم کين فون ڪري واڌايون ڏنيون. پوءِ ڪور ڪمانڊر پشاور به وزيراعليٰ آفيس ويو ۽ سهيل آفريديءَ سان ملاقات ڪئي. اهي سڀ ڪوششون گڏجي ڪم ڪرڻ لاءِ ڪيون ويون پر ٻنهي ڪوشش جو ڪو مثبت نتيجو نہ نڪتو ڪجهہ ماڻهن جو خيال آهي ته ملاقات نہ ٿيڻ ئي سڀ کان وڏو مسئلو بڻجي ويو آهي. جيڪڏهن ضد نہ هجي ها ۽ ملاقات ڪرائي وڃي ها ته شايد حالتون نارمل ٿي وڃن ها. پر ٻئي طرف دليل اهو ڏنو وڃي ٿو ته اهو ڪارڊ هاڻي پراڻو ٿي چڪو آهي. ڪيترائي ڀيرا اڳ به سياسي ملاقاتون ڪرايون ويون پر ڪڏهن به ڪاميابي نہ ملي. ان ڪري هاڻي سياسي ملاقاتن تي پابندي آهي. ڪنهن به قيديءَ کي سياسي ملاقات جي اجازت نہ آهي سو ان ڪري پي ٽي آءِ بانيءَ کي به ناهي. غير سياسي ملاقات جو به ڪو نالو سامهون نہ آيو آهي.

هڪ طرف تحريڪِ انصاف ۽ خاص طور تي ڪي پي جي وزيراعليٰ اڊيالا جيل ٻاهران احتجاج جو اعلان ڪيو. سڄي ملڪ مان ماڻهن کي گڏ ڪرڻ لاءِ مهم هلائي وئي، جيڪڏهن عوام وڏي انگ ۾ اچي وڃي ته امن امان جو مسئلو پيدا ٿي سگهي ٿو تصادم جا امڪان موجود آهن ۽ صورتحال وڌيڪ ڳنڀير بڻجي سگهي ٿي. پر هڪ راءِ اها به آهي ته به ڊرٽا اڳ ئي ٿي چڪا آهن عليمہ خان جو ڪيترن ڪلاڪن جو ڌرڻو ۽ پوءِ وزيراعليٰ جو به ڪيترن ڪلاڪن جو ڌرڻو پر ڪجهہ به نہ ٿيو فرق رڳو اهو هو ته انهن سان ماڻهو نہ هئا. تنهنڪري هاڻي ماڻهن کي گڏ ڪرڻ جي هر ممڪن ڪوشش ٿي رهي آهي. هر ايم اين اي ۽ ايم پي اي کي ماڻهو آڻڻ جو حڪم ڏنو ويو آهي. منهنجي نظر ۾ جيڪڏهن امن امان جو مسئلو پيدا ٿئي ٿو ته سخت ڪارروائي ٿيندي. ڪا رعايت نہ ڏني ويندي. ان کان پوءِ ممڪن آهي ته بانيءَ کي اڊيالا کان هٽي ڪنهن پري جي جيل منتقل ڪيو وڃي ته جيئن ماڻهن جي پهچ کان ٻاهر ٿئي. بلوچستان جو نالو به ورتو پيو وڃي.

وفاقي حڪومت جو موقف آهي ته افغانستان سان وڌندڙ تڪرار، دهشتگردي، افغانين جي نيڪالي، اسمگلنگ جي روڪٿام ۽ منشيات خلاف ڪيڪ ڊائون؛ انهن سڀني معاملن ۾ ڪي پي ڪي جي موجوده حڪومت تعاون نٿي ڪري. اهڙين حالتن ۾ معاملا نٿا هلي سگهن. سو ڳالهہ گورنر راڄ تائين وڃي پهتي آهي. ٻئي طرف تحريڪ انصاف جو ردعمل اهو آهي ته 'گورنر راڄ اڄ ئي لڳايو!' پر اندروني طور تي پريشاني موجود آهي، چو ته ڪي پي حڪومت ئي انهن جو واحد سهارو آهي. پارٽيءَ جا سيئي ماڻهو هتي موجود آهن. جيڪڏهن گورنر راڄ لڳايو ٿو وڃي ته سڀ سهولتون ختم ٿي وينديون. تنهن ڪري ظاهر ۾ جرئت پر اندر ۾ ڳڻتي آهي. گورنر راڄ مري ويل تحريڪِ انصاف ۾ نئين جان وجهندو. يوم سياح ۾ نہ هزار ماڻهو به گڏ نہ ٿيا. خراب ڪارڪردگيءَ سبب پختونخواهہ جا ماڻهو تحريڪِ انصاف کان ناراض آهن. جنهن جو ثبوت هريپور ۾ اليڪشن جو نتيجو آهي. عمران خان شديد غير مقبول ٿيو هو، عدم اعتماد کان پوءِ ڪاميابيءَ جو رنگ بدلجي ويو. هن ڇاٿي واٿي پنجاب ۽ ڪي پي حڪومتون ٽوڙي ڇڏيون ته جيئن پاڻ کي شهيد بڻائي سگهي. هاڻي وري ساڳي صورتحال پيدا ٿي رهي آهي. ڪارڪردگيءَ جو سوال اڀرڻ لڳو آهي. ماڻهو سوال پڇي رهيا آهن. ٻئي طرف صبر به ختم ٿي رهيو آهي ۽ اهو به سوال آهي ته ڇا ٻي ڌر ڇاٿي واٿي حالتون اهڙي جڳهہ تي آڻي رهي آهي؟ وزيراعليٰ جي تبديلي به انهيءَ مقصد سان لڳي ٿي. گورنر راڄ آخري آپشن ته آهي پر ڪو دائمي حل ناهي. ڇهن مهينن کان پوءِ حڪومت ۽ اسيمبلي بحال ٿي ويندي. ان کان پوءِ گورنر راڄ ڊگهو ڪرڻ لاءِ آئيني ترميم ڪرڻي پوندي. ٻي صورت ۾ اهو رڳو ڇهہ مهيني جو غير موثر بندوبست آهي. سچ ته وفاق هڪ بند گهٽيءَ ۾ بيٺل آهي. ساڳي گهٽيءَ ۾ تحريڪِ انصاف به آهي. ٻنهي جو ساهہ گهٽجي رهيو آهي ۽ ٻيو ڪو رستو ڏسڻ ۾ ناڪام آهن.

جهالت انسانيت جو تباهہ ڪندڙ گناهہ آهي!

قمر زمان ڪوسو

جهالت انسانيت جو اوڄو ۽ سڀ کان تباهہ ڪندڙ گناهہ آهي، ڇاڪاڻ ته اها نہ فقط فرد کي نابينا ڪري ٿي پر سماجن، تهذيبن، ملڪن ۽ مستقبلن کي به برباد ڪري ڇڏي ٿي. تاريخ، فلسفي، مذهب، سائنس، تمدن ۽ انساني تجربا گڏجي هڪ ئي نتيجي تي پهچن ٿا. جتي به جهالت وڌندي آهي، اتي تباهي، غربت، اونداهيون، نفرت، ظلم، ناانصافي، هارايل قومون، ڪمزور ادارا، بوسيده نظام، ڏهيل سوچون، جمود، انتشار ۽ تباهيءَ جا نقش قدم صاف نظر اچن ٿا. جهالت رڳو ڪتابي ڄاڻ جي کوٽ نہ پر اها هڪ اهڙي نفسياتي، سماجي ۽ اخلاقي بيماري آهي، جيڪا انسان جي اندر کان سوچڻ جي قوت کسي ٿي ۽ ٻاهر کان حق ۽ سچ جي سڃاڻپ کي ميساري ٿي. جهالت جو سڀ کان وڏو نقصان اهو آهي ته جهالت انسان کي اهو به نٿي ٻڌائي ته هو جاهل آهي؛ اها انسان جي اندر اهڙو غرور پيدا ڪري ٿي جو ماڻهو غلط کي صحيح سمجهي ٿو اونداهيءَ کي روشني سمجهي ٿو بندش کي آزادي سمجهي ٿو ۽ پنهنجن غلط فيصلن کي تقدير جو نالو ڏئي ڇڏيندو آهي. سماج جو سڀ کان وڏو خطرو جاهل ماڻهو نہ پر اهو ماڻهو آهي، جيڪو پنهنجي جهالت کي علم سمجهي ٿو. تاريخ جو جائزو وٺجي ته جيڪا به تهذيب ختم ٿي، انهيءَ جي زوال جو بنيادي سبب جهالت ئي ثابت ٿيو آهي. روم، يونان، مصر، بابل، موهن جو دڙو، اندلس؛ انهن سڀني جي تباهيءَ ۾ جهالت جا پاڇا صاف نظر اچن ٿا. جڏهن علم بيهجي وڃي، سوال ڪرڻ تي پابندي لڳي، سوچڻ ۽ تنقيد کي ڏوهہ سمجهيو وڃي، تحريڪ بيهي وڃي، ماڻهن کي خوف ۾ رکيو وڃي، ڪتاب ساڙيا وڃن، استاد خاموش ڪيا وڃن ۽ عوام کي غير ضروري بحثن ۽ ۽ نسلن وچ ۾ نفرتن ۾ ڦاسايو وڃي، تڏهن تهذيبون زوال پذير ٿينديون آهن. جهالت پنهنجي فطرت ۾ ڌوڪيباز آهي. اها خاموشيءَ سان ماڻهن جي دلين ۾ جاءِ بڻائي ٿي. پهرين اها ماڻهن کي سوال ڪرڻ کان روڪيندي آهي، پوءِ شڪ ڪرڻ کان، پوءِ سوچڻ کان، پوءِ حق ڳولڻ کان. آخرڪار زندگيءَ جي هر تبديليءَ کان. اهڙي ريت جهالت هڪ سخت زنجير بڻجي وڃي ٿي، جنهن کي ماڻهو پاڻ تي خوشي خوشي ٻڌائيندا آهن. جهالت سماجي بربادي جو به اهم ترين آخرڪار سبب آهي. جتي جهالت هوندي آهي، اتي معاشرو ٽٽندو آهي. سماجي انصاف ناپيد ٿيندو آهي، قانون هڪجهڙو لاڳو نہ هوندو آهي، طاقتور جو ظلم وڌندو آهي، ڪمزور جي آواز کي دٻايو ويندو آهي، رشوت، ڪرپشن، اقرباپروري ۽ منافقت جهالت جي ئي پيداوار آهن. جهالت ماڻهن کي ائين سمجهايو ٿي: "بس اهو ئي صحيح آهي، جيڪو توکي ٻڌايو ويو آهي، باقي سڀ غلط آهي." نتيجي ۾ معاشرو فڪري غلاميءَ ۾ ڦاسي پئي ٿو. جهالت جو سڀ کان وڏو نقصان تعليم تي حملو آهي. تعليم مخالف قوتون هميشہ جهالت کي زنده رکڻ چاهين ٿيون، چو ته علم انسان کي آزاد ڪري ٿو جڏهن ته جهالت طاقتور کي طاقتور ۽ ڪمزور کي وڌيڪ ڪمزور رکي ٿي. جڏهن اسڪولن جو معيار خراب ڪجي ٿو، جڏهن استادن کي ڪمزور ڪجي ٿو، جڏهن ڪتابن مان سچائي ڪڍي وڃي ٿي، جڏهن نوجوانن کي جاڳائڻ بدران سمهاريو وڃي ٿو، تڏهن سماج صديون پوئتي رهجي وڃن ٿا. اها انسان کان رحم، محبت، انصاف ۽ همدرديءَ جو احساس کسي وٺي ٿي. جاهل ماڻهو هڪ اهڙو انسان بڻجي ٿو، جيڪو پنهنجي حق لاءِ ته آواز آڻي ٿو پر ٻين جي حقن کي لتاڙڻ کي روا سمجهندو آهي. جهالت انسان کي خودغرض، تنگ نظر متعصب ۽ سختدل بڻائي ٿي. جاهل ماڻهو جلدي غصو ڪندو آهي، جلدي فيصلو ڪندو آهي، جلدي نفرت ڪندو آهي ۽ جلدي تباهہ ڪندو آهي. جهالت علم جي روشنيءَ کي دشمن سمجهي ٿي، تنقيد کي بغاوت، سوال کي گستاخي ۽ تحقيق کي گناهہ سمجهي ٿي. تنهن ڪري جاهل سماج ۾ سچ کي دٻايو ويندو آهي ۽ ڪوڙي ڳالهہ کي بار بار ورجائي "حقيقت" بڻايو ويندو آهي. جهالت سياسي برباديءَ جو به بنيادي ذريعو آهي. جتي جو عوام جاهل هوندو آهي، اتي جا حڪمران ظالم هوندا آهن. هو عوام کي وڌيڪ جاهل رکڻ لاءِ ڊراماٽي نعرا، غلط اميدون ۽ بي بنياد وعدا ڪندا آهن. جهالت عوام کي جذباتي ڪري ٿي ۽ جڏهن عوام جذباتي هوندو آهي ته هو غلط فيصلا ڪندو آهي. غلط ماڻهن طاقت ڏيندو آهي ۽ پنهنجي مستقبل کي خود تباهہ ڪندو آهي. جهالت اقتصادي ترقيءَ کي قتل ڪري ٿي. جتي جهالت هوندي آهي، اتي مهارتون گهٽ ٿينديون آهن، محنت گهٽ ٿيندي آهي، ڪاروبار پوئتي رهجي ويندو آهي، ٽيڪنالاجيءَ لاءِ خوف هوندو آهي ۽ دنيا جي تبديليءَ کي سمجهڻ ۾ ڏکيائي ٿيندي آهي.

جاهل ماڻهو نوان خيال قبول نہ ڪندا آهن. جنهن سبب سماج جديد دنيا سان قدم نٿو ملائي سگهي. جهالت سائنسي ترقيءَ کي روڪيندي آهي. سائنسي تحقيق سوالن تي بيٺل آهي پر جهالت سوال ڪرڻ کي گناهہ سمجهي ٿي. سائنس ترقي ڪري ٿي جڏهن ماڻهو تجربي، مشاهدي، تجرباتي ثبوتن ۽ دليل تي يقين رکن ٿا. پر جاهل معاشرو دليل کي شڪ جي نظر سان ڏسي ٿو ۽ غير سائنسي سوچن کي سچ مڃي ٿو. جهالت نوجوانن جي مستقبل کي کسي ٿي. جڏهن نوجوانن کي سوچڻ نہ سيکاريو وڃي، ڪتابن بدران نعرا ٻڌايا وڃن ۽ مستقبل بدران ماضيءَ ۾ قيد ڪيو وڃي ته قوم جو مستقبل اونداهو ٿي وڃي ٿو جهالت کي جيڪڏهن ڪنهن هڪ لفظ ۾ بيان ڪجي ته اها "انسانيت جو زهر" آهي. اهو زهر آهستي آهستي جسم ۾ پکڙجي ٿو ۽ پوءِ هڪ ڏينهن سماج کي بيڪار، ڪمزور، غلام ۽ تباهہ ڪري ڇڏيندو آهي. پر سچ اهو آهي ته جهالت کي شڪست ڏئي سگهجي ٿي ۽ ان جو واحد هٿيار علم آهي. علم انسانيت جو روشن ترين ڏيئو آهي. علم انسان کي آزاد ڪري ٿو نيڪيءَ ڏانهن وٺي وڃي ٿو، عقل کي طاقت ڏئي ٿو، سچ کي ظاهري بڻائي ٿو، دل کي نرم ڪري ٿو ۽ سماج کي مضبوط ڪري ٿو علم انسان کي انسان بڻائي ٿو. دنيا جي هر ترقي يافتہ قوم علم کي پنهنجو مرڪزي قدر بڻايو. انهن ڄاڻ، تحقيق، سائنس ۽ حڪمت کي پنهنجو هٿيار بڻايو نتيجي ۾ اهي قومون اونداهين مان نڪري دنيا جي اڳواڻ بڻجي ويون. جهالت کان نجات حاصل ڪرڻ هر فرد، هر خاندان، هر اسڪول، هر استاد، هر حڪمران ۽ هر سماج جي ذميواري آهي. علم جي تبديلي هڪ نسل نہ پر هزارين نسلن جو مستقبل بدلائي سگهي ٿي ۽ اها ئي تبديلي دنيا کي روشن ڪري ٿي. جهالت انسانيت جو اوڄو ۽ سڀ کان تباهہ ڪندڙ گناهہ آهي، چو ته اها دل کي سخت ڪري ٿي، عقل کي بند ڪري ٿي. علم دنيا جو سڀ کان وڏو ثواب آهي، چو ته اهو انسان کي بلند ٿو ڪري، سماج کي زنده ٿو ڪري، انصاف کي قائم ٿو ڪري، محبت کي وڌائي ٿو ۽ قومن کي اڀاري ٿو ان ڪري هر انسان، سماج، ملڪ ۽ نسل لاءِ ضروري آهي ته اهو علم کي پنهنجو چراغ بڻائي ۽ جهالت کي پنهنجي زندگيءَ مان هميشہ لاءِ ختم ڪري ڇڏي.

عبرت پوسٽ (اداري جو خط جي متن سان متفق هجڻ ضروري ناهي)

دادو جي گدامن مان ڪڻڪ غائب... ڇا عملدارن خلاف ڪارروائي ٿي سگهندي؟

اسان دادو ضلعي جا رهواسي سنڌ حڪومت جي ڌيان ۾ هڪ انتهائي سنجيده ۽ عوامي حقن سان لاڳاپيل معاملو آڻڻ چاهيون ٿا. ميڊيا تي آيل رپورٽن موجب ضلعي دادو ۾ ڪڻڪ جي سرڪاري گدامن مان تقريباً 70 کان 80 هزار ڪڻڪ جون ٻوريون غائب ٿي ويون آهن. جنهن سبب ڊي ايف سي دادوءَ کي معطل ۽ سپروائزر کي برطرف ڪيو ويو آهي. اسان دادو ضلعي جا شهري سنڌ حڪومت کان درخواست ٿا ڪريون ته غائب ٿيل ڪڻڪ جي اسٽاڪ جي مڪمل ۽ شفاف تحقيق ڪئي وڃي ۽ سڀني ذميوارن خلاف سخت قانوني ڪارروائي ڪئي وڃي ته جيئن مستقبل ۾ اهڙي بدانتظامي ۽ ڪرپشن کي روڪڻ لاءِ مضبوط نگراني، آڊٽ سسٽم ۽ ذميوارن جي جوابدهيءَ کي يقيني بڻائي سگهجي. عوام جي بنيادي خوراڪ جي تحفظ لاءِ فوڊ ڊپارٽمينٽ جي انتظاميا جي شفافيت ۽ ڪارڪردگيءَ ۾ بهتري آندي وڃي. اسان اميد ڪريون ٿا ته سنڌ حڪومت عوامي حقن ۽ وسيلن جي حفاظت کي يقيني بڻائڻ لاءِ فوراً ڪارروائي ڪندي.

عبدالحئي، دادو

لطيفي لات	شاهہ عبداللطيف ڀٽائي

واهُڙَا! پَريُون مَ پاءِ، تو پِڻُ ليکو ڏيڻو؛
سدا سانوڻ ڏِينهڙا، هِئَن نه هُونداءِ؛
وهاٽي وينداءِ، اوپَرَ اُتاهان لَهِي.
(سُر سهڻي)

خيبرپختونخوا ۾ گورنر راڄ: اِهو قدم ملڪ کي سنگين بحران ۾ ڌڪي سگهي ٿو

زاهد حسين

خيبرپختونخوا ۾ گورنر راڄ لاڳو ٿيڻ بابت ڪيترن ئي مهينن کان بحث هلي رهيو آهي پر هاڻي اِهو معاملو لڳي ٿو ته ناگزير ٿي رهيو آهي. صوبائي ۽ وفاقي حڪومتن وچ ۾ وڌندڙ تڪرار هڪ نازڪ موڙ تي پهچي چڪو آهي. ڪجهہ سرڪاري وزيرن جا تازا بيان اِهو ظاهر ڪن ٿا ته هن اختيار تي سنجيدگيءَ سان غور ڪيو پيو وڃي. پر اهڙو ڪو به قدم ملڪ کي وڌيڪ سنگين بحران ۾ ڌڪي سگهي ٿو جنهن جا سياسي ۽ سيڪيورٽي حوالي سان ڊور رس اثر پوندا. ملڪ ۾ اڳ ئي تنگ ٿيندڙ جمهوري فضا هڪ غير مستحڪم صورتحال پيدا ڪري چڪي آهي ۽ محاذ آرائي واري سياست سڄي نظام کي پٽڙيءَ تان لاهي سگهي ٿي. سوال اِهو آهي ته ڇا ملڪ، جيڪو اڳ ۾ ئي ڪيترن ئي اندروني ۽ ٻاهرين سيڪيورٽي چيلنجز کي منهن ڏئي رهيو آهي، اهڙي غير ذميوار ڪارروائيءَ کي برداشت ڪري سگهي ٿو؟ وفاقي حڪومت پاران هن ممڪن قدم لاءِ جيڪي سبب ڏنا ويا آهن، انهن ۾ خاص طور تي خيبرپختونخوا ۾ سلامتي ۽ حڪومت هلائڻ جا مسئلا شامل آهن. شايد اِهو درست هجي ته هن اسٽرٽيجڪ اهميت واري صوبي کي گذريل 10 سالن ۾ پنهنجي بدترين سيڪيورٽي صورتحال جو منهن ڏسڻو پيو آهي ۽ دهشتگردي سوين جانيون کڻي وئي آهي پر اهڙين خراب حالتن جي اصل ذميواري وفاقي حڪومت ۽ سيڪيورٽي ادارن تي آهي. بدانتظاميءَ کي بهانو بڻائڻ مناسب ناهي، ڇاڪاڻ ته ٻين صوبن ۾ به حالتون بهتر نہ آهن. سڄو معاملو طاقت جي سياست ۽ خيبرپختونخوا ۾ پاڪستان تحريڪِ انصاف جي حڪومت کي ڪمزور ڪرڻ تي مرڪوز آهي. گذريل هڪ سال دوران اسٽيبلشمينٽ جي حمايت سان وفاقي حڪومت هر ممڪن ڪوشش ڪئي ته پي ٽي آءِ جي صوبائي حڪومت کي ڪمزور بڻايو وڃي. پر عورتن ۽ اقليتن لاءِ مخصوص سيٽن کان محروم ٿيڻ باوجود، پي ٽي آءِ اڃا به ڪي پي اسيمبليءَ ۾ غالب حيثيت رکيو ويٺي آهي هڪ نئين ۽ سخت وزيراعليٰ جي عهدي سنڀالڻ کانپوءِ صوبائي ۽ وفاقي حڪومتن وچ ۾ محاذ آرائي انتها تي پهچي وئي آهي. صوبي ۾ گورنر راڄ جي ممڪن طور لاڳو ٿيڻ سان اهو محسوس ٿئي ٿو ته هي هائبرڊ نظام، جنهن صوبائي حڪومت کي هيٺ ڪرڻ ۾ ناڪام رهيو، هاڻي مايوسي ڏيکاري رهيو آهي. پر اهڙي سخت ڪارروائيءَ جي نتيجي ۾ صورتحال وڌيڪ خراب ٿي سگهي ٿي، خاص ڪري اهڙي علائقي ۾ جتي عسڪريت پسندي وڌي رهي آهي ۽ مغربي سرحد تي جنگ جهڙيون حالتون پيدا ٿي چڪيون آهن. سڀ کان وڌيڪ پريشان ڪندڙ ڳالهہ مقامي آباديءَ جو رياست کان وڌندڙ بيگانگيءَ جو احساس آهي، خاص ڪري اهي ضلعا جيڪي عسڪريت پسنديءَ کان سڀ کان وڌيڪ متاثر آهن. صوبائي حڪومت ۽ اسٽيبلشمينٽ وچ ۾ وڌندڙ تڪرار سبب انهن علائقن ۾ انتظامي ڪنٽرول تقريباً ختم ٿي چڪو آهي. اهڙي صورتحال دهشتگرد گروپن کي وڌيڪ کُليل آزادي ڏئي ٿي، جيڪي هاڻي بنا ڪنهن خوف يا خطري جي ڪارروائيون ڪري رهيا آهن. پشاور ۾ ايف سي هيڊ ڪوارٽر تي ٿيل حملو اهو ثابت ڪري ٿو ته اهي گروهہ هاڻي اعليٰ سيڪيورٽي زونن ۾ به بيباڪ حملا ڪرڻ جي صلاحيت رکن ٿا. پر سيڪيورٽيءَ ۾ ناڪاميءَ جو ذميوار ڪير آهي؟ يقيناً گهٽ وسيلن وارا ۽ مايوسيءَ ۾ مبتلا شهرين تي لاڳو قانون لاڳو ڪندڙ ادارا نہ آهن. رياست ۽ عوام جي وچ ۾ وڌندڙ اعتماد جو خال صوبائي سيڪيورٽيءَ جي عملي طور تي ناڪاميءَ جو هڪ وڏو سبب بڻيو آهي.

اهڙي صورتحال عوام کي وجودي خطري جي خلاف گڏ ڪرڻ بدران، انهن ۾ اعتماد جو بحران وڌائي سگهي ٿي ۽ اهڙي طرح رياست پنهنجي ئي ماڻهن کان ڏور ٿي سگهي ٿي. افغانستان سان جاري ويڙهہ ۽ اتي موجود دهشتگردن جا اڏا سڌو سنئون خيبرپختونخوا کي متاثر ڪن ٿا. صوبو افغانستان سان ڊگهي سرحد رکي ٿو ۽ نسلي ۽ ثقافتي لاڳاپا به موجود آهن. تنهن ڪري، پاڪ-افغان تڪرار ۾ واڌ صوبائي سياست ۽ سماج تي سڌو اثر وجهي ٿو. سرحدن جي بندش سبب صوبي ۾ ڪاروبار ۽ واپار تي به شديد اثر پيو آهي. پر سوال اهو آهي ته ڇا رياستي ادارن ۽ وفاقي حڪومت انهن خدشن کي مقامي آباديءَ جي نظر ۾ تسليم ڪيو آهي؟ جيڪڏهن افغانستان جي ڪالعدم تحريڪ طالبان (ٽي ٽي پي) جي حمايت ڪرڻ واري معاملي تي پي ٽي آءِ جي موقف سان اختلاف ڪيو وڃي، ته به صوبائي حڪومت جو انهن افغان مهاجرن جي زبردستي ملڪ بدر ٿيڻ جي خلاف موقف، جيڪي ملڪ ۾ پيدا ٿيا يا تقريباً ٽي نسلون هتي رهي چڪا آهن، ايترو غير معقول ناهي جيئن وفاقي حڪومت پيش ڪري رهي آهي. حقيقت ۾ حڪومت جا فيصلا، يعني انهن مهاجرن کي واپس موڪلڻ ۽ واپار بند ڪرڻ، افغان عوام جي جذبات کي ملڪ جي خلاف موڙي ڇڏيو آهي، جن کي افغان طالبان جي انتظاميا پنهنجي فائدي لاءِ استعمال ڪيو آهي. هاڻي اسٽيبلشمينٽ ۽ وفاقي حڪومت لاءِ پنهنجي افغان پاليسي تي نظرثاني ڪرڻ انتهائي ضروري ٿي وئي آهي. وزير دفاع ۽ ڪجهہ ٻين پاڪستاني اختيارين جي افغانن بابت سخت بيان نہ صرف سرحد پار ماڻهن کي مشتعل ڪيو آهي، پر ملڪ اندر ڪيترائي پشتون پڻ ان کان مايوس ۽ ناراض ٿي ويا آهن. پر اصلي سبب ملڪ ۾ جمهوري فضا جي سُڪڙجڻ ۽ وڌندڙ آمريت آهي. جيڪا موجوده محاذ آرائي جو بنياد بڻجي رهي آهي. حڪومت عدليہ جي خودمختياري کي آئيني ترميمن ذريعي محدود ڪري ڇڏيو آهي ۽ هائبرڊ نظام جي آئين کان ٻاهر وارن قدمن خلاف عدالتي چاره جوئي جا سڀ رستا بند ڪري ڇڏيا آهن. اڳوڻي وزيراعظم عمران خان کي ان جي آئيني حق، يعني منصفانہ ٽرائل کان محروم رکڻ ۽ عدالتي حڪمن جي باوجود ان کي پنهنجن گهروارن ۽ وڪيلن سان ملاقات جي اجازت نہ ڏيڻ، وفاق ۽ خيبرپختونخوا حڪومت جي وچ ۾ جاري محاذ آرائي کي وڌيڪ تيز ڪري رهيو آهي. صوبي ۾ پارٽي هاڻي نوجوان نسل ۽ وڌيڪ پراعتماد عنصرن جي هٿ ۾ آهي، جيڪي حڪومت جي غير جمهوري قدمن کي قبول ڪرڻ لاءِ تيار ناهن. هڪ الڳ ۽ ظاهر طور فرمانبردار آئيني عدالت جي قيام ڪانپوءِ وفاقي حڪومت کي وڌيڪ يقين ٿي ويو آهي ته ان جا آئين کان ٻاهر وارا ۽ غير جمهوري قدم رد نہ ڪيا ويندا، جنهن ڪري خيبرپختونخوا ۾ گورنر راڄ نافذ ڪرڻ وڌيڪ آسان ٿي سگهي ٿو پر بااثر حلقا شايد اهو نہ سمجهن ته اهڙي قدمن سبب عوامي ردعمل ڪيترو شديد ٿي سگهي ٿو. وفاقي وزير قانون گورنر راڄ جو دفاع ڪندي چيو آهي ته اهو مارشل لا نہ پر هڪ آئيني طريقو آهي. پر جمهوري حقن جي نفي ۽ ڪجهہ طاقتور حلقن جو سخت رويو عوام جي نظر ۾ مارشل لا کان گهٽ نہ آهي. صوبائي حڪومت کي معطل ڪرڻ عوامي بيچيني کي وڌائيندو ۽ ملڪ کي وڌيڪ عدم استحڪام ڏانهن ڌڪي سگهي ٿو.

(ڊان نيوز جي ٿورن سان)

"CLASSIFIED ADVERTISMENT"

ڪورٽ نوٽيس

عدالت ۾ جناب سول / فيملي جج IV حيدرآباد
فيملي سوٽ نمبر 1694 سال 2025

ظهران ڌيءَ نبي بخش زال شهزاد رهندڙ گهر نمبر A-Z حيدري ڪالوني نزد انور ولاز قاسم آباد حيدرآباد ...پلينٽف...خلاف: شهزاد زئونر ولد عبدالستار بلوچ رهندڙ عبدالله بليسنگ نسيم نگر قاسم آباد حيدرآباد 03332689255....ڊفينڊنٽ

نالي مٿين ڊفينڊنٽ ڏانهن:

جيئن ته مٿين پلينٽف رڪوري آف ڊاوري آرٽيڪلز لاءِ دعويٰ داخل ڪئي آهي تنهنڪري توهان کي هن اخبار جي اشاعت ذريعي آگاهه ٿو ڪجي ته تاريخ 15-12-2025 تي وقت 8.30 بجه صبح جو توهان پاڻ يا ڪنهن وڪيل جي معرفت هن ڪورٽ ۾ حاضر رهي پنهنجا جواب داخل ڪندا. توهانجي غير حاضر رهڻ جي صورت ۾ ڪيس کي هڪطرفو ٻڌي قانون موجب فيصلو ڪيو ويندو.

سول / فيملي جج IV حيدرآباد

ڪورٽ نوٽيس

عدالت ۾ جناب سول / فيملي جج V حيدرآباد
فيملي سوٽ نمبر 2061 سال 2025

مسمات غلام ڪبرا زال خير محمد وساڻ رهندڙ حالي روڊ لطيف آباد حيدرآباد ...پلينٽف...خلاف: خير محمد وساڻ ولد نياز حسين وساڻ رهندڙ Oncogen Pharma پلاٽ نمبر EH-26-27-A-3 ڪورنگي ڪريڪ انڊسٽريل پارڪ KCIPڪراچي ...ڊفينڊنٽ

نالي مٿين ڊفينڊنٽ ڏانهن:

جيئن ته مٿين پلينٽف توهان جي خلاف مينٽيننس لاءِ دعويٰ داخل ڪئي آهي. تنهنڪري توهان کي هن اخبار جي اشاعت ذريعي آگاهه ٿو ڪجي ته تاريخ 05-12-2025 تي وقت 8.30 بجه صبح جو توهان پاڻ يا ڪنهن وڪيل جي معرفت هن ڪورٽ ۾ حاضر رهي پنهنجا جواب داخل ڪندا. توهانجي غير حاضر رهڻ جي صورت ۾ ڪيس کي هڪطرفو ٻڌي قانون موجب فيصلو ڪيو ويندو.

سول / فيملي جج V حيدرآباد

ڪورٽ نوٽيس

عدالت ۾ جناب سول / فيملي جج VIII حيدرآباد
فيملي سوٽ نمبر 172 سال 2023
فيملي ايگزيڪيوشن درخواست نمبر 241 سال 2025

مسمات ماريه ڌيءَ ذوالفقار علي رهندڙ حاجي مير محمد پسيو ضلعو حيدرآباد ...پلينٽف...خلاف: محمد حنيف ولد بچل رهندڙ حاجي مير محمد پسيو ضلعو حيدرآباد ...ڊفينڊنٽ

نالي مٿين ڊفينڊنٽ ڏانهن:

جيئن ته مٿين پلينٽف ايگزيڪيوشن درخواست زير قلم 21 رول 10 سي پي سي تحت دعويٰ ...

بقايا 42 — ڏوهاري گرفتار

برآمد ڪري ورتيون گرفتار جوابدار تي مٽياري جي مختلف ٿاڻن تي ڪيس داخل ٿيل آهن جڏهن ته ٻي ڪاروائي ۾ ڳوٺ مصري جکريجا وٽان ماجد علي عرف ملاڪ گهيلو کي گرفتار ڪري سندس قبضي کان 500 مين پڙيون برآمد ڪري منشيات ايڪٽ تحت ڪيس داخل ڪري جيل موڪليو ويو. جڏهن ته ٻئي پاسي ايس ايچ او مٽياري ڪرم علي عمراڻي پوليس نفري سان ٻن الڳ الڳ ڪاروائين ۾ 3 منشيات فروش گرفتار ڪري منشيات برآمد ڪري ورتي ٻهرين ڪاروائي ۾ منشيات فروشن طفيل احمد ترڪ ۽ عامر خاصخيلي کي گرفتار ڪري سندس قبضي مان 10 / 10 لٽر ڪچو شراب برآمد ڪيو ويو جڏهن ته ٻي ڪاروائي ۾ گل حسن مشوري کي گرفتار ڪري 150 مين پڙيون برآمد ڪيون ڪري منشيات فروش خلاف ڪيس داخل ڪيو ويو.

بقايا 43 — اپگهات

پنهنجي گهر اندر ڦاهو ڪائي خودڪشي جي ڪوشش ڪئي جنهن کي سمس اسپتال آندو ويو جتان ڪيس ڳڻتي جوڳي حالت ۾ حيدرآباد ريفر ڪيو ويو آهي ان سلسلي ۾ سندس ڀاءُ جيش ڪمار ٻڌايو ته ڀاءُ گهر ۾ ڦاهو ڪائي خودڪشي جي ڪوشش ڪئي آهي ڪارڻ معلوم نه آهي.

بقايا 44 — فوت

سوار عزت علي مري موقع تي فوت ٿي ويو جڏهن ته سندس ساٿي سخت زخمي ٿي پيو پوليس مطابق فوت ٿيل شخص جي لاش ۽ زخمي کي سول اسپتال منتقل ڪيو ويو ٻڌايو ويو آهي ته عزت علي مري پنهنجي ساٿي سان گڏ ڳوٺ مان شهر طرف موٽرسائيڪل تي اچي رهيو هو جڏهن ته رستي ۾ ڪين حادثو پيش آيو حادثو ڪرڻ وارو ٽريڪٽر ٽرالي ڊرائيور گاڏي روڊ تي ڇڏي فرار ٿي ويو.

بقايا 36 — احتجاج جاري

خالد منگريو منظور منگريو سعيد منگريو ۽ جنيد منگريو آهن ايجنسي پاران انهن جا نمبر ٽريس ڪيا ويا هئا جيڪڏهن پوليس سدهارٽ نڪلواڻي ڪاور جي وڏيڪ جيو فينسنگ ڪري ها ته اغوا ڪندڙن جو سڄو ٽولي پڪڙيو وڃي ها ۽ منهنجو پٽ وقت تي بازياب ٿي وڃي ها پوليس اهو نه ڪيو پوليس منهنجي پٽ جي اغوا ۾ ملوث آهي هاءِ ڪورٽ جي حڪم تي گهرو سيڪريٽري سنڌ ايجنسي جي جي آءِ کي ڏاهي هٿي جنهن اڍائي سالن تائين جاچ ڪئي 50 اجلاس ڪيا هن جاچ ۾ جوابدارن کي ڏوهه ثابت ڪيو ويو آهي جي آءِ ٽي هاءِ ڪورٽ کي لکيو آهي ته علي اصغر کي اغوا ڪيو ويو هو اسان هڪ ٻي جي آءِ ٽي ڏاهي رهيا آهيون جيڪا علي اصغر ڪان پڇا ڳاڇا ڪندي ان جاچ کي ٽي سال ٿي ويا آهن ۽ علي اصغر کي اغوا ٿيڻ کي ڏهه سال ٿي ويا آهن هاڻي جي آءِ ٽي جي هڪ ميمبر قرآن پاڪ تي هٿ رکيو ۽ چيو "علي اصغر اغوا نه ٿيو آهي ۽ آهي چار ڏميوار نه آهن پوءِ مان پنهنجي پٽ کي الله جي حوالي ڪندس" ريلوي پوليس ڪانسٽيبل سکر ڊويزن زاهد حسين منگريو احمد علي منگريو ۽ شهري احتجاج ۾ شرڪت ڪئي.

بقايا 37 — دعويٰ

ڪري ورتو پوليس موجب ملزم فرمان علي ۽ ورهه اڳ ڏاڏو ڪنڊرا جي حدن ۾ ڪارهن جي الزام تحت مقتول جي مڙس سان گڏجي مسمات فردوس کي قتل ڪيو هو ۽ لاش گهر اندر دفنائي ڇڏيو هو هن واقعي جو ڪيس ڏوهه نمبر 140/2023 تحت دفعا 302، 311، 201 ۽ 34 پي پي سي ڏاڏو ڪنڊرا ۾ داخل هو سکر پوليس جي ترجمان مطابق ملزم ڏاڏو روهڙي جي ڏوهه

انچارج وزير علي زئنور پاران ڪينجهر ۾ 10 ٽوبن سميت ريسڪيو بيڙي ۽ هاءِ ويز لاءِ ريسڪيو ايمبولينسز ۽ بائيڪ ريسڪيو سروس جو افتتاح ڪيو ويو طارق لاڪي چيو ته سنڌ ۾ هاءِ ويز تي حادثن دوران ريسڪيو ڪرڻ لاءِ 110 ايمبولينسون فراهم ڪيون ويون آهن جن سان ٿئي ڪان ملي تائين 8 ايمبولينسون روڊن تي موجود هونديون قاسم سومرو چيو ته ڪينجهر ڍنڍ تي حادثاتي واقعن ٿوڙي مختلف واهن ۽ شاخن ۾ ٻڏي ويل ماڻهن جي فوري ريسڪيو لاءِ پهرين مرحلي ۾ 10 ٽوبن تي مشتمل هڪ ريسڪيو بيڙي فراهم ڪئي وئي آهي ٻئي مرحلي ۾ بيڙي سروس کي وڌائي سنڌ ۾ ساموندي حدن ٿوڙي درياءَ ۾ بيڙي ريسڪيو سروس فراهم ڪيون وينديون صوبائي وزير رياض شاهه شيرازي جون ميڊيا سان ڳالهائيندي چيو ته سنڌ حڪومت سلو قدم کنيو آهي 1122 سروس کي وڌيڪ فعال بڻايو ويندو ڪينجهر سميت مختلف واهن شاخن ۾ امڪاني واقعن دوران 1122 ريسڪيو سروس جا ڪوبا ۽ بيڙي انتهائي ڪارآمد ثابت ٿيندا.

بقايا 34 — احتجاجي مظاهرو

ڪان به قديم تهذيب آهي ابن الحوقل جي ڏاهيل نقشي مطابق سنڌ تاجڪستان ازبڪستان سيستان ڪرمان ۽ هاٺوڪي پاڪستان ڪان ويندي پنجاب هرياڻي جيسلمير جوڌپور ۽ احمدآباد تائين هئي هن چيو ته اسي سالن کان هندستان ۾ سنڌ بابت غلط سوچ کي عام ڪيو ويو آهي ڪيرت ٻاباڻي جي ڇپايل ڪتابن ۾ ڪوڙ ۽ ڪيٽ پري ڪان پڌري نظر اچي رهي آهي ارباب چيو ته جيڪڏهن راجنات سنگهه سنڌ کي هندستان جو حصو ٿو سمجهي ته پوءِ اپريل 1964 واري رڻ ڪڇ جي جنگ ڇاڻ ۽ باڙ بيٽن تي هندستان پاران ڇا لاءِ ڇيڙي ويئي هئي 1965 جي جنگ ۾ سنڌ راجستان سيڪٽر تي 6 سيپٽمبر واري ڏينهن گڏيئي جهڙي ڊرائيورٽ شهر تي

سياسي سماجي اڳواڻن شرڪت ڪئي مرحوم کي آبائي قبرستان ۾ مٽي ماءَ حوالي ڪيو ويو پوئيرن سان ڳوٺ سيد باقر شاهه لڳ پڙي ڪيرو ۾ تعزيت جو سلسلو هلندڙ آهي.

بقايا 26 — ريلي ڌرڻو

دان ريلي ڪيڊي ڊي سي گهوٽڪي جي آفيس آڏو احتجاجي مظاهرو ڪري ڌرڻو هنيو ويو ان موقعي تي ميڊيا سان ڳالهائيندي جمعيت علماءِ اسلام ضلعي گهوٽڪي جي اميرحافظ سراج احمد چنه جنرلمولانا عبدالغفار چاچڙ، مولانا الله ڏنو چنه، مولانا سيد ابوبڪر شاهه، مولانا عبدالله لغاري، مولانا حماد الله چاچڙ، مولانا نعيم الله لغاري، مفتي نعمت الله ڪولاچي، مولانا ممتاز علي چاچڙ، مولانا حسين احمد مدني جميل احمد مهر، قاري نديم احمد چنه جام ساجن، خالد محمود ڪلهوڙو، محترم سيف الله مهر قوم پرست اڳواڻ نذير شيخ ڪمال مهر مير حسن لاشاري ۽ ٻين چيو ته ڪنڊ جو ريٽ آسمان جي بلندين کي پهچي چڪو آهي آبادگارن سان ويڌن آهي سنڌ حڪومت آبادگارن جا حق غصب ڪري رهي آهي. مولانا عبدالغفار چاچڙ جو چوڻ هو ته جمعيت علماءِ اسلام عوامي مسئلن جي حل لاءِ ميدان تي آهي جيستائين آبادگارن کي انهن جي مرضي جا ريٽ نه ملندا خاموش نه ويهندا سين هنن چيو ته شگر ملز پاران آبادگارن کي چار سئو رپيا في مڻ ڪمند خريد ڪرڻ زيادتي آهي ۽ هارين جو معاشي قتلام آهي هنن مطالبو ڪندي گهر ڪئي آهي ته فوري طور تي نوٽس وٺي آبادگارن کي ڪمند جو 6 سئو رپيا في مڻ جي حساب سان خريد ڪئي وڃي.

بقايا 27 — ڪهرام

ريو هو جنهن سان حادثي ۾ فوت ٿيلن جو انگ وڌي 2 ٿي ريو.

بقايا 28 — 6ڄڻا زخمي

پوليس حادثي واري هنڌ پهتي. جڏهن ته

حيدرآباد اليڪٽرڪ سپلاءِ ڪمپني

HESCO

مخصوص پروڪيورمينٽ نوٽيس

پلانٽ جي لاءِ ٻوليون گهربل آهن

پلانٽ جي ڊيزائين سپلاءِ ۽ انسٽاليشن جي بد لاءِ گذارش
(پري ڪواليفڪيشن کان سواءِ)

ڪمپني: حيدرآباد اليڪٽرڪ سپلاءِ ڪمپني (**HESCO**)
پراجيڪٽ: اليڪٽرسٽي ڊسٽريبيوشن ايفيشنسي امپرووومينٽ پراجيڪٽ (**EDEIP**)
ٺيڪي جو عنوان: 132 ڪلو واٽ ٽرانسميشن لائين (ڄامشورو- قاسم آباد- هالا روڊ ۽ ڄامشورو- راجپوتانه- هالا روڊ) ٽي ايچ ٽي ايل ايس (HTLS) سان گڏ ريڪنڊ ڪٽرنگ جو ڊيزائين، سپلاءِ ۽ انسٽاليشن
ملڪ: پاڪستان
لون نمبر: PK-93180-IBRD
آر ايف بي نمبر: PK-HESCO-RECOND. HTLS -T/L-NCB/09

1- حيدرآباد اليڪٽرڪ سپلاءِ ڪمپني (**HESCO**) پاران ورلڊ بئنڪ کان اليڪٽرسٽي ڊسٽي بيوشن ايفيشنسي امپرووومينٽ پراجيڪٽ (**EDEIP**) جي لاءِ مالي معاونت حاصل ڪئي آهي ۽ ان معاونت جو هڪ حصو ڄامشورو - قاسم آباد - هالا روڊ ۽ ڄامشورو - راجپوتانه - هالا روڊ تي 132 ڪلو واٽ ٽرانسميشن لائين جي **HTLS** سان گڏ ريڪنڊ ڪٽرنگ جي ڊزائين، سپلاءِ ۽ انسٽاليشن جي ٺيڪي جي ادائگين جي لاءِ استعمال ڪرڻ جو ارادو رکي ٿي.

2- حيدرآباد اليڪٽرڪ سپلاءِ ڪمپني کي هيٺ ڏنل ڪمن جي لاءِ اهل ٻولي ڏيندڙن کان مهربند ٻوليون گهرائجن ٿيون.
132 ڪلو واٽ ٽرانسميشن لائين (ڄامشورو - قاسم آباد - هالا روڊ ۽ ڄامشورو - راجپوتانه – هالا روڊ) تي **HTLS** ساڻ ريڪنڊ ڪٽرنگ

3- ٻولي جو عمل نيشنل ڪمپيٽيٽو پروڪيورمينٽ جي تحت **(RFB) Request for Bids** جي ذريعي ڪيو ويندو. جهڙوڪ ورلڊ بئنڪ جي **Procurement Regulations for IPF Borrowers** (تاريخ: نومبر 2020) ۾ درج آهي ۽ اهو سمورن ٻولي ڏيندڙن لاءِ کليل آهي. جهڙي ريت مٿي ذڪر ڪيل ضابطن ۾ وضاحت ڪئي وئي آهي.

4- اهل ۽ دلچسپي رکندڙ ٻولي ڏيندڙ وڌيڪ معلومات لاءِ چيف انجنيئر (ڊيولپمينٽ) پي ايم يو حيدرآباد اليڪٽرڪ سپلاءِ ڪمپني (**HESCO**)، حيدرآباد جي آفيس مان آفيس وقتن دوران 09:00 کان 16:00 وڳي تائين جي دوران هيٺ ڏنل پتي تان حاصل ڪري سگهن ٿا.
"بنگلو نمبر **HESCO,A-1** پاور ونگ ڪالوني حسين آباد حيدرآباد"

5- انگريزي ۾ ٻولي دستاويز ڪمپني جي ليٽر هيڊ تي لکت ۾ درخواست جمع ڪرائي **20,000** رپيا (ناقابل واپسي) فيس جي ادائگي کان پوءِ حاصل ڪري سگهجن ٿا. ادائگي ڪيشيئر چيڪ/ بئنڪ ڊرافٽ جي شڪل ۾ هجڻ گهرجي جيڪا پاڪستان جي ڪنهن به شيڊولڊ بئنڪ کان چيف انجنيئر (ڊيولپمينٽ) پي ايم يو **HESCO** جي حق ۾ جاري ٿيل هجي. دستاويز ذاتي طرح حاصل ڪري سگهجن ٿا. يا 5,000 رپيا اضافي رقم جي عيوض ڪوريئر جي ذريعي سڄي ملڪ ۾ اماڻي سگهجن ٿا. دستاويزن جي ضايع ٿيڻ يا دير ٿيڻ جي صورت ۾ ڪابه ذميواري قبول نه ڪئي ويندي.
ڪولڻ واري ڏينهن تي ڪابه ٻولي دستاويز جاري نه ڪئي ويندي. دستاويز **HESCO** جي ويب سائيٽ (**https://www.hesco.gov.pk**) کان صرف جائزي جي لاءِ مفت ڊائون لوڊ ڪري سگهجن ٿا.

6- ٻوليون 20 جنوري 2026 تائين هيٺ ڏنل پتي تي جمع ڪرايون وڃن. اليڪٽرانڪ ٻوليون قبول نه ڪيون وينديون. دير سان جمع ٿيندڙ ٻولين کي رد ڪيو ويندو. ٻوليون 20 جنوري 2026 تي هيٺ ڏنل پتي تي ٻولي ڏيندڙن جي نمائندن جي موجودگيءَ ۾ کوليون وينديون.

7- سمورين ٻولين سان ٻولي دستاويزن ۾ ڄاڻايل شرطن جي مطابق "بڊ سيڪيورٽي" لازمي طور تي شامل هجڻ گهرجي.

Lot No.	Bid Security Amount
	PKR 23,000,000/- (Twenty-Three Million PAK Rupee)

8- پروڪيورمينٽ ريگوليشنز جي مطابق ڏيان ڏياريو پيو وڃي ته ڪانٽريڪٽ ايوارڊ نوٽيس جي حصي جي طور تي ڪامياب ٻولي ڏيندڙن کي **Beneficial Ownership** جي معلومات کي ظاهر ڪرڻ لازمي آهي. جنهن جي لاءِ ٻولي دستاويزن ۾ شامل **Beneficial Ownership Disclosure Form** استعمال ڪيو ويندو.

9- پتو:

PID(H) 218/2025

PMU HESCO، چيف انجنيئر (ڊيولپمينٽ)
بنگلو نمبر: **HESCO, A-1** ڪالوني، حسين آباد، حيدرآباد، سنڌ، پاڪستان
فون: 022-9260070 فيڪس: 022-9260525 اي-ميل: cedevhesco@gmail.com, cedevhesco@gmail.com

گهوڙاٻاري لڳ سوزوڪي سان حادثو، ٻه ڄڻا فوت، هڪ زخمي

گوهر شاهه ڀاڙائي ويجهو سوزوڪي ڪنٽرول مان ٻُل سان ٽڪرائجڻ سبب ٻه ڄڻا اڏيرو ٻڏراج ڪري پيا

مقامي ماڻهن 15 ڪلاڪن گذرڻ بعد خميسو ڪنڊرا ۽ فقيرو مهر جا لاش ڪڍي اسپتال منتقل ڪري ڇڏيا

ريسڪيو ٽيمون دير سان پهچڻ ۽ ٻڏراج پاڻي بند نه ڪرائڻ تي مقامي ماڻهن ۽ وارثن جو احتجاج

گاڙهو(ن ع) گهوڙاٻاري ڳوٺ علي گوهر شاهه ڀاڙائي ويجهو پيش آيل روڊ حادثي ۾ ٻه ڄڻا فوت ٿي ويا، جڏهن ته هڪ نوجوان سخت زخمي ٿي پيو. ڪراچي کان ڇوهايو مال ڪٽي گهوڙاٻاري ويندڙ سوزوڪي گاڏي بقايا نمبر 1 ڏسو صفحو 5

لاڙڪاڻو: گورنمينٽ گرلز ڊگري ڪاليج ۾ ثقافتي ڏهاڙي جي موقعي تي شاگرديائيون ٽيبلو پيش ڪري رهيون آهن

ڪپرو ۾ رانڌ ڪندي ڪپڙن کي باهه لڳڻ سبب معصوم ٻارڙي سڙي فوت، گهر ۾ ڪهرام

ڪوڪر پاڙي ۾ ٻارن پاران رانڌ دوران ٻاريل باهه ۾ 6 ورهين جي عريبه ڌي علي حسن ڪوڪر زخمي ٿي پئي

معصوم ٻارڙي کي اسپتال آندو ويو جتان حيدرآباد نيو ويو جتي زخمن جا سور نه سهندي دم ڏئي حوالي ڪيو

ڪپرو (ن ع) ڪپرو جي ڪوڪر پاڙي ۾ ٻارن پاران رانڌ ڪندي ٻاريل باهه سان ڪپڙن مان باهه لڳڻ سبب 7 ورهين جي ٻارڙي عريبه ڌي علي حسن ڪوڪر زخمي ٿي پئي جنهن کي علاج لاءِ حيدرآباد اسپتال داخل ڪرايو بقايا نمبر 2 ڏسو صفحو 5

ايس ايس پي دادو جي ميهڙ جي رائس مل مالڪن جي وفد سان ملاقات

ملاقات ۾ شهر جي امن امان ۽ انهن کي درپيش ٻين مسئلن تي تفصيلي ڳالهه ٻولهه

ڏرڪندڙ جوابدارن کي گرفتار ڪرڻ لاءِ اثرائتا قدم کنيا پيا وڃن: امير سعود مگسي

ميهڙ(ن ع) ايس ايس پي دادو ڪيپٽن (ر) امير سعود مگسي جي ميهڙ جي رائس مل مالڪن جي هڪ وفد سان ملاقات ڪئي ملاقات ۾ شهر جي امن امان ۽ انهن کي درپيش ٻين مسئلن تي تفصيلي ڳالهه ٻولهه ڪئي وئي ايس ايس پي دادو واپاري برادري جي آمد تي خوش آمديد ڪيو ڊي ايس پي ميهڙ معشوق علي ڪيريو، ايس ايڇ او ميهڙ اي سيڪشن طارق حسين لاکير، انچارج سي آءِ اي بشير احمد لاکير ۽ 15 انچارج ميهڙ امداد حسين سهول پڻ ان موقعي تي موجود هئا ملاقات دوران واپاري برادري ايس ايس پي دادو کي رائس مل مالڪ عبدالحفيظ قمبراڻي سان ٿيل ڦُر جي واقعي بابت آگاهه ڪيو واقعي کي بقايا نمبر 3 ڏسو صفحو 5

دادو پوليس جي ڪارروائي، مبينا مقابلي ۾ هڪ ڌوهاري زخمي حالت ۾ گرفتار ڪرڻ جي دعويٰ

دادو(ڊ ر) دادو اي سيڪشن ٿاڻي جي حد ۾ پوليس ۽ ڌوهارين وچ ۾ مبينا مقابلو هڪ ڌوهاري زخمي حالت ۾ هٿيار سميت گرفتار ايس ايڇ او اي سيڪشن دادو ۽ پوليس ٽيم جو گشت دوران شاهجهان پارڪ ڪاز پنج مور طرف ويندڙ روڊ تي هٿيارٻند ڌوهارين سان مبينا پوليس مقابلو ٿي پيو بقايا نمبر 4 ڏسو صفحو 5

اسلام ڪوٽ پرسان صحت مرڪز ۾ سهولتن جي کوٽ، مريض پريشان، احتجاج

هيلٿ سينٽر ۾ سهولتن جي کوٽ تورڙي ڊاڪٽرياڻي سميت بي عملي جون پوسٽون خالي پيل

اسپتال ۾ سواءِ پيناڊول گوري جي ڪا به سهولت ناهي، پي پي ايڇ آءِ کان واپس ورتي وڃي:ڳوٺاڻا

ڊاڪٽرياڻي جلد مقرر ڪئي ويندي، سهولتون فراهم ڪرڻ لاءِ قدم کنيا پيا وڃن: پي پي ايڇ آءِ انتظاميا

اسلام ڪوٽ (ن ع) اسلام ڪوٽ پرسان ڳوٺ ڏونجهه ۾ پي پي ايڇ آئي حوالي ڪيل بيسڪ هيلٿ سينٽر ۾ سهولتن جي کوٽ تورڙي ڊاڪٽرياڻي سميت بي عملي جون پوسٽون خالي پيل آهن.اسپتال ۾ سواءِ پيناڊول گوري جي ڪا به سهوليت موجود بقايا نمبر 7 ڏسو صفحو 5

حيدرآباد: ايم ڪيو ايم جا چونڊيل نمائندا صابر حسين قائمخاني ۽ ناصر قريشي پريس ڪانفرنس کي خطاب ڪري رهيا آهن

چوهڙ جمالي اجرڪ جي بيحرمتي تي چانگ برادري جي نوجوانن جي سنڌي قوم کان معافي

چانگ برادري جا اڳواڻ ۽ معزز شخصيتون نوجوانن سان گڏ سنڌي عوام کان معافي ورتي

اسان پنهنجي ثقافت جي شان ۽ مان لاءِ سر ڏيڻ پنهنجو رويو سڌارڻ بهتر بڻائينداسين: نوجوان

چوهڙ جمالي (ن ع) ٽڪ ٽاڪ تي اجرڪ جي بيحرمتي ڪندڙ چانگ برادري جي نوجوانن پريس ڪلب پهچي سنڌ جي ماڻهن کان معافي گهري ورتي. ٽڪ ٽاڪ تي پنهنجي ثقافت اجرڪ جي بيحرمتي ڪرڻ واري وڊيو وائرل ڪندڙ جاتي تعلقي سان تعلق رکندڙ چانگ برادري جي ٻن نوجوانن دين محمد چانگ ۽ مير مرتضيٰ چانگ ايس ڪي پي ضلعي سجاول جي اڳواڻ عبدالواحد خاصخيلي ۽ چانگ برادري جي معززين الله بچايو چانگ محمد شفيع چانگ عرض محمد چانگ جي اڳواڻي ۾ چوهڙ جمالي پريس ڪلب پهچي سوشل ميڊيا تي پنهنجي سچائي پنهنجي ثقافت اجرڪ جي بيحرمتي ڪرڻ واري وڊيو تي بقايا نمبر 8 ڏسو صفحو 5

ننگرپارڪر ۾ ڪارونجهر جي ڪٽائي خلاف بک هڙتال ٽائين ڏينهن به جاري

ننگرپارڪر (ن ع) ننگرپارڪر ۾ ڪارونجهر سجاڳ فورم جي اڳواڻ الهرکيو کوسو غلام مصطفيٰ دل ۽ ٻين جي اڳواڻي ۾ ڪارونجهر جي ڪٽائي لاءِ سنڌ حڪومت طرفان آئيني عدالت ۾ داخل پٽيشن خلاف ننگرپارڪر ۾ ٽائين ڏينهن به بک هڙتال ڪري احتجاج ڪيو ويو. احتجاج ۾ ڳالهائيندي امير خان کوسو بقايا نمبر 9 ڏسو صفحو 5

شڪارپور: پوليس عملدار گرفتار ڪيل جوابدار ميڊيا آڏو پيش ڪري رهيا آهن

شڪارپور پوليس سنگين وارداتن ۾ ملوث گينگ جي 5 ڄڻن کي ڦريل سامان سميت گرفتار ڪرڻ جي دعويٰ

ڳوٺ گنڊل ٻرڙو ۾ مقابلي بعد نثار قريشي، اسلم، عبدالنبي، خيربخش بروهي ۽ عبدالمجيد کي گرفتار ڪيو: پوليس

جوابدارن وٽان قبضي مان ڦر ڪيل 5 لک رپيا روڪ، هڪ مهراڻ ڪار، 12 موٽر سائيڪل ۽ 5 ٽي ٽي پسٽل هٿ ڪيو آهي

ڦر، چوري پوليس مقابلو، قتل سميت ٻيا سنگين نوعيت جا ڪيس داخل آهن، وڌيڪ جاچ ڪريون پيا

شڪارپور(ڊ ر) شڪارپور پوليس جي ڪارروائي ڦر ڌاڙي، قتل ۽ چوري سميت مختلف سنگين وارداتن ۾ ملوث پنج رڪني گينگ کي گرفتار ڪري جن جي قبضي مان ڦر ڪيل 5 لک رپيا روڪ هڪ بقايا نمبر 13 ڏسو صفحو 5

زال جي قتل ڪيس ۾ نامزد جوابدار گرفتار ڪري تحفظ ڪيو وڃي: رسول بخش ٽالاڻي

رمضان مهيني ۾ روزي جي حالت ۾ صنم کي قتل ڪيو ويو اڪيون ٽئو شاهد نابالغ عمراڻي آهي

جوابدار ٿر ڪيس کي خراب ڪرڻ لاءِ مسلسل رڪاوٽون وجهڻ جي ڪوشش ڪري رهيا آهن

حيدرآباد(اسٽاف رپورٽر) جيڪب آباد جي ڪوئٽا روڊ جي رهواسي ۽ 8ورهين اڳ قتل ٿي ويل قانون جي شاگردياڻي صنم عمراڻي جي مڙس ايڊووڪيٽ رسول بخش ٽالاڻي (ڊومڪي) ڪالهه حيدرآباد پريس ڪلب ۾ پريس ڪانفرنس ڪندي مطالبو ڪيو آهي ته زال جي قتل ڪيس ۾ نامزد جوابدار گرفتار ڪري تحفظ ڪيو وڃي.هن الزام هڻندي چيو ته سندس سالي ميروقار عمراڻي کي 13آگسٽ2015ع ۾ بلوچستان ۾ سندس ويڳي ڀائرن شفقت عمراڻي ۽ ٻين ملڪيت قبائلي خاطر قتل ڪيو هو. جنهن کان پوءِ منهنجي زال صنم پنهنجي ڀاءُ وقار عمراڻي جي قتل ڪيس جي پيروي شروع ڪئي جنهن تي الزام هيٺ ويڳي ڀائرن گهر ۾ بقايا نمبر 15 ڏسو صفحو 5

خيرپور پوليس پاران ٻن جوابدارن کي گرفتار ڪري منشيات هٿ ڪرڻ جي دعويٰ

خيرپور(ڊ ر) خيرپور پوليس جي ڪامياب ڪارروائي دوران منشيات جا ٻه ڊيلر گرفتار ڪيا ويا، جن جي قبضي مان 15 بوتلون ولائتي شراب هٿ ڪرڻ جي دعوا ايس ايس پي خيرپور ڊاڪٽر سميع الله سومرو چيو آهي ته مجرمانه وارداتن شراب ۽ جوا بقايا نمبر 14 ڏسو صفحو 5

فيصل آباد: گورنمينٽ ڪاليج يونيورسٽي جي ڪانووڪيشن ۾ شاگردياڻين کي ڊگريون ڏنيون پيون وڃن

ٺٽي لڳ پرائمري اسڪول پير محمد بروهي ۾ ثقافتي تقريب

تقريب ۾ اسڪولي ٻارن سنڌي گيتن تي ٽيبلوز پيش ڪري رقص پڻ ڪيو

ثقافتي ڏينهن تي سنڌي سڀ ويڇا وساري هڪ ٿين تا، ايڪي ٻڌي جو ثبوت ڏين تا:مقرر

ٺٽو (ڊ ر) ٺٽي لڳ پرائمري اسڪول پير محمد بروهي ۾ ثقافتي ڏينهن جي سلسلي ۾ هڪ ثقافتي جاڳرتا تقريب منعقد ڪئي وئي جنهن ۾ اسڪولي شاگردن شاگردياڻين ۽ استادن وڏي انگ ۾ شرڪت ڪئي، تقريب ۾ اسڪولي ٻارن سنڌي گيتن تي ٽيبلوز پيش ڪيا ۽ رقص پڻ ڪيو تقريب کي خطاب ڪندي ڊي اي او پرائمري ٺٽو نور سرائي ڪسٽا اڳواڻ خان هيلايو پ ٽ الف اڳواڻ خير محمد بروهي غلام مصطفيٰ بروهي پرائمري اسڪول پير محمد بروهي جي هيڊ ماستر مير حسن بروهي زاهد سولنگي نيشنل پريس ڪلب ٺٽو جي صدر محبوب بروهي تاج حسين بروهي خميسو بروهي ۽ ٻين چيو ته ثقافت جو ڏينهن بقايا نمبر 16 ڏسو صفحو 5

فيملي پلاننگ، ڪنٽراسيپٽيوز ۽ شاديءَ کان اڳ ڪائونسلنگ عورتن جي صحت لاءِ لازمي آهي: عذرا فضل پيچوهو

شادي رجسٽريشن کان اڳ ڪائونسلنگ پائلٽ پروجيڪٽ ٽنڊو الهيار ۽ ڪراچي ضلعي ساؤٿ ۾ شروع ڪيو آهي

ميڊيا ۽ آگاهي پروگرام سان سماجي اثر وڌائڻ ٻارن جي صحتمند پيدائش لاءِ شعور اجاگر ڪيو وڃي: ناصر حسين شاهه

حڪومت نه رڳو قانونسازي ڪري رهي آهي پر ٻن جوڙن جي بهتري لاءِ عملي قدم به کنيا پيا وڃن، چاهيان ٿو پائلٽ منصوبو سکر ۾ شروع ٿئي

ڪراچي (رپورٽ : راهب ڳاهو) صوبائي وزير صحت ڊاڪٽر عذرا فضل پيچوهو ۽ وزير بلديات ناصر حسين شاهه جي گڏيل پريس ڪانفرنس ڪندي سنڌ جي وزير صحت ڊاڪٽر عذرا فضل پيچوهو چيو ته اڄ جنهن مسئلي بابت ڳالهائي رهي آهيان اهو رڳو صحت جو نه پر سماجي مسئلو به بقايا نمبر 18 ڏسو صفحو 5

خيرپور ۾ سنڌ ثقافت جو ڏينهن ملهائڻ لاءِ مختلف تنظيمن پاران تياريون شروع

خيرپور(ڊ ر)خيرپور ۾ جشن سنڌ ثقافت 7 ڊسمبر تي وڏي شان شوق سان ملهايو ويندو مختلف تنظيمن پاران ان حوالي سان تياريون شروع ڪيون ويون آهن جشن سنڌ ثقافت جي ڏينهن تي شهر کي ڪنوار جيان سينگاريو ويندو مرڪزي رستن تي مرحبائي گيٽ لڳايا ويندا، جڏهن ته اجرڪ ۽ سنڌي ٽوپيءَ جا رنگ برنگا اسٽال به جوڙيندا ثقافتي تنظيمن طرفان ريليون ڪڍيون وينديون جنهن کي سنڌ ثقافت بقايا نمبر 20 ڏسو صفحو 5

ملير: رمضان ڪوسو قتل ڪيس ۾ اڳڀرائي، گرفتار اهلڪار عدالت پيش

رائيفل جنهن مان فائر ٿيو اها اهلڪار عطا ٻجير جي نالي سان هئي:پوليس

عدالت پوليس جو بيان ٻڌڻ بعد عطاالله ٻجير کي جوڊيشل ريمانڊ تي موڪلي ڇڏيو

عطا ٻجير کي پوليس گرفتار ڪيو آهي، ان سان اسان جو ڪو به واسطو ناهي: فريادي

ملير (ڊ-ر) رمضان ڪوسو قتل ڪيس ۾ هڪ نئين اڳڀرائي سامهون اچي وئي آهي .بنا ايف آءِ آر گرفتار ڪيل عطاءُ الله ٻجير سول جج ڏيپلو جي عدالت ۾ پيش، فريادي پڻ پنهنجي وڪيل سميت پهچي ويو رمضان ڪوسو قتل ڪيس جي فريادي موجب عطاء ٻجير کي پوليس گرفتار ڪيو آهي، هو مرضي وارا آهن جاچ ۾ ڪنهن کي به گرفتار ڪن باقي اسان جو ان سان ڪوبه واسطو ڪونهي، ڏيپلو پوليس جو چوڻ آهي ته رائيفل جنهن مان فائر ٿيو اها پوليس اهلڪار عطا ٻجير جي نالي سان هئي ان ڪري هن ڪيس ۾ شامل ڪيو اٿئون عطا الله ٻجير جو چوڻ هو ته پوليس پلي انويسٽيگيشن ڪري، اٿون ان معاملي ۾ بقايا نمبر 19 ڏسو صفحو 5

ٻاڊهه ۾ ڪپڙي جو مشهور واپاري حاجي محمد يوسف گوڏرائي لاڏاڻو ڪري ويو

ٻاڊهه (ن ع) ٻاڊهه ۾ ڪپڙي جو مشهور واپاري حاجي محمد يوسف گوڏرائي مادي جي تڪليف سبب 55 ورهين جي ڄمار ۾ وفات ڪري ويو بڌايو پيو وڃي ته حاجي محمد يوسف کي اوچتو رت جون الٽيون اچڻ بعد ڪيس فوري طور ٻاڊهه کان لاڙڪاڻي جي چانڊڪا اسپتال نيو ويو جتي علاج دوران سندس ساهه جي تند ٽٽي پئي ڊاڪٽرن سندس وفات جو ڪارڻ مادي بقايا نمبر 21 ڏسو صفحو 5

ڪيرو: ثقافتي ڏهاڙي جي سلسلي ۾ ڪرايل ميچ ڪچهري جو ڏيک

ڪپرو سياسي سماجي اڳواڻ سيد جي ايم شاهه جي والده وفات ڪري وئي

ڪپرو(ن ع) ڪپرو سياسي سماجي اڳواڻ سيد جي ايم شاهه قاسم شاهه اشرف شاهه جي والده ڪجهه عرصو بيمار رهڻ بعد وفات ڪري وئي مرحوم جي جنازي نماز ۾ سياسي سماجي اڳواڻن عمر گل هنگورجو فقير محمد اسماعيل درس شوڪت علي هنگورجو . قلندر حمزو خان درس .چوڌري لياقت راجپوت الله بچايو ٿيبو ماما حاجي هارون هنگورجو بقايا نمبر 25 ڏسو صفحو 5

سکر ريجن ۾ ڪليل ڪچهريون تيزي سان جاري آهن: سيد محمود علي شاهه

وفاقي محتسب جو اصل مقصد ماڻهن تائين انصاف پهچائڻ آهي

کليون ڪچهريون عوامي مسئلن جي فوري حل جو مضبوط ذريعو بڻجي ويون آهن

سکر (بيورو رپورٽ) ريجن ۾ کلي ڪچهريون عوامي مسئلن جي فوري حل جو مضبوط ذريعو بڻجي ويون آهن. شهري ماڻهن جو اعتماد وڌي رهيو آهي سيد محمود علي شاهه ان سلسلي ۾ وفاقي محتسب اعليٰ جا ريجنل ڊائريڪٽر سکر ريجنل آفيس ۾ روهڙي پريس ڪلب جي صحافين سان تفصيلي ملاقات دوران چيو ته وفاقي محتسب اعليٰ اعجاز احمد قريشي جي عوام دوست وژن واضح پاليسي ۽ خاص هدايتن تحت سکر ريجن ۾ کليل ڪچهريون تيزي سان جاري آهن جيڪي شهري ۽ ڳوٺاڻن ماڻهن کي فوري رليف پهچائڻ ۾ اهم ڪردار ادا ڪري رهيون آهن هن چيو ته وفاقي محتسب جو اصل بقايا نمبر 24 ڏسو صفحو 5

اسلام آباد: مقامي گيلري ۾ مصور اڪرم دوست جي تصويرن جي نمائش هڪ ناري ڏسي رهي آهي

راضيديرو واسين سان ٽانڊي ويجهو حادثو هڪ ڄڻو فوت، 6 ڄڻا زخمي

ڪراچي کان واپس ايندي ڊوم ٻيٺل ٽريڪٽر ٽراليءَ سان ٽڪرائجي وئي

حادثي ۾ هدايت الله شيخ، مظهر علي، ڪنول، عليزا ملاح ۽ ٻيا زخمي ٿي پيا

راضيديرو(ن ع) راضيديرو پرسان ڳوٺ مراد مرڪنڊ جا رهواسي ڊوم تي ڪراچيءَ کان واپس اچي رهيا هئا ته ٽانڊي ويجهو روڊ ڪناري تي ٻيٺل ٽريڪٽر ٽراليءَ سان ٽڪر ٿي پيو جنهن جي نتيجي ۾ هدايت الله شيخ موقعي تي فوت ٿي ويو ،جڏهن ته ڇهه ماڻهو جن ۾ مظهر علي شيخ ، وزير علي ملاح ، ڪنول زال قربان علي ملاح ، عليزا ڌيءَ فوزيه ملاح ۽ بينظير زال وزير علي زخمي ٿي پيا. موقعي تي پوليس ۽ ريسڪيو ٽيمن پهچي زخمين کي ٽانڊي اسپتال منتقل ڪيو جتي زخمين جي نازڪ صورتحال کي ڏسندي کين نوابشاهه اسپتال ريفر ڪيو ويو زخمين ٻڌائيندي چيو ته حادثو تيز رفتار ۽ اوچتو ڪنٽرول وڃائڻ بقايا نمبر 5 ڏسو صفحو 5

حيدرآباد ۾ پ پ اڳواڻ عاشق حسين زرداري جي جام فريد لاکو سان والده جي وفات تي تعزيت

پاڪستان پيپلز پارٽي هميشه سنڌ ۽ ملڪ جي ترقي لاءِ ڪم ڪيو آهي: عاشق حسين زرداري

بلاول ڀٽو جي قيادت ۾ پارٽي عوام جي خدمت ڪري رهي آهي

حيدرآباد (پ ر) پاڪستان پيپلز پارٽي جي اڳواڻ عاشق حسين زرداري حيدرآباد پهچي حيدرآباد يونين آف جرنلسٽس جي جنرل سيڪريٽري جام فريد لاکو سان سندس والده جي لاڏاڻي تي تعزيت ڪئي. پاڪستان پيپلز پارٽي جي اڳواڻ عاشق حسين زرداري مومن نگر قاسم آباد، حيدرآباد پهچي حيدرآباد يونين آف جرنلسٽس جي جنرل سيڪريٽري جام فريد لاکو پيپلزپارٽي جي اڳواڻ زوار جانب لاکو ۽ سنڌ ترقي پسند پارٽي جي اڳواڻ اسلم عرف ڪامريڊ لالو لاکو جي والده جي لاڏاڻي تي تعزيت ڪئي ۽ مرحوم جي مغفرت لاءِ دعا ڪئي. ان موقعي تي عاشق حسين زرداري چيو ته پاڪستان پيپلز پارٽي هميشه بقايا نمبر 6 ڏسو صفحو 5

حيدرآباد: پيپلز پارٽي جو اڳواڻ عاشق حسين زرداري ايڇ يو جي جي جنرل سيڪريٽري جام فريد لاکو سان سندس والده جي لاڏاڻي تي تعزيت ڪري رهيو آهي

ميئر حيدرآباد ايم ڪيو ايم جي ترقياتي اسڪيمن تي پنهنجون تختيون لڳائي پيو:صابر قائمخاني

صوبائي وزير جام خان شورو جي هدايتن تي ميئر حيدرآباد غيرقانوني ڪم ڪري رهيو آهي

اسان جون آئيل ترقياتي اسڪيمن جي ڪمن ۾ پ پ رڪاوٽ وجهي پئي، عدالت وينداسين

حيدرآباد(اسٽاف رپورٽر)ايم ڪيو ايم پاڪستان جي چونڊيل سنڌ اسيمبلي ميمبر صابر حسين قائم خاني ڪالهه حيدرآباد پريس ڪلب ۾ ناصر حسين راشد خان سان گڏ پريس ڪانفرنس ڪندي انڪشاف ڪيو آهي ته صوبائي وزير جام خان شورو جي هدايتن تي ميئر حيدرآباد ايم ڪيو ايم جي ايم پيز ايم اين اي جي ترقياتي اسڪيمن تي پنهنجون تختيون لڳائي رهيو آهي. هن چيو ته صوبائي وزير خان شورو ڪائون ۽ پلاننگ جو ڪاتو ملڻ ڪانپوءِ پنهنجي ڀاءُ ميئر حيدرآباد ڪاشف شورو تي وڌيڪ مهربان ٿي ويو آهي ۽ ايم ڪيو ايم جي چونڊيل وفاقي توڙي صوبائي اسيمبلي جي ميمبرن کي ملندڙ حيدرآباد بقايا نمبر 10 ڏسو صفحو 5

ٽنڊو محمد خان: ذوليخان مددگار فائونڊيشن ۽ انڊس اسپتال پاران غريب عورت جو ڪامياب مفت آپريشن

غريب عورت کي سرڪاري اسپتال ۾ علاج جي سهولتون نه ملڻ سبب پرائيويٽ اسپتال ۾ منتقل ڪيو ويو

اسانجي اسپتال اندر مسڪينن جو ڪري علاج ٿيندو آهي ۽ مسرور خرچ اسپتال برداشت ڪندي آهي: ڊاڪٽر اقبال ميمڻ

ٽنڊومحمدخان(ڊ ر) ٽنڊو محمد خان ۾ ذوليخان مددگار فائونڊيشن جي چيئر پرسن رضيا سهتو پاران شهر جي غريب عورت جنهن کي ڪافي عرصي کان گلي ۾ غدود جي سخت تڪليف هئڻ سبب پريشانيون کي منهن ڏيڻ تي مجبور هئي جنهن کي سرڪاري اسپتال آندو ويو جتي سرڪار پاران علاج جون ڪي به سهولتون نه هئڻ سبب کيس شهر جي هڪ وڏي پرائيويٽ اسپتال آندو ويو جنهن کي ذوليخان مددگار فائونڊيشن جي چيئر پرسن رضيا سهتو پاران مڪمل علاج ڪرائڻ جي خاطري ڪرائيندي انڊس اسپتال ٽنڊومحمدخان جي سي اي او ڊاڪٽر اقبال ميمڻ جي سهڪار سان غريب مسڪين عورت جو آنڊس بقايا نمبر 11 ڏسو صفحو 5

راڌڻ ۾ سن رائيز پبلڪ اسڪول ۾ ثقافتي ڏهاڙو ۽ انعام ورهائڻ واري تقريب

تقريب ۾ شهر جي سياسي، سماجي صحافي ۽ علمي حلقن جي اڳواڻن جي شرڪت

پوزيشن ڪندڙ شاگردن ۽ شاگردياڻين کي مهمانن هٿان سرٽيفڪيٽ، انعام ۽ شيلڊون پيش

راڌڻ (ن ع) هر سال جيان هن سال به ثقافت جي موقع تي راڌڻ جي سن رائيز پبلڪ اسڪول ۾ سنڌ جو ثقافتي ڏهاڙو ۽ امتحان ۾ پوزيشن حاصل ڪندڙ شاگردن ۽ شاگردياڻين ۾ انعام ورهائڻ جي شاندار تقريب جوش ۽ جذبي سان منعقد ڪئي وئي تقريب ۾ شهر جي سياسي، سماجي صحافي ۽ علمي حلقن جي اڳواڻن وڏي انگ ۾ شرڪت ڪئي تقريب جي شروعات سنڌي ثقافتي روايت مطابق ٽوپي ۽ اجرڪ پارائڻ سان ٿي ننڍڙن شاگردن ڏسال لوڪ گيت ۽ ثقافتي ٽيبلوز پيش ڪري شرڪت ڪندڙن جا دل موهي ڇڏيا پوزيشن ڪندڙ محنتي شاگردن ۽ شاگردياڻين کي مهمانن هٿان سرٽيفڪيٽ، انعام ۽ شيلڊون پيش بقايا نمبر 12 ڏسو صفحو 5

پٿورو: گهرن کي لڳل باهه سبب ٿيل نقصان جو ڏيک

ٽرڪول بلاڪ ٿر تي گريجوئيٽس ٽريننگ مڪمل ڪندڙ نوجوانن جي مان ۾ مجتا تقريب

اسان وٽ ٽاپ مينيجمينٽ سميت باقي نوڪرين تي 630 ٿري نوجوان ڪم ڪن پيا:عامر بشير

ٿري نوجوان تعليم ۽ محنت جي ميدان ۾ ڪنهن کان گهٽ ناهي ٿر تيزي سان ترقي ڪري پيو

اسلام ڪوٽ (ن ع) ٿرڪول بلاڪ ٿر تي حبڪو ڪمپني طرفان ٻن سالن جي گريجوئيٽس ٽريننگ مڪمل ڪندڙ مقامي نوجوانن جي مان ۾ هڪ مجتا تقريب رکي وئي،جنهن ۾ گريجوئيشن ڪندڙ نوجوانن ۽ انهن جي والدين سميت ٻين کي گهرائي شرڪت ڪرائڻ سان گڏ مجتا ڏني وئي،تقريب کي خطاب ڪندي حبڪو ۽ ٿل نوا جي پلانٽ مينيجر عامر بشير چيو ته اسان وٽ ٽاپ مينيجمينٽ سميت باقي نوڪرين تي 630 ٿري نوجوان ڪم ڪري رهيا آهن.اسان وٽ پلانٽ ۾ مقامي انجنيئرن حوالي ٿيل آهن انهي کي هتان جا ٿري نوجوان هلائن ٿا.خوشي جهڙي ڳالهه آها آهي ته اسان کي ٻه تمام گهڻي مدد ملي رهي آهي.ٿر پاڪستان جي تقدير بدلائڻ جي سرزمين بڻجي چڪو آهي،ٿري نوجوان بقايا نمبر 17 ڏسو صفحو 5

حيدرآباد: المنظر وٽ سنڌو جي پيٽ ۾ ٻيڙي بيٺل آهي ٻئي طرف هڪ ڪٽنب جون عورتون درياهه ڪناري ڪپڙا ڌوئي رهيون آهن

چيف سيڪريٽري سنڌ سکر ۾ نيو روينيو ڪمپليڪس جو افتتاح ڪيو

ڊپٽي ڪمشنر سکر نادر شهزاد خان ۽ ٻيا انتظامي آفيسر پڻ موجود هئا

شڪايتون کڻي ايندڙن کي اطمينان سان ٻڌي مسئلن کي ترجيح بنيادن تي حل ڪيو وڃي: آصف حيدر

سکر(بيورو رپورٽ) چيف سيڪريٽري سنڌ سيد آصف حيدر شاهه جي سکر آمد چيف سيڪريٽري سنڌ ڪمشنر سکر ڊويزن عابد سليم قريشي سان گڏجي نيو روينيو ڪمپليڪس تعلقه نيو سکر جو افتتاح ڪيو انهيءَ موقعي تي هن اسسٽنٽ ڪمشنر نيو سکر جي آفيس ۾ تعلقي صالح پٽ جي اي سي ۽ مختيارڪار جي ڪمپليڪس اينڊ ريزيڊنس جي افتتاحي تختي جي پڻ نقب ڪشائي ڪئي ان موقعي تي ڊپٽي ڪمشنر سکر نادر شهزاد بقايا نمبر 22 ڏسو صفحو 5

سکر پوليس جو ڪچي جي علائقي ۾ آپريشن جاري، ڪيترائي ٺڪاڻا مسمار

پوليس مقتول صدام لاشاري قتل ڪيس ۾ گهربل جوابدارن جي گرفتاري لاءِ آپريشن ڪيو

سمورن نامزد جوابدارن کي قانون جي ڪٽهڙي ۾ آڻڻ پوليس جي پهرين ترجيح آهي: ايس ايس پي

سکر (بيورو رپورٽ) ٽائو ايئرپورٽ جي حلقي ۾ صدام لاشاري جي قتل کان پوءِ نامزد جوابدارن جي گرفتاري لاءِ پوليس ڪچي ۾ لڳاتار ڇاپا هڻي رهي آهي. آپريشن دوران جوابدارن جا ڪيترائي مبينا ٺڪاڻا ساڙي ۽ مسمار ڪيا ويا، ته جيئن ڌوهاري عنصرن لاءِ پناهه گاهون ختم ڪري سگهجن.سکر پوليس جي ترجمان موجب جوابدارن جي گرفتاري لاءِ وقت بوقت ڇاپا مار ڪارروايون بقايا نمبر 23 ڏسو صفحو 5

ڪوئيٽا: پي آءِ بي جو ڪائونٽر وائيولينٽ ايڪسٽريمزم جو پروجيڪٽ ڊائريڪٽر شاهد عمران رانجها گول ميز ڪانفرنس کي خطاب ڪري رهيو آهي

ميرپورماٿيلو ۾ جي يو آءِ پاران ڪمند جو گهٽ اگهه ملڻ خلاف احتجاجي ريلي، ڌرڻو

جي يو آءِ جي سنڌ تي سياسي سماجي اڳواڻن ۽ سول سوسائٽي پاران ريلي ڪڍي ڊي سي آفيس آڏو ڌرڻو هنيو

شگر ملز پاران آبادگارن کي چار سئو روپيا في مڻ ڪمند خريد ڪرڻ زيادتي آهي، نوٽيس ورتو وڃي: مظاهرين

آبادگارن کان ڪمند جو 6 سئو روپيا في مڻ ڏنو وڃي ٻي صورت ۾ ضلعي ۾ احتجاجي تحريڪ هلائي ويندي

ميرپور ماٿيلو (ن ع) گهوٽڪي ضلعي جي شگر ملز مافيا طرفان آبادگارن کي ڪمند جو گهٽ اگهه ڏيڻ واري عمل خلاف جمعيت علماء اسلام سنڌ تي سياسي سماجي اڳواڻن ۽ سول سوسائٽي پاران اقبال پيٽرول پمپ بقايا نمبر 26 ڏسو صفحو 5

ميرپورماٿيلو: آبادگارن سان زيادتين خلاف جيئي سنڌ محاذ ۽ جي يو آءِ پاران احتجاج ڪيو پيو وڃي

مانجهند پرسان 4 ڏينهن اڳ حادثي ۾ زخمي ٿيل نوجوان فوت، گهر ۾ ڪهرام

مانجهند (ن ع) مانجهند پرسان ڳوٺ لاڪا انڊس هاءِ وي تي گذريل 4 ڏينهن اڳ ڪار ۽ موٽر سائيڪل جي ٽڪر ۾ زخمي ٿيل موٽر سائيڪل 20 ورهين جو نوجوان لاڪا واسي نديم سومرو زخمن جا تاب نه سهندي اسپتال ۾ فوت ٿي ويو جنهن اطلاع تي سندس گهر ۾ ڪهرام مچي ويو حادثي ۾ هڪ ٻيو ابراهيم لاڪو موقعي تي فوت ٿي بقايا نمبر 27 ڏسو صفحو 5

بهاولپور: دانشور جامي چانڊيو اسلاميه يونيورسٽي بهاولپور ۾ فيض ادبي ميلي کي خطاب ڪري رهيو آهي

ميهڙ لڳ رڪشا ۽ شهزور ۾ ٽڪر، عورت سميت 6 ڄڻا زخمي

قاضي عارف ويجهو رڪشا ۽ شهزور ۾ آمهون سامهون ٽڪر ٿي پيو

حادثي سبب عورت سپائي، نيڪ محمد، مزن چانڊيو عبدالوحيد ۽ ٻيا زخمي، اسپتال منتقل

ميهڙ (ن ع) قاضي عارف پرسان روڊ تي حادثو . رڪشا ۽ شهزور گاڏي جو آمهون سامهون زوردار ٽڪر. هڪ عورت 5 ماڻهو سميت سخت زخمي . شهزور گاڏي جو ڊرائيور فران ڳوٺ وڏي بيٽل جو رهواسي رڪشا ڊرائيور عبدالوحيد چانڊيو ميهڙ وڃي رهيو هو ته سامهون ايندڙ شهزور گاڏي سان زوردار ٽڪر ٿي ويو. جنهن ۾ رڪشا ڊرائيور عبدالوحيد چانڊيو ڳوٺ بيٽل واسي نيڪ محمد چانڊيو . مزن چانڊيو ۽ عبدالرسول هڪ عورت سپائي سميت 5 ماڻهو سخت زخمي ٿي پيا . جن کي ميهڙ ويندڙ مسافرن زخمين کي ڦٽڪندي جوڳي حالت ۾ ميهڙ اسپتال منتقل ڪيو ويو آهي جڏهن ته اطلاع تي قاضي عارف بقايا نمبر 28 ڏسو صفحو 5

انڌير نگري چربٽ راجا، ٽڪي سير ڀاڄي، ٽڪي سير کاڄا

محرابپور پوليس شهرين پاران چوري ڪندي پڪڙيل جوابدارن کي منشيات ڪيس ۾ چالان ڪري ڇڏيو

هالاڻي روڊ تان موٽر سائيڪل چورائيندي شهرين ٽن جوابدارن کي سوگهو ڪري پوليس حوالي ڪيو

پوليس شاهد ۽ عابد ملڪ کي ڇهه بوتلون شراب ۽ اظهر ميمڻ کي ڇهه سئو گرام چرس ۾ چالان ڪري ڇڏيو

محرابپور (ٽ-ر) محرابپور ۾ گذريل اربع ڏهاڙي هالاڻي روڊ تان موٽر سائيڪل چورائيندي شهرين هٿان سوگهو ڪيل ٽن چاٻي چور مڱڻهار فقيرن مهتاب ۽ فياض مڱڻهار کي محرابپور پوليس شراب جي ٻن بوتلن ۾ گرفتاري ظاهري ڪندي سندن بقايا نمبر 29 ڏسو صفحو 5

ثقافتي ڏينهن جي حوالي دعوت ۾ شرڪت لاءِ ليازپليجو جاپان پهتو

سنڌي ايسوسيئيشن آف جاپان جي اڳواڻن اياز پليجي جو استقبال ڪيو

جاپان سميت دنيا ۾ پکڙيل سنڌي ماڻهو سنڌ جي نوجوانن کي روزگار ڏيارڻ ۾ مدد ڪن:اياز پليجو

حيدرآباد(اسٽاف رپورٽر) قومي عوامي تحريڪ جو سربراهه اياز لطيف پليجو سنڌي ايسوسيئيشن آف جاپان جي دعوت تي ثقافتي ڏينهن جي حوالي سان پروگرام ۾ شرڪت لاءِ جاپان جي شهر اوساڪا پهچي ويو اوساڪا ايئرپورٽ تي سنڌي ايسوسيئيشن آف جاپان جي اڳواڻن اياز لطيف پليجي جو شاندار استقبال ڪري ڪيس اجرڪون اوڍايون اڳواڻن سان ڳالهائيندي اياز لطيف پليجي چيو ته دنيا ۾ پکڙيل جاپان، آمريڪا، برطانيا سميت دنيا ۾ پکڙيل سنڌي ماڻهو سنڌ ۾ ويٺل نوجوانن کي اعليٰ تعليم ۽ روزگار جا موقعا فراهم ڪرڻ ۾ مدد ڪن ميرٽ سان مشڪلاتن جو مقابلو ڪري سگهجي ٿو بقايا نمبر 30 ڏسو صفحو 5

ڊگهڙي ۾ مختيارڪار پاران رشوت طلب ڪرڻ خلاف شهرين جو احتجاج

ڊگهڙي(ن ع) مختيارڪار ڊگهڙي طرفان فوتي کاتي ۾ تبديلي تي شهرين کان رشوت طلب ڪرڻ معاملو ڊگهڙي پريس ڪلب پهچي ويا تفصيل موجب ڊگهڙي جي سياسي سماجي شخصيت چوڌري احسن گل ڊگهڙي پريس ڪلب پهچي ميڊيا آڏو هٿندي چيو ته ڪجهه عرصو اڳ اسانجو چاچو چوڌري جاويد گل فوت ٿي ويو هو بقايا نمبر 31 ڏسو صفحو 5

ڪنري: واٽر سپلاءِ جي پلاٽ تي غير قانوني دڪان جي اڏاوت جو ڪم هلندڙ آهي

پٿورو پرسان پورهيت جي گهر کي باهه، الهه تلهه رک

پٿورو(ن ع) پٿورو پرسان وڏيرو عاشق حسين چوڙو جي ٻني ۾ ويٺل پورهيت ڪانجي ڪولهي جي گهر کي اچانڪ باهه لڳي وئي باهه لڳڻ سبب گهر ۾ پيل اناج ڪپڙا بسترا ۽ ضروري سامان سمورو سڙي رک ٿي ويو پورهيت پنهنجي جان بچائي سگهيا ۽ پنهنجي مدد پاڻ تحت باهه وسائي سگهيا گهر ڌڻيءَ رستو نه بقايا نمبر 32 ڏسو صفحو 5

ٺٽو: 1122 ريسڪيو سروس پاران ڪينجهر ڍنڍ تي ٻيڙي ۽ هاءِ وي لاءِ 110 ايمبوليسنز جو افتتاح

پهرين مرحلي ۾ 10 ٽوپن تي مشتمل ريسڪيو ٻيڙي ۽ هاءِ وي لاءِ ايمبوليسنز ۽ بائيڪ ريسڪيو سروس متعارف

سروس کي وڌائي سنڌ جي سامونڊي ۽ دريائي حدن تائين ريسڪيو سهولتون فراهم ڪيون وينديون:رياض شاهه شيرازي

مختلف واهن شاخن ۾ امڪاني واقعن دوران 1122 ريسڪيو سروس جا ٽوپا ۽ ٻيڙي انتهائي ڪارآمد ثابت ٿيندا

ٺٽو (ڊ ر) 1122 ريسڪيو سروس پاران سنڌ حڪومت جي سهڪار سان ڪينجهر ڍنڍ تي ريسڪيو لاءِ هڪ ٻيڙي ۽ سڄي سنڌ ۾ هاءِ ويز تي حادثن دوران ريسڪيو لاءِ 110 ايمبوليسنون فراهم ڪرڻ جو فيصلو بقايا نمبر 33 ڏسو صفحو 5

عمرڪوٽ ۾ بزم صوفياءِ سنڌ جو ڀارتي وزير خلاف احتجاجي مظاهرو

هندستاني وزير جو بيان بدحواسي ۽ پاڳل پڻي جو سرهون منت آهي:ارباب نيڪ محمد

ابن الحوقل جي ناهيل نقشي مطابق سنڌ تاجڪستان ازبڪستان، جيسلمير جوڌپور ۽ احمدآباد تائين هئي

عمرڪوٽ(ڊ ر) بزم صوفياءِ سنڌ طرفان عمرڪوٽ ۾ هندوستاني دفاعي وزير راجناٿ سنگهه جي سنڌ بابت ڏنل شرانگيز بيان خلاف بزم صوفياءِ سنڌ جي سرڪزي صدر ارباب نيڪ محمد، گهنشام سينگهواڻ لجپت مالهي شوڪت آڏيپوري، راجا محمود، عبدالغفار ناگوري ۽ ٻين جي اڳواڻي ۾ ريلي ڪڍي پريس ڪلب عمرڪوٽ آڏو احتجاجي مظاهرو ڪري نعريبازي ڪئي مظاهري دوران ٽريڊر موڊي ۽ راجناٿ سنگهه جا پتلا ساڙي ساڻن سخت نفرت جو پڻ اظهار ڪيو ويو مظاهري کي خطاب ڪندي ارباب نيڪ محمد چيو ته هندستاني وزير جو بيان بدحواسي ۽ پاڳل پڻي جو سرهون منت آهي جڏهن ته سنڌ هند بقايا نمبر 34 ڏسو صفحو 5

راڌڻ: مقامي اسڪول پاران ثقافتي ڏهاڙي جي موقعي تي ٻارڙيون ٽيبلو پيش ڪري رهيون آهن

سنڌ جي شاندار تهذيب، روايتون ۽ ثقافتي ورثو اسان جي سڃاڻپ آهن:سلمان عبدالله مراد

ڪلچرل ڊي رڳو خوشي نه پر پنهنجي ٻولي، ورثي ۽ روايتن کي ايندڙ نسلن تائين منتقل ڪرڻ جو ڏينهن آهي

جيڪي قومون پنهنجي تاريخ ۽ ثقافت وساري ڇڏين ٿيون، اهي وقت سان گڏ ختم ٿي وينديون

ڪراچي (بيورو رپورٽ) ڊپٽي ميئر ڪراچي سلمان عبدالله مراد سنڌي ڪلچر ڊي جي موقع تي بلدير عظميٰ ڪراچي جي هيڊآفيس جي لان تي منعقد ٿيل تقريب کي خطاب ڪندي چيو ته سنڌ جي شاندار تهذيب، روايتون ۽ ثقافتي ورثو اسان جي سڃاڻپ آهن ۽ هن ڏينهن کي پرپور جوش ۽ جذبي سان ملهائڻ اسان سڀني جي گڏيل ذميواري آهي. هن چيو ته سنڌي ٽوپي ۽ اجرڪ عزت، وقار، محبت ۽ مهمان نوازي جون علامتون آهن، هي اسان جي صدين پراڻي سڃاڻپ آهن جيڪي هميشه قائم رهنديون. ان موقعي تي حبيب الدين بقايا نمبر 35 ڏسو صفحو 5

سکر ۾ مغوي علي اصغر منگريو جي بازيابي لاءِ وارثن جو 791 ڏينهن کان احتجاج جاري

سکر (بيورو رپورٽ) اغوا ٿيل معصوم علي اصغر منگريو جي بازيابي لاءِ سکر پريس ڪلب جي سامهون 791 ڏينهن کان احتجاج جاري آهي هو اڄ تائين بازياب نه ٿيو آهي ۽ جڏهن ته علي اصغر جي اغوا ڪندڙن ۽ پيندڙن لاءِ نامزد ڊي ايس پي بقايا نمبر 36 ڏسو صفحو 5

ڪراچي: ڊپٽي ميئر سلمان عبدالله مراد سنڌي ثقافت جي ڏهاڙي جي حوالي سان بلديه ڪراچي ۾ منعقد ڪيل تقريب کي خطاب ڪري رهيو آهي

سکر پوليس پاران قتل جي مقدمي ۾ گهربل اشتهاري مُلزم کي گرفتار ڪرڻ جي دعويٰ

سکر(بيورو رپورٽ) ايس ايس پي سکر اظهر خان جي هدايت تي سکر پوليس پاران ڏوهن ۾ ملوث، روپوش ۽ اشتهاري ملزمن خلاف ڪريڪ ڊائون جاري آهي گذريل ڏينهن ٽائو روهڙي پوليس اهم ڪارروائي ڪندي قتل جي مقدمي ۾ گهربل اشتهاري مُلزم فرمان علي کي گرفتار بقايا نمبر 37 ڏسو صفحو 5

خيرپور ويجهو گهر جي ڇت ڪرڻ سبب پيءُ معصوم پٽ سميت دٻجي فوت، هڪ ٻار زخمي

ڳوٺ محمد حسين چانگ ۾ پيش آيل واقعي ۾ نعيم سنڌس 13 ورهين جو پٽ فرمان فوت ٿي ويا

فوتين ۽ زخمي خالد کي اسپتال منتقل ڪيو، لاش ضروري ڪارروائي بعد گهر پهتا ته ڪهرام مچي ويو

خيرپور(ڊ ر) خيرپور جي علائقي پڪا چانگ ۾ گهر جي ڇت ڪرڻ سبب پيءُ ۽ پٽ فوت ٿي ويا، جڏهن ته هڪ شخص زخمي ٿي پيو لاشون گهر پهچڻ تي ڪهرام مچي ويو.تفصيل موجب پڪا چانگ جي بقايا نمبر 38 ڏسو صفحو 5

پاڪستان ۽ ايران عوامي ڀلائي لاءِ نوان موقعا پيدا ڪندا: ڪميل حيدر شاهه

مقامي سطح تي تعاون سان رڳو سهولتون نه پر خطي ۾ مذهبي سياحت کي به فروغ ملندو

ٻنهي ملڪن جي وفدن جي شروعاتي دورن سان باهمي لاڳاپا وڌيڪ مضبوط ٿيندا

سکر (بيورو رپورٽ) ضلعي ڪائونسل سکر جي چيئرمين ڪميل حيدر شاهه ۽ ايراني ڊائريڪٽر پاڪ مزار ڪاظمين شريف جي وچ ۾ هڪ اهم ملاقات ٿي جنهن ۾ پاڪستان ۽ ايران جي وچ ۾ مقامي حڪومت، مذهبي ۽ انتظامي شعبن ۾ تعاون جي فروغ سان لاڳاپيل مختلف معاملن تي تفصيلي صلاح مشورا ڪيا ويا ملاقات ۾ ٻنهي طرفن کان زائرين جي سفر رهائش، سيڪيورٽي ۽ انتظامي سهولتن کي وڌيڪ بهتر بڻائڻ تي خاص غور ڪيو ويو ان سلسلي ۾، اهو فيصلو ڪيو ويو ته ٻئي ملڪ زائرين لاءِ گڏيل طور تي سهولتون وڌائيندا ۽ ان مقصد لاءِ گڏيل قدمن جو روڊ ميپ پڻ طئي ڪيو ويو بقايا نمبر 39 ڏسو صفحو 5

سکر: ضلعي ڪائونسل جو چيئرمين ڪميل حيدر شاهه ۽ حرم ڪاظمين جو مدير ڊاڪٽر جناب احمد ملاقات ڪري رهيا آهن

ڪراچي: ڪياماڙي موچڪو پوليس ڪارروائي، ڪروڙين رپين جا نان ڪسٽم موبائل فون برآمد

ڪياماڙي موچڪو (بيورو رپورٽ) ڪراچي پوليس خفيه اطلاع تي وڏي ڪارروائي ڪندي ڪروڙين رپين جا نان ڪسٽم ايس ايس پي .موبائل فونز برآمد ڪري ورتا ڪيماڙي امجد احمد شيخ موجب ڪارروائي دوران ٻه جوابدار سجاد ۽ نور حسن گرفتار پوليس موجب آلتو ڪار مان ڪيا ويا آهن بقايا نمبر 40 ڏسو صفحو 5

سجاول پوليس جون ڪارروايون، منشيات هٿ، روپوش جوابدار سميت 3 ڄڻا گرفتار

سجاول (ڊ ر) ايس ايس پي سجاول عليند راجپر جي هدايتن تي روپوش جوابدارن ۽ گٽڪو مٽيريل وڪرو ڪندڙ خلاف پوليس ڪارروايون. پوليس ترجمان موجب، ايس ايڇ او سجاول مير محمد گاڏهي پاران چيڪنگ دوران هڪ ڪلٽس ڪار (AYQ-495 سُليٽي رنگ) کي شڪ جي بنياد تي بقايا نمبر 41 ڏسو صفحو 5

مٽياري پوليس جون ڪارروائيون، هٿيار ۽ منشيات هٿ، چار ڌوهاري گرفتار

مٽياري (ڊ ر) سي آئي اي انچارج خادم حسين پٽي پوليس نفري سان گڏ جاکهري ٿاڻي جي حدن ۾ ٻن الڳ الڳ ڪارروائين ۾ هڪ عادي ڌوهاري ۽ هڪ منشيات فروش گرفتار ڪري ورتو پهرين ڪارروائي ۾ ايس ايم بجاءِ بند وٽان عادي ڌوهاري شعيب ڳهيلو کي گرفتار ڪري سندس قبضي مان هڪ عدد پسٽل ۽ 3 گوليون بقايا نمبر 42 ڏسو صفحو 5

شهدادپور ۾ ميونسپل ملازمن پاڻ کي ڦاهو ڏئي آپگهات ڪري ڇڏيو

هرداس پوره ۾ 40 ورهين جي وجي پاڻ کي ڦاهو ڏنو ته گهرن لاهي اسپتال منتقل ڪيو

اسپتال ۾ حالت ڳڻتي جوڳي هجڻ ڪري حيدرآباد نيو پئي ويو ته فوت ٿي ويو

شهدادپور(ن ع) شهدادپور جي هرداس پوره علائقي ميونسپل ڪميٽي صفائي واري ملازم 40 سالا نوجوان وجي ڪمار بقايا نمبر 43 ڏسو صفحو 5

خيرپور لڳ ٽريڪٽر ٽرالي موٽرسائيڪل مٿان چڙهي وئي، هڪ ڄڻو فوت ٻيو زخمي

خيرپور(ڊ ر) خيرپور ۾ پوليس ٽريننگ سينٽر جي سامهون ٽريڪٽر ٽرالي موٽرسائيڪل تي چڙهي وئي ، جنهن سبب موٽرسائيڪل بقايا نمبر 44 ڏسو صفحو 5

هي اخبار پرنٽر ناصر جمال سومرو پاپولر پرنٽرز مان ڇپرائي، عبرت گروپ آف پبليڪيشنز جي، تحت عبرت بلڊنگ گاڏي کاتو حيدرآباد مان ڇپرائي، جاري ڪئي.